راڳ نامون

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

راڳنامون

درگاهہ شاهہ عنايت الله شهيد، جهوڪ تي ٿيندڙ راڳ جو يادگار

راڳ جو باني

فقير صاحب محمد صديق رحہ صوفي

تصحيح ۽ مقدمو

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ثقافت کاتو حکومت سنڌ

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ آهن

ڪتاب:	راڳنامو
تصحيح ۽ مقدمو:	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
پروف ريڊنگ:	ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو
ڪمپوزنگ:	عيسيٰ بلوچ
ڇاپو پهريون:	1981ع
ڇاپو ٻيو:	جون 2012ع
تعداد:	هڪ هزار ڪاپيون
ڇپيندڙ:	احمد بلاڪ ورڪس، ڪراچي
ڇپائيندڙ:	ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ
قيمت:	270/- رپيا

Title of Book:	Ragnamo
Compiled by:	Dr. Nabi Bux Khan Baloch
Proofreading:	Dr. Kamal Jamro
Composed by:	Essa Baloch
Quantity:	1000
Printed by:	Ahmed Block Works, Karachi
Published by:	Culture Department, Govt. of Sindh
Price:	270/=

ملڻ جو هنڌ

ثقافت کاتي جو بڪ اسٽال

سامهون ايم پي اي هاسٽل

غلام حسين هدايت الله روڊ، صدر، ڪراچي سنڌ

ڇپائينڌڙ پاران

سنڌ جو ثقافت کاتو سنڌ ٻوليءَ، ادب، ثقافت ۽ فن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات جاکوڙي رهيو آهي. ان حوالي سان مختلف منصوبن تي ڪم هلي رهيو آهي. جڏهن تہ ڪيترين ئي رٿائون مڪمل بہ ٿي چڪيون آهن.

ڪتابن شايع ڪرائڻ جون بہ مختلف رٿائون آهن. انهن مان هڪ رِٿا اِها آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي اهڙن ناياب ڪتابن کي ٻيهر ڇپرايو وڃي، جيڪي اڻلڀ ٿي ويا آهن. اهڙن ڪتابن مان "راڳ نامون" بہ هڪ آهي. هيءُ راڳ نامون فقير صاحب صوفي محمد صديق سومري جو آهي. ان ڪتاب کي دنيا جي مڃيل عالم، اديب، محقق، لوڪ ادب جي ماهر، لغت نويس ۽ ڪلاسيڪي ادب جي ڄاڻوءَ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، صوفي صاحب جي پوئلڳن وٽان هٿ ڪري، سوڌي سنواري ۽ تحقيق ڪري منظرعام تي آندو آهي. بلوچ صاحب تنهن وقت بين الاقوامي اسلامي يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر ۽ پاڪستان نيشنل هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل ريسرچ انسٽيٽيوٽ جو ڊائريڪٽر هو.

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو 1981ع ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز پاران ڇپرايو ويو. ان وقت ان مرڪز جو اعزازي سيڪريٽري عبدالحميد آخوند هو. ڪتاب جي ٻئي ڇاپي شايع ڪرائڻ جو اعزاز ثقافت کاتي کي حاصل ٿي رهيو آهي. ٻئي ڇاپي جو مسودو نوجوان محقق ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙي حوالي ڪيو ويو. جنهن پروف ريڊنگ وغيره ڪري، پريس ڪاپي تيار ڪئي. هن ڪتاب جي ڇپائيءَ جي مرحلن جي نگراني ڊائريڪٽر جنرل ڪلچر رفيق احمد ٻرڙي ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر اعجاز احمد شيخ احسن طريقي سان ڪئي.

فقير صاحب محمد صديق صوفي بمعروف صادق فقير، درگاهہ شاهہ عنايت الله شهيد جهوڪ واري جو عقيدت مند هو. هو جهوڪ شريف ايندو ويندو رهندو هو ۽ اتان جي صوفي روايتن جو مڃيندڙ هو. خاص طور تي اتي جيڪو راڳ ٿيندو آهي ان ۾ سندس وڏو حصو هو. ان درگاهہ تي ٿيندڙ روحاني راڳ جو هو باني پڻ هو. هيءُ راڳ نامو درگاهہ شاهہ عنايت شهيد جو يادگار ذڪر آهي. هيءُ ڪلام اڄ بہ ان درگاهہ تي ڳايو وڃي ٿو ۽ هزارين پانڌيئڙن ڪي روحاني رمزون ٻڌائڻ سان گڏ دلي سڪون بہ پهچائي ٿو. ڏينهون ڏينهن سندس عقيدت مندن جو انگ وڌندو وڃي ٿو. سنڌ جو صوفي ازم پکڙبو وڃي ٿو. هتي ڪو بہ مذهبي مت ڀيد ۽ نسلي تعصب ناهي، سڀ انسان برابر آهن. امن، محبت ۽ ڀائيچاري جو درس انهن درگاهن وٽان ملي ٿو.

سنڌ جو ثقافت کاتو امن، محبت، ڀائيچاري ۽ انسانيت جي پيغام کي ڳڌيڪ ماڻهن تائين پهچائڻ ۾ انتهائي خوشي محسوس ڪري رهيو آهي. ان سان گڏ محققن کي دعوت بہ ڏئي ٿو تہ خاص ڪري درگاهہ شاهہ عنايت شهيد، صوفي محمد صديق ۽ ان سلسلي جي ٻين بزرگن ۽ شاعرن تي وڌيڪ تحقيق ڪري، سندن پيغام کي اڳتي وڌائن.

ڪراچي، 2012_06_11

عبدالعزيز عقيلي
سيڪريٽري
ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

مهاڳ

هي "راڳنامو"، فقير صاحب محمد صديق رح جي شروع ڪرايل راڳ جو يادگار آهي، جنهن جي تحقيق ۽ اشاعت سنڌي ٻوليءَ جي ادب ۽ ثقافت ۾ خاص اهميت رکي ٿي. بنيادي طور ڪلام جو هيءُ ذخيرو "صدائن" (واين) ۽ "بيتن" جي سناءَ سان مختلف سرن ۾ ورڇي "راڳنامي" طور مرتب ڪيو ويو ۽ انهيءَ لحاظ سان سنڌي راڳ جي تاريخ ۾ ان جي هڪ خاص اهميت آهي. ٻيو ته ڪلام جو هيءُ ذخيرو سنڌي آساسي شاعري جي دائري ۾ شامل آهي. اها شاعري جنهن ۾ سنڌ جي روشن ضمير شاعرن خالق ۽ مخلوق جي رشتن، حق ۽ حقيقت جي نڪتن، انساني اخلاق جي اعليٰ قدرن ۽ خاص طرح عشق ۽ محبت جي نازڪ ناتن کي پنهنجي پياري ٻوليءَ ۾، پنهنجي ماحول جي مثالن سان، دلپذير نموني ۾ بيان ڪيو آهي.

هن قسم جي ڪلام جا ذخيرا، سنڌي آساسي شاعريءَ جا اهم دستاويز آهن ۽ ضروري آهي ته اهڙا اهم ذخيرا ڳولي هٿ ڪري شايع ڪيا وڃن ته جيئن سنڌي ٻولي ۽ سنڌي شاعريءَ جي تاريخ روشن ٿئي. انهيءَ مقصد خاطر راقم گهڻي وقت کان وٺي اهڙي تلاش ۽ تحقيق ۾ رڌل رهيو آهي. ڪافي عرصو ٿيو جو مرحوم نواب محمد علي خان لغاري تاجپوري کان هن "راڳنامي" جي قلمي نسخي جو پتو پيو ۽ مون کين استدعا ڪئي ته جيڪڏهن اهو نسخو ملي سگهي ته آئون ان کي ڪوشش ڪري صحيح نموني ۾ اُتاريان ته جيئن اهو ڇپجي سگهي. نواب صاحب مرحوم منهنجو ذوق ڏسي اهو قلمي نسخو هٿ

ڪري پاڻ اُتارايو ۽ پوءِ هڪ ڏينهن اهو اُتارو توڙي اصل قلمي نسخو مون کي ڏيکاريائين. مون هڪ ٻه ورق پيٽي ڏٺا ۽ معلوم ٿيو ته اُتاريندڙ ۾ ايتري لياقت ڪانه هئي جو اصل قلمي نسخي کي صحيح طور سمجهي ۽ صحيح نموني ۾ اُتاري. نواب صاحب مرحوم چيو ته هيءُ قلمي نسخو جلد ڏٽين کي موٽائي ڏيڻو آهي. پر ان کي ٻيهر صحيح طور اُتارڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. اهو نيڪ مقصد البت پورو ٿي نه سگهيو ۽ نواب صاحب اسان کان جدا ٿي ويو.

ان بعد پنهنجي استاد محترم حاجي سومر خان لغاري ٭ کي آماده ڪيم، جنهن کي صوفي شمشاد عباس صاحب جي سفارش سان ۽ جناب عطاءُالله صاحب ستاري (سجاده نشين درگاهه جهوڪ) جي مهربانيءَ سان "راڳنامي" جو اصل قلمي نسخو (جيڪو مون ڪنهن وقت نواب محمد علي خان مرحوم وٽ ڏٺو هو) ملي ويو. حاجي سومر خان اهو نسخو مون کي ڏيکاريو ۽ پوءِ ڏنل هدايتن موجب ان کي سهڻي نموني سان نقل ڪيو. انهيءَ نقل کي اصل سان ڀيٽي تصديق ڪئي وئي ته جيئن ڪا به غلطي نه رهي. جيتوڻيڪ ڇاپي ۾ ڏنل متن اصل "راڳنامي" جي قلمي نسخي مطابق آهي، مگر اصل نسخو ڪن جاين تي صحيح لکيل ناهي ۽ هن ڇاپي ۾ اهي عبارتون اصل صورتخطيءَ مطابق ئي ڏنيون ويون آهن. البت اسان پنهنجي ڄاڻ موجب آخر ۾ هڪ تفصيلي "صحت نامو" ڏنو آهي، جنهن ۾ ڇاپي جي غلطين کان سواءِ ڪن اصل لفظن ۽ فقرن جي صحيح صورت ڏانهن پڻ اشارو ڪيو آهي.

"راڳنامي" جي اصل نسخي کي جاچڻ سان معلوم ٿيو ته جيتوڻيڪ آخر ۾ ڪتاب جو نالو لکيل ڪونهي، مگر ان جي لکجي پوري ٿيڻ جو سنه ڏنل آهي، جنهن جو اڌ ڪن ميسارجي ويو آهي. البت ٻارهن جو انگ ظاهر آهي پر ان

٭ *استاد حاجي سومر خان ۽ سندس وڏا پشتان پشت فقير صاحب محمد صديق ۽ سندس سجاده نشينن جا مريد ۽ درگاهه شاهه عنايت الله شهيد، جهوڪ جا معتقد آهن.*

کان پوءِ وارا عدد ڏهي چڪا آهن. هن طرح ”......12“. ان مان ظاهر آهي ته ”راڳنامي“ جو هيءُ نسخو تيرهين صدي هجري ۾ لکجي پورو ٿيو. گمان غالب آهي ته اهو خود فقير صاحب محمد صديق جي حياتيءَ ۾ (سنڌس وفات 1265ھ/1848ع) يا ڪجهه پوءِ (پر سنه 1300 کان اڳ) لکجي پورو ٿيو.

اميد ته هن قيمتي ڪلام جي ڇپجڻ سان سنڌ ۾ ”روحاني تسڪين واري راڳ“ جي روايت وڌيڪ روشن ٿيندي ۽ پڻ سنڌي اَساسي شاعري بابت اسان جي موجوده ڄاڻ ۾ اضافو ٿيندو. هيءَ ”راڳنامو“ توڙي ان ۾ شامل ڪلام، شاهه جي راڳ ۽ ”شاهه جي رسالي“ کي پنهنجي نوع نموني جي لحاظ سان وڌيڪ ويجهو آهي، بلڪ شاهه جي راڳ ۽ رسالي جو آئينو آهي. انهيءَ لحاظ سان شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي ڪميٽي طرفان ان جو ڇپجڻ هڪ نيڪ فال آهي.

ڪميٽيءَ طرفان هن تحقيقي سلسلي جي اشاعت ۾ ثقافتي ڪميٽي جي اعزازي سيڪريٽري محترم عبدالحميد آخوند جيڪا ڪوشش ڪئي آهي سا قابل تعريف آهي.

هن ”راڳنامي“ جي اصل نسخي هٿ ڪرڻ ۽ ان کي سهڻي نموني سان اُتارڻ ۾ استاد حاجي سومر خان لغاري جنهن محبت ۽ محنت سان مدد ڪئي تنهن لاءِ آئون سندس بيحد ممنون آهيان. پنهنجي رفيقن سان استاد محمد اسماعيل شيخ، محترم ممتاز مرزا ۽ محترم عابد بلوچ جا ٿورا جو هنن ”راڳنامي“ جي ڇپائي ۽ پروفن پڙهڻ جو بار پنهنجي ذمي کيو ۽ ان کي خوش اسلوبيءَ سان پورو ڪيائون.

اسلام آباد	خادم العلم
13. جمادالثاني 1401ھ	نبي بخش
(19. اپريل 1981ع)	

عنوانن جي فهرست

1. سرُ ڏهر	....	1
2. سرُ وهاڳڙو	....	13
3. سرُ راڻو	....	21
4. سرُ ساموندي	....	31
5. سرُ کنيات	....	41
6. سرُ ليلان چنيسر	....	48
7. سرُ رپ	....	53
8. سرُ آسا	....	60
9. سرُ ڪاپائتي	....	64
10. سرُ مارئي	....	70
11. سرُ ڪلياڻ	....	83
12. سرُ سهڻي	....	104
13. سرُ گهاتو	....	112
14. سرُ ڏناسري	....	117
15. سرُ موکي	....	125
16. سرُ سسئي	....	132
17. سرُ سارنگ	....	163
18. سرُ سورٺ	....	175

19. سرُ کيڏارو	....	187
20. سرُ سوزڙو	....	198
21. سرُ شينهَن کيڏارو	....	199
22. سرُ ڪاهوڙي	....	202
23. سرُ بلاول	....	212
24. سرُ پورب	....	219
25. سرُ ڪاموڏ	....	228
26. سرُ ڪاراپل	....	237
27. سرُ بروو	....	244

فقير صاحب صوفي محمد صديق جو مقبرو
آهر شريف
(ڳوٺ صوفي فقير، تعلقو عمرڪوٽ)

باسمہ تعاليٰ

مقدمہ

هيءَ "راڳنامو"، فقير صاحب صوفي محمد صديق سومري اڄ کان ڏيڍ سئو سال اڳ پنهنجن مرشدن جي درگاهہ "ميران پور" تي روحاني راڳ جي رسم کي قائم ڪندي يادگار طور ڇڏيو آهي. ميران پور عرف جهوڪ (تعلقو ميرپور بٺورو، ضلعو ٺٽو) جي درگاهہ جو باني عالم ۽ عارف، صوفي باصفا، قادري طريقي جو علمبردار، صاحب توڪل ۽ خوددار عنايت الله شاهہ (بن مخدوم فضل الله بن مخدوم محمد يوسف بن مخدوم ابراهيم قتال بن مخدوم شهاب الدين بن مخدوم عجائب الدين بن مخدوم صدرالدين) هو جيڪو ان وقت ٺٽي ۾ مقرر مغلن جي صوبيدار ۽ مقامي زميندارن جي سازشن سان 16 ـ صفر سنہ 1130هہ (1718ع) تي شهيد ٿيو. "شاهہ شهيد" کان پوءِ سندن فرزند صوفي عزت الله (وفات 1187هہ) سجاده نشين ٿيو ۽ شهادت واري سال کان اندازن هڪ سئو سال پوءِ سنہ 1229هہ ۾ صوفي فضل الله شاهہ هن سلسلي جو سجاده نشين ٿيو جنهن پنهنجي زهد ۽ عبادت، فيض ۽ هدايت سان "شاهہ شهيد جي درگاهہ" جو نالو روشن ڪيو.

صوفي فضل الله شاهہ قلندر

صوفي فضل الله شاهہ (بن صوفي محمد زاهد)، سجاده نشين صوفي ابراهيم شاهہ جي وفات (21ـ محرم 1229هہ) بعد سجاده نشين ٿيو ۽ 27ـ جمادالثاني 1243هہ تي وفات ڪيائين. فقير قادربخش بيدل هيٺيون تاريخي قطعو منظوم ڪيو:

بجستم سال معراجشن دلم گفت :
"مئوَحِد، عَين حق، منصور ثاني"

1243

صوفي فضل الله شاهه وڏي حال وارو اهل دل درويش هو. تقويٰ ۽ توڪل جو صاحب هو ۽ سندس قلندري صفات سببان "قلندر" جي لقب سان سڏيو ويو. فضل الله شاهه قلندر سلوڪ ۽ طريقت، اذڪار ۽ افڪار کان باخبر هو، سندس ملفوظات ۽ سالڪانہ نڪات کي سندس ڀاءُ صوفي نورالله فارسي ۾ "ارشاد نامي" جي نالي سان مرتب ڪيو. "ارشاد نامو" صوفي فضل الله شاهه قلندر جي علم ۽ فضل جو آئينو آهي.

هن صاحب سندس سجاده نشيني جي پندرهن سالن (1229ـ 1243هـ) واري عرصي ۾ صوفي قادري طريقي جي روشنيءَ ۾ اسلامي اخوت ۽ محبت جي تعليم کي پنهنجي مريدن ۽ معتقدن ۾ عام ڪيو. چئن شخصن تي سندس تربيت جو خاص اثر پيو: محمد صديق سومرو، حافظ قاضي عبدالله (مدفون ميرواهه گورچاڻي)، فتح الدين شاهه جهانيان پوٽو ۽ موٽيو حجام. اهي چارئي فيضياب ٿي شاهه قلندر جا خاص خليفا ٿيا. جيڪو اڳ "محمد صديق سومرو" هو، سو هاڻي نہ فقط سيني ۾ وڏو ۽ پيارو خليفو ٿيو. پر شاهه قلندر جي روحاني تربيت سببان پاڻ فيض جو صاحب ٿي پيو ۽ پنهنجن مريدن ۽ معتقدن ۾ "فقير صاحب" ۽ "صوفي صادق شاهه" جي خطابن سان مشهور ٿيو.

فقير صاحب محمد صديق صوفي صادق شاهه

فقير صاحب محمد صديق رحہ. شاهه عبداللطيف جي وفات (1165هـ) کان پنج سال پوءِ 1170هجري (1756ع) ۾ ڄائو. فقير صاحب جي زندگيءَ جو سربستو احوال، خاص طرح سندس اوائلي زندگيءَ جو تفصيلي

احوال اجان تحقيق طلب آهي. (1) فقير صاحب جو قبيلو سومرن جي مشهور پاڙي "مَتو" مان هو. جيڪي غالباً سنڌ جي سومرن حڪمرانن جي اولاد مان آهن. فقير صاحب جي پنهنجي پيڙهي جي روايت هن طرح آهي: فقير صاحب محمد صديق بن ميان دين محمد بن جلال الدين بن سعيد فقير بن محمد بن اسماعيل بن اسحاق بن محمد بن پيين بن معروف بن مَتو ُبن دودو پهريون بن پيين ُبن دودو بيو بن خفيف بن ڪارو دودو بن پونگر راءِ بن سومر راءِ عرف سومرو.

فقير صاحب سنڌ جي ٽالپر اميرن جي اوائلي حڪومت واري دور ۾ جواني جي پور ۾ آيو. سندس ڪلام ۽ تصنيف مان اندازو ٿئي ٿو تہ وقت جي رواج موجب کيس قرآن شريف ۽ فارسي جي مڪتبي تعليم سٺي ملي. پر هي نوجوان سرڪش ٿي ساماڻو ۽ ڏاڍا هنيائين ۽ ڏاڍ مڙسيءَ ۾ نالو ڪيڍيائين. غالباً چاليهن سالن جي عمر کان پوءِ جواني جي موٽ بعد سندس طبيعت فقيري ڏانهن مائل ٿي. سندس وڏا اڳ ئي فقيري حال وارا هئا ۽ سندس ڏاڏو فقير جلال الدين، شاهہ عنايت الله شهيد جو مريد هو. پر سندس والد فقير دين محمد، بلڙيءَ وارن بزرگن جو مريد ٿيو. فقير محمد صديق وري "ميران پور" جي درگاهہ ڏانهن موٽ ڪاڏي، جتي کيس خاص الخالص فيض صوفي فضل الله شاهہ قلندر کان مليو جنهن کيس ڏها ڪيڍايا ۽ مجاهدا ڪاٽايا. جن سندس اندر کي اُجاري اڇو ڪيو. هو اڳئي همت ۽ حوصلي وارو هو پر هاڻي سندس ڏاڍمڙسي ۽ سرڪشي، سلوڪ ۽ طريقت وارن مجاهدن ۽ پنهنجي نفس سان مقابلن ۾ بدلجي وئي. فضل الله شاهہ قلندر جي سجاده نشيني وارا پنڌرهن سال فقير صاحب جا غالباً "ميران پور" ۾ مرشد جي حاضريءَ ۾ گذريا ۽ انهيءَ عرصي ۾ فقير صاحب پنهنجي نفس سان ڪا وڏي ڪامياب جنگ جوٽي، جنهن جو عڪس "سر ڪيڏاري" ۾ نظر اچي ٿو.

---

(1) فقير صاحب جي سوانح ۽ ڪلام بابت جناب راج محمد پليءَ جو مضمون "صوفي صادق فقير" بهترين ڪامياب ڪوشش آهي. ڏسو رسالو "مهراڻ"، ڏهہ ساله نمبر (خاص 1955_1965ع). سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ

سنہ 1243ھ (1827ع) ۾ سندس مرشد صوفي فضل الله شاهہ قلندر وفات ڪئي. فقير صاحب جي لاءِ هڪ خاص وڏو صدمو هو. جنهن هميشہ لاءِ سندس دل ۾ درد جاڳائي ڇڏيو. هن صدمي کان پوءِ فقير صاحب پنهنجي مرشد واري واٽ ورتي، جيئن ڪيس وٽائنس فيض مليو هو تيئن ٻين کي انهي فيض مان بهرور ڪرڻ جو ارادو ڪيو. انهيءَ مقصد خاطر هاڻي گهڻو وقت "ميران پور" بدران پنهنجي ڳوٺ "آهر" (موجوده ڳوٺ صوفي فقير، تعلقو عمرڪوٽ) ۾ رهڻ لڳو جتي پنهنجي خانقاهہ قائم ڪيائين. سندس رعبدار شخصيت ۽ ان سان گڏ توڪل، زهد ۽ عبادت ماڻهن جي دلين تي وڏو اثر ڪيو ۽ سندس مريدن جو دائرو گهڻو وسيع ٿيو. "آهر" ۾ رهڻ بعد بہ پنهنجي مرشدن جي درگاهہ "ميران پور" جي حاضري ۽ خدمت ڪي دائم قائم رکيائين. فضل الله شاهہ قلندر جي وڏي خليفي جي حيثيت ۾ "ميران پور" جي وڏن سجاده نشينن بہ فقير صاحب جو احترام ڪيو. حقيقت ۾ شاهہ قلندر جي وفات بعد فقير صاحب محمد صديق ئي "ميران پور" جي صوفي قادري طريقي جو اڳواڻ ٿي رهيو ۽ "صوفي صادق شاهہ" جي لقب سان مشهور ٿيو. فقير صاحب "ميران پور" جي معتقدن توڙي پنهنجن مريدن ۾ عزت ۽ احترام واري انهيءَ اعليٰ مقام تي باقي زندگيءَ جا ويهہ-ٻاويهہ سال پورا ڪري، سنہ 1265ھ (1849ع) ۾ پنهنجي ڳوٺ "آهر" ۾ وفات ڪئي، جتي سندس مقبرو آهي ۽ هر سال سندس مريدن ۽ معتقدن جو اجتماع ٿيندو آهي ۽ ميلو لڳندو آهي. فقير صاحب کي چار فرزند ٿيا جن مان ٽن جو اولاد موجود آهي (1). خود فقير صاحب جي پنهنجي خانقاهہ جي سجاده نشيني جو سلسلو پڻ هلندو اچي ٿو ۽ هن وقت صوفي خدا دوست جو پٽ صوفي نبي بخش سجاده نشين آهي.

---

(1) ڏسو شامل شجرو.

فڪر ۾ فيض جون اعليٰ امانتون جيڪي فقير صاحب پنهنجي پويان ڇڏيون، تن مان ٿي موجود آهن: هڪ فقير صاحب جو پنهنجو ڪلام، ٻيو فقير صاحب جو تصنيف ڪيل "دردنامو" ۽ ٽيون سندس مرتب ڪيل هيءَ "راڳنامو" فقير صاحب بيتن ۽ واين جي صورت ۾ گهڻوئي ڪلام چيو جيڪو سڄو محفوظ نه رهيو آهي. (1) صوفي فضل الله شاهه قلندر واري دور (1229ـ 1243هه) کان غالباً اڳ، توڙي پوءِ پنهنجي حياتيءَ واري دور ۾ فقير صاحب گهڻو ڪلام چيو. هڪ روايت موجب، شاهه قلندر کان ڪنهن پڇيو ته: سائين، اوهان به ڪو ڪلام چيو آهي؟ جواب ڏنائون ته: ابا، اسان جو زنده رسالو صادق فقير اوهان جي اڳيان موجود آهي. (2)

سلوڪ ۽ طريقت ۾ فقير صاحب جو تصنيف ڪيل "دردنامو" خاص اهميت رکي ٿو غالباً پنهنجي مرشد صوفي فضل الله شاهه قلندر جي ملفوظات "ارشاد نامي" کان متاثر ٿي "دردنامو" تصنيف ڪيائين، جنهن ۾ "صوفي صادق شاهه" واري سندس رتبي جي جهلڪ نظر اچي ٿي. "درد نامي" توڙي فقير صاحب جي ڪلام جي تفصيلي جائزي لاءِ وڌيڪ مطالعي جي ضرورت آهي؛ في الحال اسان جو موضوع "راڳنامو" آهي، جنهن تي مختصر طور هيٺ روشني وڌي وڃي ٿي.

---

(1) فقير صاحب جي ڪلام جا هڪ کان وڌيڪ قلمي مجموعا اسان جي نظر مان گذريا آهن. تحقيق ۽ تلاش سان سندس ڪلام جو ڪافي ذخيرو سهيڙي سگهجي ٿو. هن ڏس ۾ محترم راج محمد پلي جي ابتدائي ڪوشش غنيمت آهي

(2) محترم راج محمد پلي جو مضمون "صوفي صادق فقير" اڳئين حوالي موجب، رسالو مهراڻ، ص 259

راڳنامو

سنڌي راڳ جي تاريخ جي هڪ خاص سلسلي، راڳ جي هڪ رسالي، ۽ آڳاٽي سنڌي ڪلام جي هڪ مکيه ذخيري جي لحاظ سان هيءَ "راڳنامو" خاص اهميت رکي ٿو، هيٺ انهن ٽن پهلوئن تي قدري وڌيڪ روشني وڌي ويندي.

(الف) راڳ جي تاريخي روايت: هيءَ "راڳنامو" سنڌ ۾ سماع ۽ قلبي تسڪين واري راڳ جي تاريخي روايت جو هڪ مکيه باب آهي. صوفين بزرگن وٽ "سماع" جو سلسلو حق ۽ حقيقت ڏانهن مائل ڪندڙ پاڪيزه جذبن ۽ قلبي سرور ۽ سڪون وارن احساسن، پيدا ڪرڻ خاطر شروع ٿيو (1). سنڌ ۾ ستين صدي هجري کان وٺي سماع ۾ راڳ جو سلسلو وڌيو، جيڪو ڏهين کان وٺي تيرهين صدي هجريءَ وارن چار سئو سالن جي دور ۾ اوج ۽ عروج کي پهتو. ٻارهين صدي هجري ۾ حضرت شاهه عبداللطيف رحه جي دلپذير ڪلام ۽ ان کي باقاعدي ڳائڻ سان "شاهه جي راڳ" جو بنياد پيو. ان سان گڏ ڪلام جي انهيءَ ذخيري کي هڪ رسالي يا ڪتاب جي صورت ۾ لکي گڏ ڪيو ويو. پنجاهه سال کن پوءِ اندازاً 1210_1250هه واري عرصي ۾ "شاهه جي رسالي" کي خاص طرح راڳ جي لحاظ سان سرن ۽ داستانن ۾ ورهيو ويو. اهو پهريون "راڳنامو" هو، جيڪو سنڌ ۾ مرتب ٿيو. انهيءَ کان پوءِ ٿوري عرصي بعد فقير محمد صديق رحه جي شروع ڪرايل راڳ ۽ ان راڳ ۾ ڳايل ڪلام بابت "راڳنامو" تاليف ڪيو ويو ۽ انهيءَ لحاظ سان سنڌي راڳ جي تاريخي روايت ۾ هي "ٻيو راڳنامو" هو، جيڪو شاهه جي رسالي واري "راڳنامي" کان پوءِ مرتب ٿيو.

---

(1) سنڌ ۾ سماع ۽ قلبي تسڪين واري راڳ جي تاريخي سلسلي جي تفصيل لاءِ ڏسو "سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ" (ڇاپايل شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي ڪميٽي، ڀٽ شاهه 1978ع)؛ باب پنجون، ڇهون ۽ ٻارهون.

جهوڪ جي درگاهه جو باني مبالي صوفي شاهه عنايت الله شهيد رحه قادري طريقي جو بزرگ هو. انهيءَ لحاظ سان سندس حياتيءَ واري عرصي ۾، سندس حاضري ۾ توڙي سندس فقيرن ۾، قادري طريقي جو "ذڪر" هلندڙ هوندو. سندس شهادت (1130هه) کان 8 سال کن پوءِ سندس فرزند صوفي عزت الله شاهه درگاهه تي مولودن جي سماع جو سلسلو (صفر مهيني جي 18 تاريخ جي رات) شروع ڪرايو جيڪو اڄ تائين هلندو اچي (1). صوفي فضل الله شاهه قلندر جي سجاده نشيني واري دور (1230-1243هه) ۾ سندس پياري خليفي محمد صديق سومري، شاهه شهيد جي درگاهه تي راڳ جو سلسلو شروع ڪرايو.

فقير صاحب پڻ قسمن جي راڳ جو بنياد وڌو: هڪ درگاهه جو راڳ، جنهن کي "سماع" سڏيو ويو ۽ جيڪو درگاهه تي ڳايو ويو ۽ ٻيو مرشد جي "حاضري جو راڳ" جيڪو سجاده نشين مرشد آڏو ڳايو ويو. "سماع" بنا ساز سرود جي، ۽ "حاضري جو راڳ" سازن سرودن تي ڳايو ويو. فقير صاحب محمد صديق جي وقت ۾ ڪهڙا ۽ ڪيترا فقير "سماع" ۾ شامل ٿيندا هئا. سو معلوم ناهي. چون ٿا ته فقير صاحب پاڻ به هوندو هو پر ساڻس نوازو فقير (غالباً ڪورڪاٽي بلوچ) "سماع" جو راڳائي اڳواڻ هو. ساڳئي وقت شيرو فقير مگڻهار سارنگي وارو "حاضري جي راڳ" جو ڳائڻو هو. هن پوئين دور ۾ جنهن نموني سان "سماع" پئي ٿيو آهي. سو هن طرح آهي. (2)

---

(1) اندازاً 1960ع ڌاري يا ان کان ڪجهه پوءِ فقير محمد وارث مرحوم پنهنجي آخري عمر ۾ 18 تاريخ جي رات بدران 17 تاريخ جي رات مولودن جو شغل شروع ڪرايو ۽ هاڻي مولود 17 تاريخ جي رات ٿي پڙهجن ٿا.

(2) هي احوال اسان کي استاد حاجي سومر خان لغاري (عمر 72 سال) جي معرفت مليو. حاجي سومر خان وارا پشتان پشت فقير صاحب محمد صديق جا مريد ۽ جهوڪ جي صاحبن جي درگاهه جا معتقد آهن.

- راڳ جي جاءِ شروع ۾ انهيءَ ٿلهي تي ڪيائون جتي چون ٿا ته شاهه شهيد جو جسد آٽي رکيو هئائون. جيستائين جو مَرقد تيار ٿئي. اها ٿلهي هن وقت شاهه شهيد جي مقبري جي آڏو ايوان جي ديوار ڪان ٻه پاهر آهي. ٽيهارو سال ڪن ٿيا جو جڏهن نئون مقبرو ۽ نئون ايوان تيار ٿيو، تڏهن راڳ جي جاءِ به مٽايائون، يعني ته ٿلهي جي بدران راڳ اندر ايوان ۾ ڪيائون.
- راڳ "صدا" سان شروع ڪندا، يعني ته سرجي بيتن ڪان پهريائين "صدا" (وائي) ڳائيندا. انهيءَ پهرين صدا کي "صدا اول" چون ۽ "سر" جي خاتمي واري آخري صدا کي "پوئين صدا" چون.
- صدا ڪان پوءِ، اڳواڻ فقير بيت جي سِٽ سِٽ ڪري پڙهندو ۽ ساٿي وقت پاسي وارو ساٿي فقير به اڳواڻ جي پويان هر سِٽ اثرائتي آواز ۽ الحان سان پڙهندو. پوءِ ڪجهه اڳواڻ فقير پڙهندو ۽ ان بعد ٻيو ساٿي ساڳيءَ طرح هر بيت اڳواڻ جي پويان پڙهندو. اهڙيءَ طرح سڀ راڳائي فقير واري واري سان بيت پڙهندا.
- سالياني عرس (ميلي) تي راڳ ڇهه "ويلا" (وقت) ٿيندو ۽ انهن ڇهن ويلن تي هيٺيان جدا جدا سر ڳائيبا.

پهريون ڏينهن

پهريون ويلو، 17 صفر جو صبح: سر ڏهر، سر وهاڳ، سر راڻو.

ٻيو ويلو، 18 صفر واري رات: سر سامونڊي، سر ڪنيات، سر سهڻي.

ٻيو ڏينهن

ٽيو ويلو 18 صفر صبح: سر رپ، سر آسا، سر مارئي.

چوٿون ويلو 19 صفر واري رات: سر ڪلياڻ، سر ليلا چنيسر، سر گهاتو، سر ڪاموڏ، سر ڪاريهر ۽ سر بسنت.

ٽيون ڏينهن

پنجون ويلو 19 صفر جو صبح: سر ڌناسري، سر موکي، سر سارنگ.

ڇهون ويلو 20 صفر واري رات: سر سسئي، سر سورٺ، سر کيڏارو ۽ سر بلاول.

شروع کان وٺي اهي ڇهه ويلا راڳ جا قائم هئا، پر پوئين دور ۾ سواري (موٽر ۽ لارين) جي سهولت سببان 19 صفر جي صبح واري ويلي کان پوءِ فقير درگاهه تان موڪلائي واپس ورڻ لڳا، انهيءَ ڪري 20 صفر واري رات جي ڇهين ويلي جو راڳ بين پنجن ويلن ۾ ورهايائون ۽ اهو ڇهون ويلو ختم ڪيائون. انهيءَ ڪري هاڻي فقط پنج ويلا راڳ ٿئي ٿو. اندازاً 1930ع ڌاري پنڌرهن سورهن فقير راڳ ۾ گڏ ويهندا هئا ۽ ان وقت طيب فقير راڳ جو اڳواڻ هو جيڪو وچ ۾ ويهندو هو.

(ب) راڳ جو رسالو يا راڳنامو: اسان مٿي چئي آيا آهيون تہ فقير صاحب محمد صديق راڳ جو هيءَ سلسلو پنهنجي مرشد صوفي فضل الله شاهہ قلندر جي سجاده نشينيءَ واري دور ۾، يعني 1230_1243ھ وارن تيرهن سالن جي عمر ۾ شروع ڪرايو. زباني روايت ائين ئي آهي. ان کان سواءِ هن راڳنامي ۾ فقير صاحب جا شاهہ قلندر بابت ڇيل ڪي اهڙا بيت موجود آهن، جيڪي شاهہ قلندر جي حياتي ۾ چيا ويا هوندا. مثلن سر راڻي جو هينيون (نمبر 54) بيت:

اپرندان ٿي اپريو ڪري گيڙو گل

هادي هدايت جو ڪونهي سندس مل

"صادق" ڳالهہ ۾ سل، فضل الله شاهہ فقير جي.

يا ڌناسري جي بيتن (نمبر 119 _ 123) مان هيٺيون بيت:

نـمِ نـورانـي پـيـر جـا، نـمـن وسـي نـور
قـلـنـدر شـاهـ ڪـرم سـيـن، ڏنـي پـريـو پـرپـور
تِـهـان پـرايـو پـور، وڻ بـہ اچـن واسـيـا.

سر ڪنيات جي آخري صدا ۾ جيڪو سوز سمايل آهي. سو غالباً مرشد جي فراق يعني شاهه قلندر جي وفات (1243هه) جو نتيجو آهي:

"صـادق سـور پـريـن جـا انـدر روح رهـيـا"

بهرحال اهو دور، جڏهن فقير صاحب راڳ شروع ڪرايو، پٽ شاهه تي "شاهه جي راڳ" جي اوج ۽ عروج وارو دور هو. فقير صاحب، شاهه صاحب جي راڳ جي رسالي توڙي "شاهه جي راڳ" جي سلسلي کان باخبر هو. فقير صاحب پنهنجي مرشد جي درگاهه تي جيڪو سماع جو سلسلو قائم ڪيو تنهن ۾ دنبوري جي وچت کي شامل ڪونہ ڪيائين، پر "شاهه جي راڳ" ۾ استعمال ٿيندڙ دنبوري کان پاڻ پوريءَ طرح واقف هو. "سر وهاڱڙي" جي هيٺين بيت (نمبر 39) ۾ دنبوري جي ٻين ٽن تندن (زبان) گهور ۽ ٽيپ) کان سواءِ "جاڙين" جو نالو آندو اٿس. جيڪي پهريائين "شاهه جي راڳ" واري دنبوري ۾ ڏئي رکيون ويون:

دل دنـبـورو درد جـو، پـورو وڄـاءِ پـريـات
مَ ڏج زور "زبـان" تـي، اي وڄـائـون وات
"گهور" گهورڻ، "ٽيپ" توڙڻ، ڇن "جاڙيـن" جي جـمـات
سمهي سجهي رات، ڪوه لنگها ڏيـنـهـن لڄـائـيـن.

فقير صاحب حال جو صاحب ۽ ڪيس شاهہ صاحب جي بيتن ۽ واين ۾ سمايل فڪر ۽ سوز جي پوري پروڙ هئي. انهيءَ ڪري ئي فقير صاحب پنهنجي قائم ڪيل راڳ جي سلسلي ۾ "شاهہ جي رسالي" مان گهڻي ۾ گهڻو ڪلام ڳارايو. جيڪو هن "راڳنامي" ۾ پڻ شامل آهي.

باوجود انهيءَ جي، فقير صاحب محمد صديق پنهنجي قائم ڪرايل راڳ جي سلسلي ۾ "شاهہ جي راڳ" کان الڳ ڪي نيون ڳالهيون آنديون، جيئن تہ: راڳ ۾ دنبوري کي شامل ڪونہ ڪيائين، "وائي" جي بدران "صدا" جو اصطلاح رائج ڪيائين. شاهہ جي راڳ ۾ "وائي"، سر يا داستان ۾ شامل بيتن آلاپڻ بعد آخر ۾ ڳائبي هئي، پر فقير صاحب "صدائون" بيتن کان اڳ سر جي شروع ۾ توڙي آخر ۾ ڳارايون. هن "راڳنامي" جي قلمي نسخي ۾ ڪن سرن جي شروع ۾ ئي گهڻيون ئي ڪي صدائون لکيل آهن. انهيءَ ڪري چئي نٿو سگهجي تہ فقير صاحب جي وقت ۾ ڪيتريون "صدائون" ڀيريائين پڙهي پوءِ سر جا بيت پڙهندا هئا. هن پوئين ويجهي دور ۾ اڪثر هڪ "صدا" چوڻ بعد بيت پڙهبا آهن ۽ اسان هن چاپي ۾ پڻ اهو سلسلو قائم رکيو آهي. فقير صاحب پنهنجي راڳ ۾ ڪي نوان سر شامل ڪيا. جيئن تہ "وهاڳڙو" ۽ "موڪي". انهن جو مضمون جيتوڻيڪ "شاهہ جي رسالي" ۾ موجود هو. مگر "شاهہ جي راڳ" ۾ اهي سر انهن نالن سان ڪين ڳايا ويا. فقير صاحب جي وقت ۾ "شاهہ جي راڳ" جي شروعات "سر ڪلياڻ" سان ٿيندڙ هئي. پر فقير صاحب "سر ڏهر" سان راڳ جي شروعات ڪرائي ۽ ٻيا سر پڻ "شاهہ جي راڳ، وارن سرن جي سلسلي کان اڳ سلسلي موجب ڳارايا.

راڳ جو بنياد فقير صاحب وڏو ۽ سندس پنهنجي حياتي ۾ توڙي ڪانئس پوءِ راڳ جو اهو سلسلو هلندو آيو. راڳ جڏهن شروع ٿيو هوندو تڏهن ڪي ٿوريون صدائون ۽ ٿورا بيت پڙهيا ويا هوندا. جيئن وقت گذرندو ويو تيئن وڌيڪ ڪلام ۽ وڌيڪ سر ڳايا ويا. جيڪڏهن ائين تسليم ڪجي ته صوفي شاهه قلندر جي سجادگي واري عرصي جي وچ ڌاري يعني ته اندازاً 1236هه ڌاري فقير صاحب راڳ شروع ڪرايو ته ان کان پوءِ وينڌي فقير صاحب محمد صديق جي وفات واري سال 1265هه تائين اندازاً ٽيهه ساليانو عرس ٿيا هوندا ۽ ٽيهه ڀيرا اهو "سماع" وارو راڳ فقير صاحب محمد صديق جي موجودگيءَ ۾ ڳايو ويو هوندو. ان وقت تائين ڪلام جو ڪيترو ذخيرو ڳايو ويو. ڪيئن درجي بدرجي ان جو انتخاب ڪيو ويو ۽ ڪهڙي سال هيءَ سڄو "راڳنامو" موجوده ترتيب موجب قلمبند ڪيو ويو. سو معلوم ناهي. موجوده قلمي نسخي جي پويان سنه ٻارهن سئو (1200هه) صاف لکيل آهي، البت باقي آڏو ڏهاڪن وارو انگ ميسارجي ويو آهي. ان مان به نتيجا نڪرن ٿا: پهريون ته راڳ شروع ٿيڻ بعد هي "راڳنامو" بالڪل انهيءَ موجوده صورت ۾ خود فقير صاحب محمد صديق جي حياتي واري باقي عرصي (1236ـ1265) ۾ مرتب ڪيو ويو. ٻيو ته موجوده صورت ۾ "راڳنامو" فقير صاحب جي وفات بعد سنه 1300هه کان اڳ واري عرصي (1266ـ1299هه) ۾ فقيرن مرتب ڪيو. جيڪڏهن. راڳنامو خود فقير صاحب پاڻ پنهنجي حياتي واري دور ۾ مرتب ڪيو ته پوءِ اهو اصلي نسخو غالباً وڃائجي ويو ۽ فقيرن پوءِ هي موجوده "راڳنامو" پنهنجي يادگيري يا ڪن ٻين ذخيرن جي آڌار تي ٻيهر جوڙي راس ڪيو. ٻيءَ صورت ۾ پهرين توڙي پوئين دور ۾ "راڳنامو" فقير صاحب پاڻ نه، پر

فقيرن لکي گڏ ڪيو. ”راڳنامي، جي موجوده قلمي نسخي جي مطالعي مان اهو ئي نتيجو نڪري ٿو. فقير صاحب محمد صديق رحه جي پنهنجي ڪلام توڙي سندس تصنيف ڪيل ”دردنامي“ مان ظاهر آهي ته فقير صاحب پاڻ وڏي ڄاڻ وارو هو ۽ انهيءَ ڪري اهي ڪوتاهيون جيڪي هن راڳنامي جي ترتيب توڙي متن ۾ موجود آهن. سي يقيني طور ڪاتبن ڪين ٿيون هونديون. مثلاً:

(الف) ترتيب جي لحاظ سان ”ڪاپائتي، جي مضمون وارا بيت سڀ ”سر آسا“ هيٺ رکيا ويا آهن. حالانڪه ”ڪاپائتيءَ“ جو موضوع ۽ مضمون آڳاٽي وقت کان وٺي مشهور رهيو آهي ۽ جيڪڏهن فقير صاحب پاڻ ”راڳنامي“ جي هن حصي کي مرتب ڪري ها ته ”سر آسا“ جدا ۽ ”سر ڪاپائتي“ جدا ڪري رکي ها. موجوده ڇاپي ۾ صفحي 64 (بيت نمبر 27) کان وٺي ڪاپائتي جو موضوع شروع ٿئي ٿو ۽ سواءِ ڇئن بيتن جي (41، 52، 53، ۽ 67) باقي ٻيا سڀ بيت، وينديءَ نمبر 68 تائين آخري صدا سميت، ڪاپائتي جي مضمون جا آهن. ٻيو ته ”سر ڪيڏاري“ کان پوءِ پنج بيت ”سر سوزڙو“ جي نئين عنوان هيٺ رکيا ويا آهن. حالانڪه اهي به ”ڪيڏاري“ جي مضمون جا آهن ۽ ”سوزڙو“ (سوز وارو) به ڄڻ ”ڪيڏاري“ جو ٿي ٻيو نالو آهي.

(ب) ترتيب کان وڌيڪ، ”صدائن“ ۽ بيتن جي پڙهڻين ۾ غلطيون آهن. ڪيترين ئي صدائن ۾ ٿلهه ۽ مصراعن جا قافيا پاڻ ۾ نٿا ملن (1). ڪاتب جنهن هي ”راڳنامو لکيو سو معنيٰ جو ڄاڻو ڪونه هو. صدائون جيئن ئي ڳائيندي ٻڌائين تئين لکيائين. ڳائڻ وقت ٿلهه ۾ اٿل پٿل

(1) مثلاً، ٽيون نمبر صدا، صفحو 30. ٻهرين ۽ ٻي صدا، ص 39. ٽيون نمبر صدا، صفحو 40. ٻهرين صدا صفحو 48. ٻي صدا صفحو 58. آخري صدا، ص 158. آخري صدا، صفحو 196 ۽ صدا صفحو 218.

ٺٺي ٿي ۽ لفظ اڳتي پوئتي ٿين ٿا. انهيءَ ڪري انهن مان ڪو لفظ ڪٽي رهجي ويو ته معنيٰ ميسارجي ويئي. ڪي صدائون جيئن لکيون ويون آهن تن سان اهوئي حال ٿيو آهي (مثلاً پهرين صدا، صفحو 39). صفحي 101 واري آخري صدا ۽ صفحي 102 واري پهرين صدا، غالباً اصل ۾ هڪ ساڳي صدا هئي. جنهن کي ڪاتب ٻن حصن ۾ ونڊي ٻه جدا صدائون بڻائي ڇڏيو. صفحي 228 تي سر ڪاموڏ جي صدا جو ڪو منهن مير ڪونهي. غالباً ڪاتب ٻن يا وڌيڪ صدائن کي گڏي ڇڏيو آهي. صفحي 238 تي ”سر ڪارايل“ جي صدا جي ٿلهہ جو آخري لفظ (قافيو) اصل ۾ غالباً ”سات“ هو. جنهن کي ڪاتب ”سانگ“ ڪري لکيو آهي. صفحي 243 تي پهرين صدا جون پهريون ٻہ سٽون غالباً هيٺ ڏنل ٽيون نمبر صدا جو حصو آهن، جن کي غلطي مان ڇني ڌار ڪيو ويو آهي. ڪن ٻين شاعرن جون صدائون حاضري جي فقيرن کي جيئن ياد هيون تيئن لکيون ويون. جنهن ڪري پڙهڻيءَ جي غلطيءَ سببان معنيٰ ۾ مونجهارو رهجي ويو. صفحي 38 تي درويش ”ڦتو“ جي وائي جو اهو حال آهي. بيتن ۾ ٻڻ لفظن، فقرن يا سٽن جي غلط پڙهڻي جا مثال موجود آهن. جيئن اصل لکيل هو ڇاپي ۾ به ائين ئي رکيو ويو آهي. البت ڪتاب جي آخر ۾ اسان ”صحت نامو“ شامل ڪيو آهي، جنهن ۾ صحيح پڙهڻين ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي.

مٿئين مختصر وچور مان انهيءَ نتيجي تي پهچجي ٿو ته هي ”راڳنامو“ فقير صاحب پاڻ ڪونہ مرتب ڪيو. پر فقيرن گڏ ڪري لکيو. مثلاً سر ڌناسريءَ جو

هيئيون بيت ڪنهن فقير ئي ان وقت چيو هوندو جيڪو پوءِ "راڳنامي" ۾ آندو ويو.

ونءُ طالب طلب پئي، پڪن ڏيئي پاهه
گوهر غريبن جو "صادق" آهي شاهه
ڏيکاري سا راهه، جا پيغمبر پيدا ڪئي.

شامل ڪلام جو ذخيرو: "فقير صاحب جو راڳنامو" اعليٰ اساسي شاعري توڙي آڳاٽي روايتي شاعري جو هڪ قيمتي ذخيرو آهي ۽ انهيءَ لحاظ سان "شاهه جي راڳنامي" (رسالي) کان پوءِ هڪ خاص ادبي اهميت رکي ٿو. "شاهه جو راڳنامو" هن جو مکيه ماخذ ۽ مثالي سرچشمو آهي، انهيءَ ڪري هن ۾ شامل "ٻاهرئين ڪلام" جو وڏو حصو "شاهه جي رسالي" مان ڪنيل آهي ۽ ٻئي نمبر تي ٻين آڳاٽن يا معاصر شاعرن جو ڪلام ان ۾ شامل آهي. "راڳنامي" جو مکيه حصو خود فقير صاحب محمد صديق عرف صادق شاهه جي بيتن ۽ صدائن تي شامل آهي. هيٺ اسان پهرين ٻن ماخذن جي مختصر وضاحت ڪنداسون ۽ آخر ۾ فقير صاحب جي پنهنجي ڪلام تي وڌيڪ تفصيل سان روشني وجهنداسون.

"شاهه جي رسالي" مان ڪنيل ڪلام: "راڳنامي" ۾ شامل ڪلام جي ذخيري تي "شاهه جي راڳنامي ۽ رسالي" ۾ شامل ڪلام جو رنگ چڙهيل آهي. سر ڪلياڻ توڙي ٻين گهڻن سرن ۾ شاهه جي رسالي وارا بيت ڪنيل آهن ۽ ڪن ۾ ڪي وايون پڻ آنديل آهن. ڪن بيتن ۽ صدائن جا ڪي حصا ساڳيا شاهه جي بيتن ۽ واين وارا آهن ۽ باقي ڪي سٽون وڌايل آهن. غالباً فقير صاحب پاڻ، شاهه جي رسالي جي ڪن بيتن ۽ واين کي ذهن ۾ رکندي، پنهنجا ڪي بيت چيا ۽ پڻ

ڪي صدائون چيون. "شاهه جي راڳنامي" ۽ "فقير صاحب جي راڳنامي، جي سروار مطالعي ۽ بيت سان شاهه جي رسالي مان ڪنيل ڪلام جي نوعيت تي وڌيڪ تفصيل سان روشني وجهي سگهجي ٿي. هن "راڳنامي" ۾ ڪيترائي بيت اهڙا آهن جن جي نرالين پڙهڻين سان شاهه جي رسالي جي ڪن بيتن جي پڙهڻ ۽ معنيٰ وڌيڪ چٽي ٿئي ٿي.

باوجود انهيءَ جي، ڪن سرن هيٺ ڪي بيت نون ظاهري اهڃاڻن ۽ نون موضوعن بابت آهن، جيڪي فقير صاهب جي پنهنجي ذاتي ذوق ۽ فڪر جو نتيجو آهن. مثلاً، نئين موضوع جي لحاظ سان سر سورٺ ۾ صوفين جي سردار عنايت الله شاهه شهيد جي سر ڏيڻ بابت بہ بيت آندا آهن: "سر ڪيڏاري" هيٺ "جهوڪ ڏٽين" جي جنگ جو عنوان آندو آهي ۽ "سر بلاول" هيٺ "مڱڻي" ڪي "ميران پور" (جهوڪ) وڃڻ ۽ مالا مال ٿيڻ جي ترغيب ڏني آهي.

ٻين شاعرن جو ڪلام: راڳنامي ۾ ٻين بہ گهڻن درويشن جو ڪلام شامل آهي، جن مان شايد ڪي فقير صاحب جي وقت ۾ هئا، پر گهڻا غالباً اڳ ٿي گذريا. ڪن اهڙن شاعرن جا بيت بہ شامل آهن جن جو ذڪر ٻي ڪنهن لکت ۾ ڪونہ ٿو ملي ۽ جن جا ڪي بيت فقط سگهڙن جي زباني روايتن ۾ ملن ٿا. ڪن بيتن ۾ سندن نالا موجود آهن، پر ٻين لاڳيتن بيتن جي سٽاءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهي پڻ انهيءَ ساڳئي شاعر جا آهن، جنهن جي نالي سان ڪو هڪ بيت موجود آهي. انهيءَ تڪ تور سان، ڀائنجي ٿو تہ "راڳنامي" ۾ گهٽ ۾ گهٽ 5 صدائون ۽ 62 بيت ارڙهن ٻين شاعرن جا آهن.

ٻين شاعرن جي ڪلام جي جدول

شاعر	صفحو: صدا يا [بيت]	جملي ڪلام
فقير يا مسڪين	٥٨: صدا + ٨٣: [١] + ٩٩: صدا	١ بيت ٢ صدائون
عالي	٢٣: [١٩]	١ بيت
محمود	١٢٩: [٢٤]-[٢٩] + ١٦٦: [٢١]-[٢٢] + ٢٢٣: [٢٥]-[٢٧]	١١ بيت
تماچي	١٢٦: [٤]-[٥] + ١٦٦: [٢٣] + ٢١٢: [١]	٤ بيت
شيخ	١٧٥: صدا	١ صدا
شهاب‌الدين	١٧٧: [١٢]-[١٤]	٣ بيت
آ. ن	٢١٢: [٢] + ٢١٧: [٢٩]-[٣٢]	٥ بيت
عيسو	٢١٤-٢١٥: [٥]-[١١] جيتوڻيڪ نالو فقط [١٠] ۾	٧ بيت
رنگريز	٤٨: [١]-[٣]	٣ بيت
پيرو	١٢٦: [٧]-[٨] + ٢١٦: [٢٥]-[٢٧] + ١٢٧: [١٣]	٦ بيت
ڪتي	٢٣: [١٨] + ٤٢: [٦] + ١٢٦: [٦]	٣ بيت
هرو (؟)	٢١٩: صدا	١ صدا
بلاول (بلال؟)	٢٢٣-٢٢٤: [٢٧]-[٣٠]	٤ بيت
ڦتو	٣٨: صدا	١ صدا
ميٺن	٢٣: [١٥] + ٧٩: [٤١] + ٨٧: [٢٦]-[٢٨]	٥ بيت
احمد	١١٨: [٧]	١ بيت
اسماعيل	١١٨: [١٢] + ١١٩: [١٣] + ١٢١: [٣٠]-[٣١]	٤ بيت
سليمان	١٢٧: [١١] + ١٤١-١٤٢: [٧٤]-[٧٦]	٤ بيت
		٦٢ بيت ۽ ٥ صدائون

انهن آڳاٽن شاعرن جا نالا ۽ سندن بيت جيڪي هن "راڳنامي" ذريعي محفوظ رهيا آهن، سي "سنڌي شعر ۽ ادب جي تاريخ" لاءِ هڪ قيمتي سرمايو آهن. انهن مان گهڻن شاعرن جا بيت پڻ تحقيق طلب آهن. في الحال ڪن بابت ڪي اشارا هيٺ قلمبند ڪجن ٿا. "فقير" تخلص هو جهوڪ جي سجاده نشين ابراهيم شاهه صاحب جو. سندس ڪجهه بيو ڪلام پڻ موجود آهي. صفحي 99 تي ڏنل صدا مان ظاهر آهي ته هن صاحب پنهنجو تخلص "فقير" توڙي "مسڪين" ڪيو. تماچي فقير نهڙيو، شاهه عبداللطيف رحه جو پيارو فقير هو. هو تمر فقير جو ساٿي هو. سندس ڪي بيت فقيرن جي زباني روايتن ذريعي محفوظ رهيا آهن. شهاب الدين، فقير صاحب محمد صديق جو فرزند هو. سندس ڪي ڪافيون به موجود آهن (1). عيسو ٿي سگهي ٿو ته ساڳيو درويش ميون عيسو (ميمڻ آخوند) هجي، جنهن جي ٿيهه اکري ۽ بيو ڪجهه ڪلام موجود آهي. رنگرين، شاهه عبداللطيف جي وقت ۾ هو يا اڳ ٿي گذريو. سندس نالي سان وائي "شاهه جي راڳنامي" ۾ موجود آهي. پيرو ڪنڌي، ميين شاهه عنايت رضوي (نصرپوري) جي سلسلي جو فقير هو. هن "راڳنامي" ۾ ڪي بيت "ڪتي" جي نالي سان ڏنل آهن ۽ في الحال اهڙو گمان اٿي ٿو ته شايد .پيرو ڪن بيتن ۾ (پنهنجي ذات جي پويان) "ڪتي" نالو آندو سر پورب هيٺ صفحي 219 تي ڏنل "صدا" جي آخري سٽ سان گمان اٿي ٿو ته جيڪڏهن لفظ .هرو غلط نموني سان لکيل ناهي ته پوءِ ٿي سگهي ٿو ته اهو صدا چوندڙ

---

(1) بقول استاد حاجي سومر خان لغاري، اهي ڪافيون فقير ڏاتار بخش جي علمي ذخيري ۾ موجود آهن.

جو نالو هجي. انهيءَ لحاظ سان "هرو" شايد جهوڪ جي درگاهه جي مريدن مان ڪو هندو فقير هجي. چار بيت "بلاول" جا آهن ۽ اهو نالو ائين آنـدل آهـي، پـر غالباً صحيح نالو "بلال" آهي ۽ اهي بيت ميين شاهه عنايت رضوي جي اولاد مان بلال شاهه جا آهن. چار بيت اسماعيل جا آهن جيڪي ٿي سگهي ٿو ته ٺٽي جي سيد اسماعيل شاهه حسيني جا هجن، جيڪو شاهه عنايت شهيد جو مريد هو(1). شاعر سليمان جا ڪي بيت سگهڙن جي زباني روايتن ۾ ملن ٿا، جيتوڻيڪ سندس ماڳ مڪان معلوم نه ٿي سگهيو آهي.

انهن شاعرن کان سواءِ، جن جا نالا موجود آهن، هن "راڳنامي" ۾ ٻيا به ڪي بيت اهڙا آهن جيڪي ڪافي آڳاٽي دور جي ڪن شاعرن ۽ سگهڙن جا چيل آهن. اهي بيت، فقير صاحب محمد صديق جي حياتي واري دور ۾ سندس مريدن ۽ معتقدن مان ڪن درويشن ۽ مڱڻهار فقيرن کي ياد هئا (جن سندن وڏن کان ٻڌا) جيڪي راڳ ويلي ڳايا ويا ۽ پوءِ "راڳنامي" ۾ قلمبند ڪيا ويا.

ڪلام جو ٽيون مکيه ذخيرو "راڳنامي" ۾ شامل آهي، سو خود فقير صاحب محمد صديق عرف "صوفي صادق شاهه جو آهي، جنهن جي مختصر طور هيٺ وضاحت ڪجي ٿي.

فقير صاحب جو ڪلام ۽ فڪر

"راڳنامي" ۾ فقير صاحب جي پنهنجي ڪلام جو ڪافي ذخيرو موجود آهي. گهڻو ڪري هر سر جو وڏو حصو سندس صدائن ۽ بيتن تي مشتمل

---

(1) نواب غلام شاهه لغاري تاجپوري جي بياض ۾ ائين ڄاڻايل آهي ته "سيد اسماعيل شاهه حسيني ٺٽي ننگر جو" صوفي شاهه عنايت شهيد جو مريد هو.

آهي: البت سندس نالو نسبتاً ٿورو بيتن ۾ آندل آهي. انهيءَ ڪري اهو آسان ناهي جو پوريءَ پڪ سان چئي سگهجي تہ "بنا نالي" بيتن مان ڪهڙا بيت خود فقير صاحب جا پنهنجا آهن. جيڪڏهن فقير صاحب جي ڪلام جا پيا ذخيرا گڏ ڪري پيتجن نہ پوءِ اهڙي خبر پئجي سگهندي.

فقير صاحب محمد صديق جو سڄو ڪلام "راڳنامي" ۾ شامل ناهي، سندس ڪلام جو ڪافي حصو هن "راڳنامي" کان ٻاهر آهي. ڪلام جي ان سڄي ذخيري مان جدا جدا وقتن تي صدائون ۽ بيت راڳ ۾ ڳايا ويا ۽ پوءِ اهي "راڳنامي" ۾ قلمبند ٿيا. اهڙي تصديق لاءِ "راڳنامي" کان ٻاهر فقير صاحب جي ٻين ذخيرن جو مطالعو ضروري آهي. اميد تہ ڪو صاحب اهڙي تحقيق ڏانهن توجهہ ڪندو. هيٺ مثال طور اسان فقير صاحب جي ڪلام جي هڪ قلمي ذخيري مان "سر راڻي" جا بيت ڏيون ٿا تہ جيئن اندازو لڳائي سگهجي تہ ڪهڙو ۽ ڪيترو ڪلام هن "راڳنامي" ۾ شامل آهي ۽ ڪيترو ٻاهر ٿي سگهي ٿو. هيءُ ذخيرو فقير نواب امام بخش ولد نواب غلام شاهہ ولد نواب غلام الله خان لغاري پنهنجي بياض ۾ هڪ سئو سال کن اڳ 1296_1303هہ وارن سالن ۾ قلمبند ڪيو. جنهن ۾ فقير صاحب جون 33 ڪافيون ۽ مختلف سرن جا 123 بيت ڏنل آهن. سر راڻي جي عنوان سان هيٺيان بيت لکيا اٿس:

1. سور سوڪڙيون آئيا، تو وٽ "صادق" يار
ڏنا جي ڏاتار، سي جهوليءَ پائي جهل تون

2. آيون آڏيءَ جو جڏهن رميون ٿي راڻا
سِڪ نا ٿي، صديق چئي، تو مومل جا ماڻا
اهي تڪاڻا، تنهنجا مارين ٿا ميندرا.

3. راڻا رتولن ۾ تو اچي کوه کيو
گنجي کي گجريين ڏنئي سور پيو
هاڻي ماريندو ويو، ورڻ وچوڙو تنهنجو

4. راڻا رتولن ۾، ويا رات رهي
ايي ڪاڪ تڙن تي پڇايم پهي
جڳن جا جڳ تيا، ويا ورهيه پڻي
سوڌا ڳالهه صحي، ڪر تون ڪنل سين.

5. بابو گنڊيو بر ۾، گيڙو سان گلزار
تنهن موچاريءَ مومل جا پهي ڏنا پار
گهوڙا گهوٽ سوار، ويا ڪاهيندا ڪاڪ ڏي.

6. صادق! سچيون پس تون محلاتون ۽ ماڳ
جن جي ني مچ مرڪي، ۽ ڪياڻون رهاڻيون راڳ
سي وراڻي واڳ راڻا ڪنهن رخ ڪيا.

7. هوا لَڪِي جي لَڪ پرون، چوڪا چوڻري يار
سي گهوڙن گهوٽ سوار ڪوه جاڻان ڪيڏانهن ويا.

8. ڏرتي ڏگ سيري، جوڌا ۽ جوان
ويا وڃائي وارو، صوبا ۽ سلطان
تني جا مڪان، صادق سيري ڪونه ڪو

9. ڪاڪ نـہ جهليا ڪاپڙي، موهيا ڪيـن محلـن
پـايـن ۽ پـانـهـيـن جـي هـو پـنـڌڻ ڪيـن پـجـهـن
لـڪـيـن لاهـوتـيـن، اهـڙيـون اوري ڇـڏيـون.
10. مومل جنهـن مـاري، تـنـهـن راڻـي ڪـي ريـس گـهـٽـي
سـودي سـمـجـهـي ڳـالـهـڙي سـپـائـي سـاري
تـيـلاهـن تـيـا بـاري، صـادق سـور پـريـن جـا.
11. گـڏجـي ڪـي گـجـريـيـن، ڏنـو آتـڻ اوراتـو
سـورن سـيـن، صـديـق چـئـي، پـيـچ جـنـي پـاتـو
او نـهـوڙي نـاتـو ويـو گـهـائـيـنـدو گـهـٽـيـن ڪـي.

نواب امام بخش جي اُتاريل مٿين بيتن جي ترتيب، ”راڳنامي“ ۾ ”سر راڻـي“ هيٺ ڏنل بيتن جي ترتيب کان الڳ آهي. پيو تہ انهن يارهن بيتن مان فقط چار بيت (نمبر 3، 5، 6 ۽ 9) ”راڳنامي“ جي ”سر راڻي“ ۾ (نمبر 51، 9، 50 ۽ 33) موجود آهن. باقي ست بيت پيا نوان آهن. انهيءَ مان ظاهر آهي تہ نواب امام بخش اهي بيت ”راڳنامي“ مان ڪين کنيا، پر ڪنهن ٻئي ذخيري تان اُتاريا.

فقير صاحب جي ڪلام ۾ اڳوڻي عوامي روايت جا اُثار تـوڙي اعـلـيٰ اساسي شاعريءَ بابت تلميحون ۽ اشارا آهن. ڪن بيتن ۾ اڳين قصن ڪهاڻين جي واقعن ۽ ڪردارن ۽ ڪن مختلف موضوعن بـابـت انوکـا الـفـاظ ۽ فـقـرا استعمال ڪيل آهن، اهي تلميحون ۽ اشارا عوامي ادبي روايت جو آئينو آهـن ۽ فقرا اڳوڻي سنڌي ٻوليءَ ۽ ان جي لغت جـو قـيـمـتـي سرمـايـو آهـن. شـاهـہ عبداللطيف کان پوءِ واري دور ۾ هي ”راڳنامو“ سنڌي ٻوليءَ جي انوکن لفظن ۽ فقرن جو هڪ نهايت اهم دستاويز آهي. جنهن ڪي پڙهڻ ۽ پروڙڻ سان سـنـڌي لغات جي علم ۾ اضافو ٿيندو.

فقير صاحب جي پنهنجي ڪلام ۾ جتي بہ سندس طبع جي جلال، سندس درد ۽ حال، ۽ سندس ذاتي فڪر ۽ خيال کي فروغ حاصل آهي، اتي اعليٰ شاعريءَ جون جهلڪون ۽ جلوا نمايان ٿين ٿا. فقير صاحب اعليٰ شاعري جي دائري ۾ خاص طرح شاهہ عبداللطيف رحہ کان ئي متاثر آهي. سندس ڪيترن ئي بيتن ۾ شاهہ صاحب جي لفظن ۽ اصطلاحن توڙي ڳوڙهن خيالن ۽ نازڪ نڪتن جو عڪس نظر اچي ٿو. مثلاً:

شاهہ صاحب: جي هت نہ هوت پسين سي هت هيئن هوت پسنديون
فقير صاحب: آخر اندا سي ڇٽبا، جن هت نہ ڏنو هو ڏيهہ.

—

شاهہ صاحب: هٿندڙ سندا هنڙا، سيڪو چوي ساز
فقير صاحب: جنهن گهڙيو هي گهات، ٿي ٻولي ٻري ان جي.

—

شاهہ صاحب: پيتائين پنهونءَ کي، هڏ نہ ڀڳيس هڪ
فقير صاحب: سچڻ نباتون ڪري جيڪر نت پيان.

شاهہ صاحب جي وائي:

موت مند نہ آهي، تاڻب ٿيو تڪڙا
اجل آ سارين کي ڪام ونيو ٿو ڪاهي

فقير صاحب جي صدا (آخري صدا، سر سسئي):

رب صاحب سدائين آهي، متان ڪا سينو ساهي
حڪم حاڪم هٿ ۾، ڪامَ ونيو ٿو ڪاهي

ٻنائي صاحب جي ڪلام تي فقير صاحب گهڻو ڪو غور ڪيو. سندس ڪيترن ئي بيتن ۾ شاهہ صاحب جي فڪر جو جلوو نظر اچي ٿو. فقير صاحب پنهنجي هڪ بيت ۾ شاهہ صاحب کي "ڪاپڙي" (وڏن رازن جو ڄاڻو ۽ وڏو داناءُ) جي لقب سان ياد ڪيو آهي ۽ سر راڻي جي هڪ بيت ۾ ٻنائي صاحب

جي اعليٰ فڪري نڪتي کي مجينديِ، انهيءَ "عام سطح" ڏانهن پڻ اشارو ڪيو تہ جيتوڻيڪ ڏٺي هر جاءِ وسي ٿو پر انهيءَ اعليٰ ڄاڻ واري منزل تائين پهچڻ لاءِ پنڌ البت پري آهي.

شاهہ صاحب جو بيت (ص 25):

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو، چوڏس چتاڻو
منجهہ ئي ڪاڪ ڪڪوري، منجهہ ئي لوڊاڻو
راڻو ئي راڻو، ريءَ راڻي ناهہ ڪي.

فقير صاحب جو بيت (ص 25):

ڪي جو چيو "ڪاپڙيءَ"، سو "صادق" سياڻو
آئون مڙيو ئي ميندرو، پر پنڌ پراهون
سڀ تو منجهہ سيباڻو، تون مڙني ۾ محيط ٿئين.

تصوف جي فڪر ۽ فلسفي ۾ الله پاڪ جي "ذات" ۽ "صفات" ۽ حق جي "معنيٰ" ۽ "صورت" جو موضوع حق جي طالبن جي رهنمائي لاءِ وڏي غور ۽ ويچار هيٺ رهيو آهي. "صفت" ۽ "صورت" کان سواءِ "ذات" ۽ "معنيٰ" کي سڃاڻڻ ۽ سمجهڻ مشڪل آهي، پر انهيءَ هوندي بہ "ذات" "ذات" آهي ۽ ان کي "صورت" ڪري نہ سمجهبو، ڇو جو ڪابہ "صورت" ان جهڙي ناهي (ليس ڪمثلہ شيءً). حضرت شاهہ عبداللطيف ان مسئلي جي تصوير جا ٻئي رخ ڏيکاريندي سمجهايو تہ:

سڄاڻپي نہ "صورت" ري، "صورت" هڏ مَ سوجهہ
ٿيءُ ٻاراڻي ٻوجهہ، وڃائي وجود کي.

فقير صاحب "صفت" ۽ "صورت"، يا صفاتي اسم (ظاهري نالي) بدران "ذات" ۽ "حق" کي ئي پنهنجي فڪر جو مرڪز بڻايو. انهيءَ ڳوڙهي خيال کي پنهنجي هيٺين بيت ۾ بلڪل انوکن الفاظن ۾ ورجايائين تہ:

الله اوراهون ڇڏي، پري پنڌ پيا
بنا نالي سپرين اڃان ڪي هيا
واڪيندا ويا، صادق ٻڌيو سندرا

فقير صاحب جو اشارو "الله يعني ذات حق" جي بدران، رسمي نالي "الله" ڏانهن آهي. سندس مراد آهي تہ حق جي ذات هن "رسمي نالي" کان الڳ ۽ اچان بہ اڳتي آهي. "الله جي ذات" ڏانهن متوجهہ ٿيڻ واري منزل تسبيح تي "الله جي رسمي نالي" واري ذڪر کان بلند ۽ بالا آهي. انهيءَ ساڳي نازڪ نڪتي کي ٻين لفظن ۾ بيان ڪري ٿو تہ:

– "صفت" پانءِ مَ سپرين، اي تيڏي آهہ تڪ،
(ص 149، بيت 132)
– منجهج مَ "معنيٰ" ۾، چڙ "صورت" جا سانگا

هيئين صدا (سر ڪلياڻ، ص 103) ۾ هڪ نازڪ نڪتي کي پنهنجي حال جي زبان ۾ نهايت موثر ۽ سهڻن لفظن ۾ سمجهايو اٿس تہ:

صدا

جو ذڪر ۾ نہ آيو مون تنهن سان چِت لايو
جو فڪر ۾ نہ آيو مون تنهن سان چِت لايو

1. بنان نالي سپرين، جو ڳالهين ڪنهن نہ ڳايو
2. نبي ولي ويهون ٿيا، تان پار نہ ڪنهن پايو
3. "سبحان جَد ڪَ مَعرفتڪ" اهوئي سور سيڪنهن چايو
4. صادق انهي سِڪَ ۾ روئي رت وهايو

اهڙن نازڪ ۽ ڳوڙهن خيالن سان گڏوگڏ ڪن نصيحت آميز نڪتن جي نهايت سولن ۽ سهڻن لفظن ۾ سمجهايو اٿس. انهيءَ سلسلي ۾ سندس هيئيون عام فهم مگر وڏي معنيٰ ۽ حقيقت وارو بيت هڪ مثالي حيثيت رکي ٿو تہ:

اٿي اورچ اڄ، سپان ناهہ صديق ڇٽي
واڇي جيئن وڄ، مٽي کي مرلي ڪريو
نبي بخش خان بلوچ

متن

راگنامو

سرُ ڏهر

صدا

هوتَ موٽي اڄ، ٻاروچا ٻنيور ۾

1. ساريو سپرين کي رت ورنو روءِ
2. ساريو سپرين کي، توکي آب اکينئون پوءِ
3. ڇپر تان مَ وڃ، هوت وندر تان مَ وڃو
4. وڃي ڏورانهون ٿيو سڄڻ سانگ، سندوءِ
5. مون تان ڪين ڇيو ڪو ٻاڏهين ٻهءَ ٻيو

بيت

(1)

سمهه سک مَ جندڙا، لاهه مَ پچاران
ڪرجهوري ڪيٽان، ڪالهوٽيان اڄ گهٽي.

(2)

ننڊ نه ڪجي ايتري، ستا اٿي جاڳ
جو توساٿيهه ٻانٺيو سو مانجهاندي جو ماڳ
سلطاني سهاڳ، ننڊون ڪندي نه ملي.

(3)

پٽر پير ڏگها ڪري جڏهين ستيون جي
تڏهين تني کي، سات ستي ئي ڇڏيو

(4)

راتڙيون جاڳن جي، آءُ سيئي ڪندي سيڻ
تنهين سندا نيڻ، اوجاڳي اجاريا.

(5)

اوڏ اڳلي آهيان، لاڪا لج سندياءِ
پڪا سي پرتاءِ جي اجهي تنهنجي آڏياءِ

(6)

اوڏ آڳلي آهيان، ڪتو متو جون
جن جو ترهو تون، لاڪا جمر لجائين.

(7)

اوڏ آڳلي آهيان، لينگڙياري لينئن
جهڙي تهڙي حال سين، سران تو هي سينئن
ڏکون بکون ڏينهن، پيئي پاڙي گهاريان

(8)

ڍنگهر ڍلو مَ تشي، اَڏيو جو اوڏن
جنهن ير ويهي ڪن، ڳالهيون لاڪي چام جون

(9)

چنا چج هنن ۾، ڪلهن ڪوڏارا
پورهئي خاطر پيٽ جي اٿين سوارا
اوڏ بـــ ويچارا، لاڪا وجن لڏيو

(10)

تون لاڪو لکن جو ڏٿي، آءُ آڳلي اوڏ
لاڪا تنهنجي ڪوڏ، پيئي پاڙي گهاريان.

(11)

ڦلاٽي ڦير پيو لاڪا لک هئا
آجا اوڏ تيا، پلئه لڳي ان جي

(12)

هن ٻراٽي ٻڌَ ۾ لاکو چئي اَڏ!
مچڻ چونئي لَڏ، لِتي ڳتي مَنهين

(13)

لاکا تي لوڙيون ڪري، ڪميو جي ڪنگهار
جڏهن تڏهن چار، ويندي وير الهي

(14)

لاکي جي ڏار ۾ ڳالهائو ڳيرو
ڦلاڻي ڦيرو، پونئر پٽڪي نہ ڪيو

(15)

پڄي پورا نہ ٿئين، ڏار تون ڏري
ويو مٽ مري، لاکي جهڙو ٻيهيڙو

(16)

چئي: آءٌ پهڻ سندو پٿرو، ڏايو تان ڏران
ڳالهيون ڪن گهٽان، مون لاکو مَنَ ۾.

(17)

لاکو لوڙائن ۾، ڏينهن جو ڏنائون
چارِي جو چيو ڪري وڳ نہ واريائون
تڏهن ساريائون، جڏهن هاجي جو هل ٿيو

(18)

نہ راجا رتولن ۾، نہ ڪا ٿئي چڙهي
هٿا ساعت گهڙي، لاکا ڪهڙي ڪنديين

(19)

ڪي ڏينهن ڪاڇي ڪنديين، هٿي ريلن منجهہ رهاڻ
سي نہ ڏسجن هاڻ، پسيو ماڳ مري هنيون

(20)

ڏيرا نہ ڏياتيون، نہ لاکو کھري کوٽ
هينئڙا ايئان موٽ، ڳالهيون کنديں کن سين.

(21)

لئي لڳي، راڄ ڳيا، پيا پد پسجن
جنين پيتو وٽ ۾، چمارون چامن
اٽ اوتارا مرئن، جسيڌڻ جي واهڻي.

(22)

لئي لڳي، راڄ ڳيا، کل ڏرتي کوک
کوهہ چاٽان کيڏانهن ويا محبتي ملوک
هئي وهي ٿي هوک، جسيڌڻ جي تکيي.

(23)

جن رهي رهاٽيون کيون، "پٽيل" تو ۾ پاڻ
سي نہ ڏسجن هاڻ، کٽي کنهن کوڻ ٿيا.

(24)

اڳي هو کو آب جو، "پٽيل" تو ۾ پور
سکين کھڙي سور، واري کيئي وڃ ۾.

(25)

پٽيل چئي پرين کي، ساري آءُ سکو
دوست دلاسو منهنجي کڏهن کونہ مکو
آيم اولاکو جسوڌڻ، چت پئي.

(26)

جڏهن جسوڌڻ هليو مٿان يور يري
تڏهن وئين نہ مري، ڦوڙائيندي سجڻين.

(27)

گھٽو اچڻ چڏيو، جسوڌڻ يار
پهيو کٽي، پار، آيل اوراتو ٿيو.

(28)

گھٽو اڇڻ چڙيو جسوڏڻ يارن
رنو اکڙيون، ڦوڙائيندي پاڻ پر.

(29)

ڪنڌي ڪوڻ ڪڪوريا، سانگن سڪو گاھ
جسيڏڻ ملاھ، روئي راڄ ھليا.

(30)

جڏھن پريو ڏور وھي، تڏھن ڪنڌا تون ڪيڏو
جسيڏڻ جيڏو، ڪو ڏنئي پھيڙو

(31)

ڪنڌا ڏور ڏٺين جون، ڪرڪي ڳالھڙيون
ڪنهن پر ڏينهن گذارئين، ڪنهن پر راتڙيون
تو پر مالھڙيون، ٻڌيون آتڻ وارئين.

(32)

ڪنڌا ڏور ڏٺيءَ جو جي تو ھئڙو سور
تہ مٿي لامن پور، ھوند نہ ڪيئي ايترو.

(33)

ايو آھين پٽ پر، ڪنڌا ڪھڙي پور
لڏي ويا ڏور، تو سنگي مون سپرين.

(34)

ايو آھين پٽ پر، ڪنڌا ڪجاڙياءِ
پاراٿو پاڻي وھي، مڇر ڪيو متاءِ
پرين پڇاڻاءِ، سڪي يانگھر نہ ٿئين.

(35)

سڪي يانگھر جنهن لاءِ، تنهن باہيھ لاءِ مياس
ڪي تو چورياس، ڪي مون سڄڻ ساريا.

(36)

بدامائي پون ۾، چيتاري چريج
نيڻين ننڊ مَ ڏيج، چيڙون چپر آئيون.

(37)

ڏِنگي ٻڌ ۾ پاڳڙي، بدامائن پاڙي
رائر رئاڙي، آئين پاند اڇليا.

(38)

ڪاچي ۾ ڪوڪ ٿي، پريا تان نہ بدام
ڪا پروڙي مار، پاتارائي پري ويا.

(39)

ڪاچي ۾ ڪوڪ ٿي، پر مَ بداما
ادا آن وٺا، لاکو ٿو لوڙيين ڪري!

(40)

ڏاڍو ڏهڪو مائٺو ڪاچو بدامن
راتيان ننڊ نہ ڪن، ڏينهان وڙهن ويرئين.

(41)

آيل سنگهارن جي، سرهي سانجاڻ،
پهرين پيئن پاڻ، پوءِ پيارين پهيڙا.

(42)

آيل سنگهارن جي، جهچان پسيو جهوڪ
جن ٿي پهيہ پياريا، منجهان مَتن موڪ
لڏي منجهان لوڪ، اٿي ويڙا آسري.

(43)

آيل سنگهارن سِٽَ
ڪاهي ايندا ڪڏهين، متي وانڌَ وَهٽَ
سَڳا هونئي مَ ٽ، تہ بہ اُڌو لاهہ مَ ان جو

(44)

آيل سنگهارن جي ڪٿي جيئن چيڙي، جهڄن پانڌَ
هل جان هل مَ ڪانذَ، ڪاڇي اٿا مينهڙا.

(45)

وڳ نہ پسجن وٽ ۾، جهوڪون نہ جهڻڪن
آيل سنگهارن، چيتاڻون چت ڪيو

(46)

جهوڪن سونهن پهيڙا، اٿي راڄ رهن
اِي ٻر سنگهارن، جيئن جوءِ جيارين ان جي.

(47)

سَيَرَ ساريو سور چري، وڳر اڪيري
جهري جهجهندي ڏي، سنيها ڪي سڄڻين.

(48)

وڏي وڳر هيرئين، چڻي نہ ٻين گڏ
ڪونہ ڪريندي سڏ، ويئي وهاڻي راتڙي.

(49)

ڪالهہ تنهنجا ڪونجڙي، وڳر ويا وهي
ڪنڌئين ڪوهہ رهي، سر ۾ سپرين ري.

(050

ڪونجڙين ڪالهہ، سڄڻ پاتم چت،
آءُ انهي ريءَ هت، ٿي گهنگهر گهاريان.

(51)

مَ لئن ڪونجل، مات ڪر مَ ڪي چور مَ سَيل
اندر تيا اجهل، مون پريان جا ڏڪڙا.

(52)

هلڻ هاريون سنڌ ڪي، روهہ راماڻا ڪن
ڪرڳل ڪونجڙين، رائي ۾ رات ڪيو

(53)

راتي ۾ رات ڪيو، ڪرڳل ڪونجڙين
وره ويچارين، راتو ڏينهان نہ لهي.

(54)

ڏِپ نہ پسين ڏِڪيو، ڪونج نہ پسين ڪانءَ
ماري سندي دانهہ، ڪِتو ڪنين نہ سئي!

(55)

ڏِپ نہ پسين ڏِڪيو، ڪونج نہ پسين ڪَڪ
ماريءَ ماري لڪ، وڳر سڀ ولها ڪيا.

(56)

ڏِپ ڀڄنئي ڏِهيون، ماري مرين شال
جيئن تو اچي ڪال، وڏو قُٽ فراق جو.

(57)

سڄي ڪر ساڃي، ڪونج ٿيو ٿي ڪوهہ
اڱ اڏاٽئين جن سي، ڇو پئين تن ڪان پوءِ
سڳر مٿان سنجري، وڳر وَهِي ويو
ڪاڙو ڪونہ ٿيوءِ، ڪِين سيٽن جو سرير ۾.

(58)

رڻ چرج روجهڙي، ويڙ مَ چرج ون
تہ تهين جي تن، جيءَ جو ڪوئي نہ ٿئي.

(59)

وري ڀيري وَس، راتيان چرئين روجهڙي
ڏينهائي تنهنجا ڏيهہ ۾، ماري ڏوري ڏس
چڏ گهمڻ ۽ گس، مٿان پوين پنجوڙن ۾.

(60)

تون جو درياء پيٽ ۾، پلو پلو پاهڻ
توتان وهي واهڙ، ڪئين ويا ڪيترا.

(61)

جڏهن تڏهن سنڌڙي، چارهو ڦيرينداءِ
ڪابول ڪاهينداءِ، ڪوڪ وجهندا ڪيڇڙي.

(62)

جمر ورچي چڙيو جهيپڙو جهونجهارا
سائو سوارا، لوڙيون هٽي لنگهيا.

(63)

لوڙيون هٽي لنگهيا، لڙي متان لَڪَ
رنڊا ڏنمر رَڪ، ڳهڻ تنهنجي ڳيڙي.

(64)

مانجهئين موتي ڪيو جهيڙي ۾ جهيڙو
متان پوءِ ميڙو ويرين واهروئين پاڻ ۾.

(65)

ويري واهرو پاڻ ۾، وڙهيا وير پٺي
ساريان ڪونه سهي، بدامائي ٻِت جو

(66)

گهر ويرين چانئيو نيرانئون گهري
وڏج وک يري، پالي ڏيئي هٿڙا.

(67)

وڳ م چڏجا ويسلا، جاتولا پارا
وڙهندا ٻه پارا، لاکي لوڙائو ڪڏهين.

(68)

تنگ تاٽيجا تازئين، مَ ڀر پلاٽيا هونِ
چاري آيا چون، لاکي لوڙائو آتيا.*

(69)

سنگهارا سيمر تي، ويسلا م ويهو
اَت ڪني نہ ڪيو پاسي قرار ڪڏهين

---

* اصل ۾ هن بيت کان پوءِ بيت نمبر 18 ٻيو دفعو لکيل آهي

(70)

لوڪان لڏي هليا، سمورا سنگهار
انهن جي تنوار، هاڻي نه ڪاڇي ڪنديون.

(71)

نه واڪو ولهارن ۾، هاري نه ڏاند
ٻج ٻري پانڌ، ڪوهه جاڻان ڪيڏانهن ويا.

(72)

اندر چمڙا لَمونَ، ٻاهر ڦمريءَ هل
لاڪو ناهي ڦل، حال ڳرهيان ڪن سين.

(73)

لک سئي لاکي جي، هو چکر چوري ڍار
گهوڙا، گهوٽ، سوار، ڪوهه جاڻان ڪيڏانهن ويا.

(74)

چوري چنجورن سان، ڪوٽي ڪنياڻون ڪوهه
لالِي لاکي جام جي، رهي اندر روح
پره ٽي ٻاپوهه، منُ مشاهدي ڪڏيو.

(75)

ٻلي ڪري آئيو ناٿارو ٿرا،
ٻڳي ڪٽ سجي ٿي لئي جاڪ گهرا
عاشقن مٿا، مچ سدائين نه لهي.

(76)

ڪونجڙين ڪٽڪيو وڳر نيا ٻوءِ
ٻاڻ ڪنان ٻوءِ، سٽڪو انهي سَرَ ۾.

(77)

ڪونجڙين ڪا وَهي، ٻچا نِين نه سات
اڏاڻيون عرش تي، واڻي ڪري وات
جتي ڏينهن نه رات، سوئي سر سوجهينديون.

(78)

ڪٽڪ تنهنجي ڪونجڙي، مون کي ٿي ماري
آءُ وڳر واري، نہ تہ ونئن اڏامي اوڏهين.

(79)

ڪٽڪ تنهنجي ڪونجڙي، پڌر وجهہ مَ هاڻ
هڪ ڏکي دل ۾، پيو نہ سجڻ ساڻ
تون ٿي پرين آڻ، نہ تہ وانءُ اُڏامي اوڏهين.

(80)

ڪٽڪ تنهنجي ڪونجڙي، هنئين منهنجي هيس
سر سيڪنهين ويس ساءُ تنهنجي سوجهيا.

(81)

ڪٽڪ تنهنجي ڪونجڙي، مر منجهيئي هوءِ
ٻاهر واڪو ووءِ، ڪوهہ لايو صديق چئي.

(82)

هينئڙو مون ڪَونر ٿيو اڄ جهمڪي ماءُ
جهوپي ۾ نہ سماءُ، صحيح گڏبو سڄڻين.

(83)

هينئڙو مون ڪونر ٿيو جيءُ جيئن جهمڪي ماءُ
جهوپڙي نہ مياءُ، صحيح ملندو سڄڻين.

صدا

سڄڻ سارڙيو مون الله ! ويندي پريان لوءِ
1. ويندي پريان لوءِ، منهنجي وڪ وڌندي هوءِ
2. ويندي پريان لوءِ، مون کي آڏڙي آڻ مَ پوءِ
سڄڻ ساريو مون الله! ويندي پريان لوءِ.

صدا

روھ نہ ويئينءُ رات، ڪونجڙي ڪوھ ڪٽڪين

1. ايي پڇي پھيڙا پرين جا پريات
2. وڳر سڀ وھي ويا، نہ او تو جھڙي ذات.

صدا

ويا وڃائي وِيس، لڪين لاڪا ڪيترا

1. ڪيڏانھن ويا ڪوٽن ڌڻي، جي ھٿا بادشاھ ۽ پير
2. پٺر تون نہ پٽئين، ڦرن تان نہ فقير
3. ويا ويچارا نڪري ڏيئي دڙو ڏير
4. سي ملاح ٿي مري ويا نہ او سائر سير
5. ڪُل شيءَ ھالڪ اِلا وجھہ، باقي آھہ بصير
6. سھسين ساعتون سنيري ٿي، صادق منجھ سرير

صدا

تئين ويري وڃھين ويس ھنيو يالا لڪائين پير

1. ڪھين تو قرب سان ان ابتي پير
2. جو تون اھڙو سپرين تہ تو چوندو ڪير
3. اندر ڪوٺئين ٻاھر ڏونٿين، اھڙا ڦيرين ڦير
4. ان پروڙين پھہ ڪي، ڪي دانھہ وڏا دلير
5. صادق سڪ بہ سنبري ڏک بہ ڍيرئون ڍير

* * *

سرُ وهاڳڙو

صدا

مگڻــان وان ڏک لـهـنـدا، مـگـڻــان وان ڏک لـهـنـدا
تنهنجي صاحب ڪئي سنڀال، مگڻان وان ڏک لهندا.

بيت

(1)

اٿـــي ور وهـــــاڳ ڏي، ايـــــريـــــو تـــــارو
سـبـز ريـســارو، ٿـو چـت پـرکـي چـارٽـيـن.

(2)

ستيـن ٻـانـهـن سـر ڏيـئـي، ٿـو چـائـيـن مـگـڻـهـار
کـهـڙا تـن قـرار، جـن چـوٽـاٽـي چـت ۾.

(3)

چـارڻ چـوٽـاٽـي مـٽـي، وانءِ سـمـنـگ سِـري
ساز تـنـهـنـجـو سـقـرو، مـٽـان هـٽـنـدل نـي هِـري
ڪنجهي پوءِ نـه ڪـري، ان جـاجـڪـاٽـي ذات جـي.

(4)

چـارڻ چـوٽـاٽـي مـٽـي، وانءِ سـمـنـگ سـتـي
سـاز ڏارج سـقـرو، مـگـڻـهـار مَـنـي
نـنـڪـا وجـي نـڪـري، ويـل جـا وٽـئـي
ڪنجهي ڪليءَ ڪـتـيـئـي، وانءِ اُجـاري اوڏهـيـن.

(5)

سچيون راتيون سمهين، ڪنجهي ڪتيئي ڪوهه
وڄائڻ ريءَ وهاڳ ۾، سازن سر وڏوءِ
مورهان وڏءِ مڱڻان، تنبيريان نه ڪوءِ
وڃي سپڙ لوءِ، ته اڄي ان اڄاريو

(6)

سچيون راتيون سمهين، تو چارڻ ناهه چندا
رونجهي سندي راڄ ۾، ڪيرت پس ڪندا
جيلان آيئي سمهڻ ساءُ، تي وڄايئي وهاڳ ڪي

(7)

ڪنجهي هٿ رت ڪري، ڪينر چني ڪنڌ
چن ته چڃي پنڌ، تندون طمع سنديون

(8)

جم وڄائين مڱڻا، طمع جون تالون
سڄن ٿيون سپڙ ڪي، تنهنجي هنئين جون حوالون
لاڪيٽيون لعلون، ملن مائيئڙن ڪي

(9)

دانهن ڪيو دان گهرين، ڳجهو نه ڳايين
بوڙا پوڙو پاڻ جيئن تو ڏاتر ڪي پانيين
سڏ ڪيو سٽايين، هٿ سڀئر معلوم سپڪا

(10)

ڪينر ڪيريءَ تنگيو اي نه پانن پير
سونهاري صبوح سين، وڄهي وينين وير
توڪي چوندو ڪير، ريءَ ڪيرت مڱڻو

(11)

ڪلهي پائي ڪينرو، پڙدي وڄهه مَ پاڻ
سهجان سپڙ جام جي، ريجهي پس رهاڻ
تن لئي هنياري هاڻ، جي رونجهاڻي رسيا.

(12)

ڪلهي پائي ڪينرو، ڏور مَ ڏيهہ پيو
ڪونہ لهنديس مگڻا، سبز چام جهو
خالي ڪونہ ٿيو جو رونجهائيءَ رسيو

(13)

مگڻا متان ڪرين، ڪا سبز سان ساچاهہ
ماڻڪ ڏنائين مٽ ۾، ڪيرت نہ ايندي ڪاءِ
اڳي ايو ڳاءِ، ڪلهي پائي ڪينرو

(14)

تُندا مندا مگڻا، سبز آهن چِت
ڪوني سي قرب سين جنهين ڀِر نہ پت
سي وهائي هِت، ڏاتر ڪٺي ڏِک، ڪيا.

(15)

تندا مندا مگڻا، آهونتا آڪاج
لنگهن بہ لوڏي چڙيا، معذور ۽ محتاج
تن سونهارا ساج، سبز ڏنا سون جا.

(16)

تندا مندا مگڻا، لنگها لوڏائي،
اِيءُ پر سبز چام جي، پانَ نہ پيرائي
اهڙوئي آهي، سندو رونجهن راجيو

(17)

آءُ مندو محتاج گهڻو پاٽ نہ نينم پاڻ
هٿين پيرين پانگرو، رڙهان رونتين ساڻ
حال منهنجو هاڻ، روشن توکي راجيا.

(18)

مگڻ وجن مگڻا، تہ مان نہ ڪونين،
ڏمريا ڏونين، تہ تون رونتا راڳ نہ سکيو

(19)

مگڻ وچن مگٽا، تہ مان نہ ڪن سڏ
تون چي وِڃا ڏڏ، تو تندو چنين ڪينري!

(20)

جان مون پيهي پاٽ پروڙيا، تہ پاڻ ينگين ۾ ناهہ
وهيا ڪنهن وينهانءِ، ڪلهي پائي ڪينرو

(21)

جان مون پاٽ پروڙيا تہ اڄ نہ ينگين پاڻ
تنبا، تارون، تاڻ، وڃائي وات تيا.

(22)

صدا سوالين جي ٻيلي منجهہ ٻري
لاتي چنتا چارٽين، ملا گهوٽ گهري
تازي ۽ تِري، ڏاڻ لهي ڏڏ آئيا.

(23)

صدا سوالين جي، ٻري منجهہ ٻيلي
لاتي چنتا چارٽين، رونجهاٽي ريلي
هو جي ولاڙيا ويلي، سي ڏاڻ لهي ڏڏ آئيا.

(24)

صدا سوالين جي، سٽي رونجهاٽيءَ رات
مگي سو ماٽڪ لهي، ٻجنگ نہ ٻچي ذات
پوريو جن پريات، سي طاماعو تار تيا.

(25)

صدا سوالين جي اپو اوناٽي
جيڪي مگن مگٽا، پلئہ سو پائي
ولها وڃائي، اتان ڏان لِهي ڏڏ آئيا.

(33)

دانهون دنبورن جون، اتي ور ورناء
ورد گهرجي ولها، ستين کهڙي ساء
جوڙ تندون، ڪرجاءِ، متان سبڙ جو سڏ ٿئي.

(34)

اُن در سندي مڱڻين، اڳي اِيءَ نه هير
جيئن ڏکها ڪري پير، سڀيون راتيون سمهين.

(35)

سڀيون راتيون سمهين، ايءَ حيوانن ريت
پڪي جن پريت، سي سک نه ستا ڪڏهين.

(36)

پاڻ پورائي هٿ ڪر، وڃهه ڇيري پر ڇاڻ
هن در سيئي اگهيا، جن نه ڏٺو پاڻ
رونجهائي راڄاڻ، آهي اپوڇهن جو.

(37)

هن در سيئي اگهيا، جي پڇهي ٿيا اپوڇهه
سائين در سپوڇهه، وايون وڃائي ٿيا.

(38)

نڪو ڪم ڪَنجهيءَ جو نڪا ڪينر ڪار
مات ڪري سڻ منگتا، جا تن پر پري تار
ته سبڙ سندي سار، منجهان ٿي معلوم ٿئي.

(39)

دل دنبورو درد جو، پورو وڃاءِ پريات
مَ ڏج زور زبان تي، اي وِڃائون وات
گهور گهورڻ، تيپ توڙڻ، ڇ ن ڇاڙين جي ڇمات
سمهين سڄي رات، ڪوهه لنگها ڏينهه لڄائين.

(40)

سمهي سمهي جندڙا، اڄا اٿين هير
نياڳا ننڊون ڪرين، ڏڳها ڪري پير
وڏيءَ ڪنهن ويس مڳي ويا مڳڻا.

(41)

نه ڪوهٽ نه پير تو نه توجيئڻ جس
ڏسيئن جي ڏاتار جي، تون ڏاتارِي ڏِس
سپڙ سونهن سنديس، سچي ٿي صديق چئي.

(42)

دنبورا درد جي، پولي ڪا پڏاءِ
تان چئي الله ٿي الله، پيو فنا فاني جندڙو.

(43)

مون پانيو مڳڻا، وئين تون مري
اچي تنهنجي حال جي، خبر لهان ڪَري،
تنهنجي تان پري، جيئن جٿرو آهين جهان ۾.

(44)

ڪالهه به ڪيئي ڪانه ڪا، اڄ به آهي آر
هاڻ گهايل ٿيو گهار، ماڳ نه مٿين مڳڻا.

(45)

سنجهي رهيين سمهي، غافل نه ڪيوءِ غور
پنهنجي هنئين هور، پاڻ پرائيئي مڳڻا.

(46)

سنجهي رهيين سمهي، اٿئين ڪين اَسور
صبح سهنديں سور، ڏکيا تون ڏاتار جو

(47)

هوجي سهنج سندان، سي اهنج پانئيوءِ
پرين چڏين نه پوءِ، مهندا نيندا مڳڻا.

صدا

راڳ رونجهائي هليا، ڪئي تنبورن تاڻا
1. ڪني ڪلهي ڪينرو، ڪني هٿ وڏاڻا
نہ مون ڪلهي ڪينرو، نہ مون هٿ وڏاڻا
2. وڃان سبز سامهون، کهڙي ڪٽي چاڻا
ڪيئن ريجهندو راڄيو، ڏنو پسي پاڻا.

صدا

ڏاڻ ڏيندو ڏاتار جي هوند ساهہ ورندي سبز پيٽئين
1. مٿي تون هيئن منديا، چانڊوڻا چوڏار

صدا

چارڻ چنگ نہ چورين، پيئڙو آهين پاس
تند تنهنجي مڱڻا، رونجهي آئي راس
1. سونهاري نِي صبح جو اٿي ڪر تات
2. ونءُ اوڏهين مڱڻا، ڏياريندوءِ ذات
3. ڪان لهنديون مڱڻا، ٻي ههڙي ذات
4. صادق ساريو سبز چار ڪي، رئين نہ سڄي رات.

صدا

ٻيو نہ مڱان مال، مڱان مهر تنهنجي
1. رک رباني راهہ تي منهنجو خدا لڳ خيال
2. تو در طالبن جو اي تان سدائين سوال
3. جي تون ٻاجهائي نهارين، تان اِي پلا تنهنجو پال
4. ڪوڙين اڇيو ڪيترا جاتون ڪن جمال.

صدا

ڪر اسارا سار اي هو ڪر اسارا سار
اي هڏ ويشي وهامي راتڙي
1. پائر پينر سب دل تان جدا تيئڙءَ يار
2. ڪلول ڪندي پاڻ سين گذر آئي جمار.

صدا

ساري سڪ نہ ڪا مڱڻو تو پاڻ پرٽي

1. رونتو راڳ نہ سڪيو سو وھہ پيو واجھاءِ
2. سندي اونر آسري ڪٽيو خرينا ڪاءِ

صدا

گھايل وجي گھاري، اي هو، گھايل وجي گھاري

مون منهنجي جندڙي

1. پنهنجي پرين جي آهي طلب تاري
2. غافل توڙي غفلت ڏئي، آهي ڪاڪر ڪاري
3. وڄ وڄان ئي نڪري، ڏيئي تو واري
4. اسان پرين پاڻ ۾ لڌو بر پاري.

صدا

ساريان ڪونہ ثواب، خاوند خطائون سنيران

1. ناهيم وسيلو وس ڪو، نڪو جيءَ جواب
2. ٻڃيو مران ڏپ ۾، متان اچي عتاب
3. نہ مون لڪڻ لکيو پڙهيم ڪونہ ڪتاب
4. هادي هدايت جو، ساقي ڏيج شراب
5. "صادق" سنگي تن ٿيءَ، جي خالق ڪيا خراب.

صدا

جو ڏاتر ڏينڌل ڏات، سو نہ وسارج مڱڻا

1. انئي پهران جي ڪج طلب اندر ۾ تات
2. همت همراهي آهي سڀڙ جي تو سات
3. سٽج سمجهج تنهن کي، ٻي وائي نہ ڪج وات.

* * *

سرُ راڻو

بيت

(1)

اڳڻ پسڻ ڪاڪ جو، جڏهن ويا جي
تڏهين تنين ڪيا ٿي، لوڙ لڏوڻي ڪنڌئين.

(2)

آتڻ چڙهي ڪاڪ جو جڏهن ڏٺو جن
تڏهن منجهان تن، موٽي ڪونه آئيو

(3)

سرها شڪاري ٿيا، پرمل پيتائون
ڪا جا ڪاڪ وڻن جي ٻولي ٻڌائون
تيئن رهين نہ رتيءَ جيترو، اسين ۾ آئون
سو تڙ سونائون، جت وايون وڃن وسري.

(4)

سرها شڪاري ٿيا، جوڳي ڏٺائون
گهوڙا ڪاهي گهوٽئين، ٻر ۾ ٻچيائون
ڄَـ هل ڄَـ اڳڙ چوڙي، ٻاٽي پيتائون
چڙهندي چيائون، تہ موٽڻ ڪو مس ٿئي.

(5)

سرها شڪاري ٿيا، ڪوجو پين ٻڙاء
تڪو ڪاڪ تڙاء، لوڏي ٻي لال ٿيا.

(6)

لوڏي تنهين لال ڪيا، ڪي جو ڪن پيون
ويهڻ وهه تيون، ڪاهيائون ڪاڪ تي.

(7)

ڪو جو ڳڏين ڪاپڙي، بابو بيڪاري
تاٽي آئيا تنهين، جت مومل موچاري
آئيا نه ماري، جيڪي وروهه سڀ وهاٽيا.

(8)

ڪو جو ڳڏين ڪاپڙي، بابو منجهه بر
تنهن ساميءَ ڏنين سيڪا، سندي خاص خبر
گهوٽن چڏيا گهس، ويچارن وهه تيا.

(9)

ڪو جو ڳڏين ڪاپڙي، ڳيڙو سان گلزار
تنهن موچاريءَ مومل جا پهي ڏنا پار
گهوڙا گهوٽ سوار، ڪاهي آيا ڪاڪ تي.

(10)

ڪاهي آيا ڪاڪ تي، جت سوپيئن سندي سونهن
راتو ڏينهان روح ۾، ويتا ڪن ورونهن
دانهه لاٽي دونهن، سڙيا ڪاڪ ڪنڌين.

(11)

سڙيا ڪاڪ ڪنڌين، لوڏي اچي لڪ
آتڻ منجهان اُن جي، پيئن ڪا پرڪ
ويچارا ورق، ويتا واچين سور جا.

(12)

نانگي نظر آئيو گجر سندو گام
ويا ويراڳي وسري تيرٿ سڀ تمام
دونهين پاٽي دائم، ونو وِير وِماس ۾.

(13)

ڪٿان هلين ڪاپڙي، ڪٿي هلين ڪالهہ
اکينئون آرتي گاڏئون، تو لڙڪ وهائين لال
ڏٺو جنين جمال، سامي تون نہ سلائيين.

(14)

اپرندي آهس ڪري، جيڏو سج شعاع
تيڏو ڪاڪ ڏٺا بابوءِ جي بناء
مومل مون مناء ڪنهن ويل نہ وڃي وسري.

(15)

گوشائتيون گجريون، ٻرون جن پالا
سي مارين "مِيئن" چئي، ڪنهن ڪمالا
وِسهي وصالا، ڪوڙيين ويا ڪيترا.

(16)

ڪاڪ تڙ جو ڪاپڙي، رهبر اپو روءِ
سوڏيون شڪارين ڪي، چٽيون اپو چوءِ
جوڳيءَ جاڳيو ڪوءِ، ساجهر سور پرينءَ جو.

(17)

هلو پسون ڪاڪ تڙ چمرو جت چڙهن
سهسين رنگ، رچن، پاٽان وائي پڪ سين.

(18)

اڏائي عنبر جي، ڏينگهر متان ڍت
خوشبوءِ جي "گتي" چوي آئي چڳيرن ڇت
ڪاڪ گهڙندي ڪت، لٿا لوڏيٺڙن تان.

(19)

مونڊ هارو ميندڙو، ڪاڪ ڪوماٽي لٿي
وٽن ورن متائيو، اڳيون "عالي" چئي
اکيون ڏين نہ شاهدي، جوت جهرڪن جي
ڪوءَ آسانبا ري، ساريو سجڻ سڄ سڙان.

(20)

ڪڙهي ڪاڪ وڻ لهسيا، لوئيو لوڏاڻو
سوڍي ريءَ سرتيون، آتڻ اجهاڻو
هنيون مون ڪاڻو لڳي ڦٽ فراق جو

(21)

ڪيئن وڏوڻيون ولها، راڻا نه جاڻا
مينڌرا ماڻا، ڪرين ڪهڙا ڪميڻيءَ سان.

(22)

رس مَ، رسڻ گهوريو، پرچي اچ پرين
ماريس ڦٽ فراق جي، جِهَت جي ذري
آيس تو ڳري، مانَ سوڍا سڪياڻي ٿيان.

(23)

رس مَ رسڻ گهوريو، ڏاڻي منجهان ڏول
توکي ساريو سپرين، رئان منجهه رتول
تڪاڻا ۽ تول، وسهه مون وِهه ٿيا.

(24)

سوڍا سور سڪائيون، اکيون آب نه ڪن
راڻي جي رهاڻ کي، ور وهيڻيون وتن
سي ڪيئن مينڌرا مڃن، جي تو سوڍا سوريءَ
چاڙهيون.

(25)

چا جي باغ بهاريا، مون باغنئون بس
سوڍي ريءَ سرتيون مون کي ڪاڪ نه اچي ڪَمس
راڻي پائي رَس، تن پيڙيءَ جيئن چاڙهيو

(26)

راڻو آيو راج ۾، ٿي سهيلين سڌ
ڏِٽ پهريائون پدمڻيءَ، ويس ڪيائون وڌ
آديون اڌو اڌ، پهرين رات پرينءَ سان.

(27)

مٿان اڳڻ ڪرهو، وَهيَ ـ ن جيئن واري
مون کي ٿي ماري، سودا سائي ڳالهڙي.

(28)

مٿان اڳڻ ڪرهو جلي جيئن جهوڪي
سڪ منهنجي سپرين، راٺا ويهين روڪي
سڪان ٿي توڪي، منهن ڏيکار ميندرا.

(29)

ميي ۽ ميندري ڪي، ڏني تئڙم ڏينهن
ويني ڳوڙها ڳاڙيان، هاٺي ڪريان ڪيئن
نيڻ پرچي نينهن، پلٽيا پاٺي ڪري.

(30)

ميي ۽ ميندري، بنهين لال وڙڪ
هو نايو نانگليون چري، هو پيئي پانن پڪ
لوڪان ڪري لِڪ، وجي ڪونئر چنائون ڪاڪ جا.

(31)

جڙ گهوڙا، پڙ گهوتيا، آيا ڪاڪ کهي
محل جي مومل جا، سي سودي ڪيا صحيح
راٺي رات رهي، لاٿا گوندر گجريين.

(32)

جڙ گهوڙا، پڙ گهوتيا، ناتر ڪج نرت
کين ڏناسون ڪنهين، ههڙا هاتڪ هت
پکي ڪري پرت، پوءِ پچايان پهيئڙا.

(33)

ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي، موهيا نہ محلن
پائين ۽ پانهين جي پنڌڻ کين پجهن
لکين لاهوتن، اهڙيون اوري چڏيون.

(34)

ڪاڪ چڙھيائون ڪنڌ تي، پيئڙن پنڌ پري
تن کي مومل ڪوھ ڪري، جي لوڏاڻو لنگھي ويا.

(35)

ڪاجا ڪرڪاڪ ڏي، تيئن تاڻيو تنگ، تاڻين
ڪواڻو ڪرھو ڪي وانگر وھائين،
پايو چوڪڙا چيت جا، تا عاشق اڙائين
مومل سي ماڻين، جي سڪ نہ ستا ڪڏھين.

(36)

چڪنديءَ چريا ٿيا، جوڳي زھر ذات
ڪاھيائون ڪاڪ مٿي، رھہ ۾ پبن رات
وھيا ٿنھن ولات، جتي سور سپجي.

(37)

پاسي وجو پانڌيا، ان جاڳ ڪنان يار
گجر ھٽي گز سين، نيا ناليدار
پيا پسيين پٽ ۾، ڪنڌي ڪاڪ ڪپار
سوڍا ڪج سنڀار، مهند راڻان ٿو رت وھي.

(38)

روءِ راڻي جي ناھہ ڪو سوڍا سپ سلطان
لڪين چڙھيائين لوڏائي دفتر ۽ ديوان
نسوروئي نينهن جي ڪشيائون ڪمان
ڪنهن جي رھي ڪان، ٿيو مڙيوئي ميندڙو.

(39)

نڪو مٽ مهندري جو نڪو جهڙس جيس
سڪ سوڍي جي نہ لهي، پٽو توڻي بيس
سرتيون سونهن سديس، ڪريو ڪريان ڪيتري.

(40)

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو، چوڏس چناڻو
منجهي ڪاڪ ڪڪوري، منجهي لوڙاڻو
راڻو ٿي راڻو، ريءَ راڻي ناهه ڪي

(41)

راڻو روح منهنجو، سوڍو ساهه سندوم
منجهيئي ڪاڪ ڪڪوري، لوڙاڻو لڌوم
سرتيون پرين سندوم، منجهانئي معلوم ٿيو

(42)

راڻو رهيم روح ۾، سوڍو اندر ساهه
ساعت نه ڪٿان هيڪڙي، پرين ري پساهه
اندر روچي راهه، پاهر پڇهايان ڪن ڪي

(43)

ڪنهين پڇين ڪاپڙي، ڪونهي مومل ماڳ
سوڍي سا سچ ڪئي، جنهن ۾ سڙيو سڀ سهاڳ
ڦنجي پيو فراق، پسي ورق وصال جو

(44)

نه سو راڻو ميندرو ۽ ڪيئن ويهي ڪاڪ
پسيو محل ماڙيون، هنئين وهي هاڪ
اندر مون اوطاق، راڻي جي رهاڻ جي

(45)

نه ٿي نڪتن مان نڪري، راڻا تنهنجي روءِ
ٿهڙو سچ نه سوجهرو، جهڙي تو پاپوهه
سنجهي ۽ صبوح، مون مَنُ وسين ميندرا

(46)

ڪي جو چيو ڪاپڙي، سو "صادق" سيباڻون
آهه مڙيوئي ميندرو پر پند پراهون
سڀ تو منجهه سيباڻون، تون مڙني ۾ محيط ٿيين

(47)

راڻــو رتـــولـــن ۾، آيـــو ئـــي آس ڪـــري
پـر پـر ڪـيـو پـري، مـومـل وٽ مـيـنـڌري.

(48)

ڳـمـنـدي ڳـاڙهـي ٿـي، راڻـا روئـڻ مـنـجـهـاءِ
سـائـيـنءَ ڪـارڻ سـپـريـن، تـون هـيـڪـر پـيـرو آءُ
هيءُ ڪـو اهـڙو ڳـهـاءُ، جـيـئـن مـون وجـي وسـري!

(49)

ڦـوڙائـي ڦـاٽـي هـنـيـون، سـوڍا سـچـي ڳـالـهـ
جـيـڪـو جـيـان ڏيـنـهـڙو، پـريـن تـنـهـنـجـي پـال
اچي ڪنهن اعـمـال، مـنـهـن ڏيـکـاريـو مـيـنـڌرا.

(50)

"صـادق" سـچـيـون پـس تـون، مـحـلاتـون ۾ مـاڳ
جن جـي ٿـي مـچ مـرڪـي، ڪـري رهـاڻـيـون راڳ
سـي وراڻـي واڳ، راڻـا ڪـنـهـن رخ ويـا.

(51)

راڻـا رتـولـن ۾ اچـي ڪـوهـ ڪـيـوءِ
ڳـڏجـي سـاڻ ڳـجـرئـيـن وڏو وڍ ڏنـوءِ
مـاريـنـدو ويـوءِ، ورڻ وڇـوڙو تـنـهـنـجـو

(52)

ڏِکَ چـڙهـنـدي ڏنـائـيـن، ڪـوڙـي جـو ڏهـاڳ
سوڍي سا سچ ڪئي، جنهن ۾ سڙيو سـپ سـهـاڳ
هٿي هٿيءَ جو ڀاڳ، جـو پـيـنـر پـيـرو ٿـي نـه ٿـيـو

(53)

مـومـل مـنـي مـيـنـڌرا، سـٽـي ڪـو سـلام
پـکـس سـک "صـادق" چـئـي، اچـيـس نـه آرام
ڪـنـل ڪـي ڪـلام، مـوٽـي آيـو مـنـهـن ۾ .

(54)

ايرندان تي ايريو، ڪري گيڙو گل
هادي هدايت جو، ڪونهين سندس ملهه
"صادق" ڳالهه مَ سل، فضل الله شاهه فقير جي.

(55)

ڏڪ چڙهندي ڪونئين، رتو رنائين
ائين چيائين، ته ايجا ڪسبا ڪرها.

(56)

مس گهڙندي گهوٽيا، ڪرهو ائين مَ ڪاهه
جن ۾ ساهه نه ماهه، مومل سيئي ماريا.

(57)

سونهن سوڍي ڪي وتري، ڪرڪڪوري جوءِ
راڻو تي نه روءِ، تڙ تنواريو تي مران.

(58)

راڻو رات نه آئيو باڪون پرهه ٻَڪن
ٿي ڪڙهان منجهه ڪکن، ڍوليا تنهنجي ڍاٽئين.

(59)

صبح ٿيو سوجهرو، پرهه پڌاريو
روئي رت هاريو مومل ڪارڻ مينڌري.

(60)

مومل ڪنين نه ماڻي، وڃي ڪاڪ تڙن
سوڍا سوين سِڪي ويا، پيا راڻا ڪيئن رڙن
سي کهڙي پر پرن، جي واتهين وِري ويا.

صدا

پينر جيڏيون وو وو، ڪا مَيو موٽائي
1. اوڍيڻن جو اڳهين مون ڪي اوسيڙو آهي
2. ڏڪ منهنجي ڏيل ۾ اني جو آهي

صدا

آ تون آ تون ميا، جيءَ ميا پير پري

1. متان مون کي ڇڏيين کو وانڌو وچ ڪري.

صدا

موڏي اڇن جي هوت منهنجا

1. پٽر وار وڃائيان، پرين پنهنجي کي

2. ڪٺوريون ڪيروليون چاريان چانگي کي

3. تان اِي ڳالهيون ڳجهيون سودي سين ڪري

4. متان مومل ويهين ربجهي راڻي کي.

صدا

جوڳي هن جوءِ ۾، ادا راول رهه راج

1. اڇي رهيم راج ۾ لڪڙيون کوڙي

2. مون من ڪينرن سين ويڙا الوڙي

3. ينيءَ رات پڪٽيون نانگن چوري

4. ڏينديون ڏکوين کي کو وهه کوري.

صدا

ڪبي ڪيچ پچار اي ڪا ڪبي ڪيچ پچار

ساٿيا ڪا ڪبي ڪيچ پچار

1. پاڪارِيندي مور جيئن سا ڏني ڏور پنوهار

2. ايي پچي پهيڙا مهندا جي کوهيار.

صدا

ساٿي سنبهي ويهه، وو ڪاڪ گهڙندو ڪرهو

1. مومل صحيح ماٽبي، وو دور ٿيندي هيءَ ديهه

2. ننديا وڏا هلندا وو سب راڻا رنيءَ ريهه

3. آخر انڌا سي ڇٽبا، وو جن هت نه ڏنو هو ڏيهه

4. "صادق" ڪنهن جو نه هلي، وو اتي مَڪر ميهه

***

سرُ سامونڊي

صدا

تو هوند مون کي ماءُ تان نہ پلي، هوند مون کي ماءُ
جي هوند اوري ووڙي هوتن سين، ماءُ دوستن سين
1. وهڻ واٽڙين تي هوند پانڌي سب پڇياءُ
2. پارانيا پانڌين کي هوند رويو رج ڏئاءِ

بيت

(1)

آءُ ٿي اوسهه پائيان، تون ڪر موچارو فال
جو وڻجاروئي لال، سو ڪڏهن ايندو مان گهرين.

(2)

ڪڏهن ايندا مون گهرين، اهريا جي اڄ
پريان سندي هن پار ۾ وڃي دنگي ڏڄ
سامونڊيءَ کو ڏنجهه، ماءُ مارينڊم ڪڏهين.

(3)

سامونڊين سڙهه چڪيا، ڏني ڏياري
اوچتي اتر جي مستان مند آئي
وچڻ جي وائي، ٿي ملا معلم مون سٽي.

(4)

سامونڊين سڙهه چڪيا، لڳن اتر بوءِ
ننگر ويڙهي ناڪئا، ساجا ٿيا صبوح
سب سٽائي جوءِ، تن کاري کيڙائن جي.

(5)

سامونڊين سڙهه چڪيا، لڳن اتر باس
ننگر وڙهيا ناڪئين، هڏ هنيائون هاس
اندر مون اداس، تن ڪاري ڪيڙائن جي.

(6)

سامونڊين سڙهه چڪيا، لڳن اتر هير
ننگر ويڙهي ناڪئا، ٿيا سٺائي سير
اندر مون اڪير تن ڪاري ڪيڙائن جي.

(7)

مِٺي مور نه موٽيا، ڪاري ڪيڙائو
سودو ڪن نه سون جو وڏا وهائو
موٽي جي مهراڻ جا، تن جا طمعائنو
سامونڊي سائو لنڪا لنگهي آئيا.

(8)

سامونڊين سڙهه چڪيا، اڄ پڻ وڃن گهنڊ
ننگر ويڙهي ناڪئا، ڪڙيا مٺي ڪنڊ
اندر مون اڪنڊ، تن ڪاري ڪيڙائن جي.

(9)

لئي لڪاءِ جي اهريا، سي لڪاءِ لڪاءِ ڪن
سٽي سور لڪاءِ جو سڪ نه سامونڊين
وهون وڻجارن جون ايون رت روئن
وڏي ڀاڳ ملن، جي اهريا ڪارونيار ڏي.

(10)

اهريا ڪارنيار ڏي، ڪري غواصي غور
پيهي ويا پاتار ۾، ڇڏيائون شر شور
تاٿي انهيءَ طور، ماڻڪ ميڙي آئيا.

(11)

جيئن ڪنهن ڪارونيار ڏي، اي؛ غواصن گَت
پيهي ويا پاتار ۾، پوري رکي پت
انهيءَ ئي اپت، سمند سوجهي آئيا.

(12)

محبت پري مڪرا، جهاز جڙيا جن
سناڻي سموند جو، پرو آهي تن
اهريا او عميق ڏي، پيون ڏيئي پن
ڪارونيار ڪنن، سمند سوجهي آئيا.

(13)

محبت پري مڪرا، جهاز جوڙيائون
ڪيائون سير سمند جو، پڇي پوريائون
جنهن ۾ آهل سپجي، سو معلم ماڻيائون
آڻي ڏنائون، هيرو لعل هٿن سين.

(14)

جر جهاز مڪرا، آءٌ ئي ننگر نهاريان
ساريو ساموندين کي تڙ تڙ تنواريان
آءٌ گوندر گذاريان، ويا وڻجارا اهري.

(15)

ويا وڻجارا اهري، جر سر نہ ڪن جڏ
مون کي وجهي گوندرين، پاڻ ئيا لهرين گڏ
ساموندين ڪا سڏ، پاڳ سٺنديس پينرون.

(16)

ويا وڻجارا اهري، تڙ نہ تنواروں
ڏيئي ويا ڏيل کي سورن سنياروں
ڪندي مون ڪارون، رات نہ رهيا هيڪڙي.

(17)

رات نہ رهيا هيڪڙي، ڪارون گهٽئي ڪيام
وٽ جارا وڻ نام، آيل ويا آهري.

(18)

سجڻ هليا سنئين، چڏي جوين ڏينهن
رئان رهن نہ راتڙي، آيل ڪريان ڪيئن
مون ڪي چاڙهي چيئن، پرين پکڻ چوڙيا.

(19)

ور وڏائيين ونجهہ ڪي، الوڙڻ نہ ڏئي
چي: ايڏي سفر سپرين وچ مَ ڦوڙائي
لائي مون لائي، رهہ اجوڪي راتڙي.

(20)

تون ونئن وهلي نڪري، ننگر جان نہ ڪٽن
مچڻ ڏيهہ وجن، ناريون پوري ناڪئا.

(21)

پکهہ ڪٽي پنڌ ٿيا، ننگر ۽ ناريون
بندر بازاريون، سڃيون سامونديين ري.

(22)

گهٽي ڪَٽيي ڪان گهوريو، سامونديڪو سنگ
جنهين سنلو پنگ، هنيين هڏهين نہ لهي.

(23)

من اهلي نہ اهريو ننگرنئون نيٽن
سباجهي سيٽن، ڪٽڻ سان ڪڙو ڪيو

(24)

وڻ نڻ پڏي وانئنيون، جر تڙ ڏيا ڏي
الله ڪاند اچي، آڻ آسن پري آهيان.

(25)

آيل سنگهارن جي، پکڻ پاسي گهار
وڃي جيءَ جنجار، مڇڻ وڃنئي اوهري.

(26)

آيل سنگهارن جي، پکڻ پاسي پچ
من ۾ ٻاريو مچ، مڇڻ وڃنئي اوهري.

(27)

پکڻ پاسي ويهه، آيل سنگهارن جي
جيئن تون وڪ ڪڍين وسلي، هو پوربندا پرڏيهه
سمنڊ جن ساٿيهه، تون ڪوهه نه وبين ان سين.

(28)

ٻيڙيءَ ٻئي هٿڙا، پکڻ پچيو روءِ
سامونڊي سندوءِ، مون ڏنءُ ڏينهاڻي نه لهي.

(29)

ڪانڌ پنهنجو مڪرو "هو" ۾ ڪٽي هلاءِ
اولاد تنهن کي عشق جا سهڃان ساز سنياءِ
وڃان سڀ وڃاءِ، اوڃو جي لباس.

(31)

ڪانڌ پنهنجو مڪرو "هو" ۾ ڪاهه ڪهي
اولا تنهن کي عشق جا لاٿ ساز سهي
ته منجهان وَهَه وهي، پار پهچين سجڻين.

(32)

ڪانڌ پنهنجو مڪرو پهه پريان جي پور
ساڃو ڪر سڪان ڪي، منجهان عشق اور
ته مانو پوءِ نه مور، پار پهچين سڄڻين

(33)

معلم سڪاڻين ڪي، ايو سڏ ڪري
لڳو وَهَ، واڪا ڪري تڪو منجهه تري
منهين آئي مڪري، پسو پير پري
وڪر سو مَ وري، جو پاڻ پراڻو ڇاڙهيو

(34)

معلم سڪاڻين ڪي، ايو ڪري سڏ
تان نهاري ناڪشا، بيڙي بڌو اڏ
تري هيٺ تراز جي، ڪري ڪڙڪا ڪڏ
ڪوهي ڪيڙائن جي، جرس مَ پوءِ جڏ
مال پنهنجي مڏ، پاڻ پراڻو ڇاڙهيو

(35)

معلم سڪاڻين ڪي، سڏ ڪريو ٿو چوءِ
بيڙي باتاڙي ٿي، مٽي ڏنگهه مَ ڏوءِ
جانڪيو جن جهاز ڪي، ايي ويا اوءِ
تهين وڪر وٽ مَ پوءِ، جو پاڻ پراڻو ڇاڙهيو

(36)

پاڻ پراڻو ڇاڙهيو وڪر وڻجارا
سڄن تا سمونڊ جا، آڏا اويارا
اڇي ڏنگهه ڏرڪيا، بيڙي ٻه ٻارا
جاڳو جي يارا، ته تڙ تواٿي نه ٿئي

(37)

سڪاڻيا مَ سمهو بند رڃان پٺي
مهندان ڪپر ٿو ڪن ڪري، جيئن ماٺي منجهه مهي
ايڏو سور سهي، ننڊ نه ڪجي ناڪئا.

(38)

ننڊ نه ڪجي ناڪئا، معلمين چيو مها
اتر جي آرا، ته ڏني جهلڻ ڏاڪڙو

(39)

جان پورئين ٿو پرار، تان ڪج سڙهه جي سنڀال
مٿي متي مهراڻ ۾، لهر سيڪا لال
ڪٽج منجهه خيال، مڇڻ معلم ٻوڙيين مڪرو

(40)

جان پوريين ٿو پرار، تان سڪان جهل ساڄو
مٿي متي مهراڻ ۾ لهر جو لاڄو
تن جو سفر سياڳو امل جن اپائيو

(41)

پرار جن پوريو سي اوري ڪيئن اپئ_ن
سڪاڻيا سمنڊ جي سڪي پر سڪن
پهون پيڙيا تن، محڪم جهليا مڪرا.

(42)

محڪم جهلج مڪري، مل مهاڻا مير
ساري ان سڪان کي، ڪوڙ هٽائج ڪير
ويندي وڻجارن جي بندر ڏانهن بهير
گهر انهن جي ڪِيس لانگهو جن لنگهائيو

(43)

محڪم جهلج مڪري، مون تو چيو ڪانڊ
جي سڙهه پراڻا پاند، ته لهريون سهي نه لنگهبيون.

صدا

اي آيل جان جيان تان ساهه سين سران
پيچري پيچري پرينءَ جي.

1. هيجان جهلي هنڙا، گهوري گهوري آءُ پنوه پياريان
2. ٻڌا جي ٻانهن جا، گهوري گهوري ڪيچين سان ڪريان
3. نڏڪ ٿيئي جندڙو گهوري گهوري آءُ مري تان نہ وڃان.

صدا

جيڪي آيل جيڪي منڌ ڪري
جيڪي آيل جيڪي منڌ ڪري.

1. ويچاري لاءِ سڄڻين، سا چڙهيو چاڙهيڪا ڏي
2. اڪين ڏسان اوٺين ڪي، آئي ڪيهہ چندي
3. چڪيم ساءِ سورن جو، ڪيچي سيڻ ڪري.

صدا

آيل آيل جڙ جنجڙي جيءَ جياري
اي وءُ وءُ سي ڪيئن ويهان هوت وساري

1. سپ جماندر گهاريو من ورهہ سين ويچاري
2. ڏک، لاهيندس ڏيل جا آءُ ان جي اوتاري

صدا

جو مان اندر گهت، اي جو مان اندر گهت
سو آءُ سور سلايان پنهنجو ڪن ڪي

1. ڪانڌ نہ ٿوئي سمهين، ووءِ ووءِ ووءِ ڪا منجهين گهت
2. ساڏن پاپي پانهنجي، ووءِ ووءِ ووءِ ڏيندڙي پول آهت
3. مان تئي پراني پڌ پر، ووءِ ووءِ ووءِ جا بر مٿان بٺ
4. پيا تن پرين ري، ووءِ ووءِ ووءِ "ڦتو" چئي ڦت
5. تون ڪيئن اچيو تن سان، ووءِ ووءِ ووءِ اپري ڪرين اگهت.

صدا

ونـدي ويـا جمـاج الـو اي هـو تـوكـي سـاريـندا ويـا هـو
1.اوكـا تـرس نـہ هـون تـان پـوري پـوري
پـهـہ پـروڙي كـوهـہ نـہ نـكـريـن

صدا

جـي مـون جـاتـو تـہ كـي آيـل هـوت هـلـندا
تـہ اكـڙيـون آب پـري هـونـد نـيـڻ ورايـم نـنـڊ جـي.
1.تـان كـو ڏونـگـر ڏوريـان جـان كـر انـدر سـاهـہ
2.تـان كـو واس وهـايـان آءُ پـاروچـن لاءِ

صدا

پرين جي پنڌان مون کي جي جهلينديون، سي نہ ٻجهنديون
ساتيئڙا او ادا ونـدر ويـلـو مـان كـو كـن ونـدر ويـلـو
او ادا، كـر كـا ڳـالـهـہ سـنـديـان
1.تان کو ڏونگر ڏوريان جي پرين مون پنڌان، ساتي لو....
2.ماڻ ميڙائو مون ٿئي کو سگهري سيـڻان، سـاتي لـو....
3.آءُ پـيـادي پـنـڌيـن، هـو سر جـمـاجـن، سـاتي لـو....
4.آٿـي لاتـيـون اوٺـيـن لـڏون پـر لـكـن، سـاتي لـو....
5.ٻڌيون ٻاروچن کي سونـهـريـون سونـهـن، سـاتـي لـو....

صدا

آءُ ٿي وندر وڃان لوءِ، مـون كـي تـا م جـهـلـيـجـا جـيـڏيـون
آءُ ٿي چپر وڃان لوءِ، مـون كـي تـا م جـهـلـيـجـا جـيـڏيـون
1.اچـي دونـهـون دنـكـيـو كـوهـيـاري جـو كـوءِ ......

صدا

جـاڳـو يـارا جـيـڏيـون، سـيـڻـن سـچ سـكـجـي
1.مـٿـي آهـس اسـري پـتـنـگ جـيـئـن پـچـجـي
2.سـر پـنـهـنـجـو سـٽ ۾ جـوتـي جـيءَ ڏجـي
3.پـريـتـڻـي پـريـن جـي وڃـان پـاڻ وڃـجـي.

صدا

سا آءُ آيل ڪريان ڪيئن، منهنجو نينهہ آ، پليو نا رهي
1.اڏوهيءَ جيئن ڏڪڙا، چڙهيا چوٽيءَ سيئن
پاڻ پهتا ڪيچ ڪي، مون ڪي ڇاڙهي ڇيئن....
2. جا جڙ لڳي بيڙئين، سا جي لڳي نينهہ
تہ پرت پراڻي نہ ٿئي، جڳ، چماندر سيئن.....

صدا

ڏار دل جي دنگي، اي ميان! ڏار دل جي دنگي،
تہ تون لحظي وجين لنگهي، اي هو پکهہ پائي پرت جو
1.جي پاسنئون پاٽي وهي تہ تون چيت ڪر چورنگي
2.پڙهيا پنڊت پارکو اتي سهسين هٿا سنگي
3.جت اونهايان اونهون وهي، اُت آيا ڪي اڙبنگي
4.هٿ ۾ آئي تن جي جن وٺي ورهہ سين ونگي.

صدا

اي هو پکهہ پاءِ پنهنجي مڪري، او مڇڻ چوهي چناگي
1.لئي لوب ويڙا لڏي، پکهہ چنو بيڙي بڏي.

صدا

ستا مرنڊين سور، جو تون پهہ پريان جي ويسلو
1.توکي خواب خوش ڪيو وهمن ڪيئي وهلور
2.ڳتيو هونهين گهوريو متا وجاءِ مَر مور
3.هي تہ وطن تنهنجو تون ڏکيا ويندين ڏور
4.متي وسائي منهن تي، پار پريان جي پور
5.متان "صادق" سپرين، ڏکي ڪنئي دور.

* * *

سرُ كنيات

صدا

كا هنشين سين لاءِ پلو پوري ماء
ماء مون كينشن جَي ڀلون پائيين.
1.جهلئون پلئون پائيين، مت نہ آچين كاء
پلو پوري ماءُ.
2. آلي پٽر سمهي آيل مون جيئن نہ ورا....
3. ڏينهن گهڻيرا سنيرين، آءُ تو پچان ماء ....
4. واڳي هئيس ور سان، گوندر كين گڏيا....
5. هيءَ سور ٻاروچن جو مٿي لهندو ماء ....
6. ايان تان نہ ايري، ويهان تان نہ وهاءُ....
7. سج سكندي الهي، روئندي رات وهاءُ....
8. پيئي جا پرينءُ ري، سا كيئن رات وهاء ....
9. جيئن جر جيري وچ ۾، وجي ۽ واجهاء ....
10.كي جر سندي سجڻين، كي تڙ تتا ماءُ....
11. هي سور ٻاروچن جو مٿي لهندو ماءُ ....
12. ويو ٻاروچو نكري سور چكائي ساءُ ....

بيت

(1)

تو ڏنهن گهڻو نهاريان، تارا تيلاهين
منهنجو سجڻ جيڏانهين، تون تيڏاهون ايرين.

(2)

لڏيو لاٿي ايري، تارا تيلي روءِ
جهڙو تون صبوح، تهڙي صافي سجڻين.

(3)

جي تون منيان نہ پانئين، چنڊ چوانءِ سچ
ڪڏهن سچو ايرين، ڪڏهن ايرين ڪچ
جهڙو تو منجهہ مچ، تهڙو پدم پريان جي پير ۾.

(4)

جي تون منيان نہ پانئين، تہ چنڊ چوان تو حق
پر آکيون تيون نڪ، تو ۾ ناهہ پيشاني پرين جي.

(5)

چنڊ منهنجو سپرين، تارا ٻيءَ ڏٺي
آناري عالم ۾ منهنجي ساڄن سونهن گهٽي
وڃن سي م ڪٽي، مون تن واڳيو جن سين.

(6)

چاري جو چيو ڪري، آيو چنڊ چڙهي
جت ڏٺائين پرينءَ کي آيو ات اڙي
ويو ساهہ سڙي، "ڪتي" چوءِ، ڪرن جو

(7)

پرين جون پرڏيهہ ۾، چنڊ جڻڪون پون
جڪر تن جانن کي راتو ڏينهن رون
سجڻ سکي هون، تہ آءُ پال پلي جا پانئيان.

(8)

مون ساريا سپرين، شاخون لڪيون چنڊ
من اڍڪي اتيو نيڻين پڳي نند
نجاٿان ڪنهن منڊ، منهنجا پرين ورائي جهليا.

(9)

ايــر چـــنـــڊ، پـــس پـــريـــن، تـــو اوڏا، مـــون ڏور
ســجــڻ ســتــا ولــهــه ۾ چـوتـا يـــري ڪـــپـــور
سي ڪيئن سڄڻن ڏور جي سدا ڇٽڪڻ ڇت ۾.

(10)

ســهــســيــن ســجــن ايــري، چـوراســي چــنــڊن
بساالله ريءَ پــريــن، ســب اونــداهــا پــانــئــيــان.

(11)

اونــداهــي اڌ رات جــو پــريــنءَ ڏيــڪــاريــم پــاڻ
چــنــڊ تــارن ســاڻ، پــيــهــي ويــو پــڙلاءَ ۾.

(12)

ايــرنــدان اڄــو ئــي، چــنــڊ تــو مــنــجــهــه چــانــت
جيئن اڄو تون منجهه رات، تيئن سڄڻ نت سوجهرا.

(13)

نــايــو نــاگــيــلــيــون چري، پيــر نــه هــٽــي پــرنــگ
چندن جا چوپا ڪري، ڪائي نــه ڪــئــوري سنــگ
لــڪــيــن مَــنــي انــگ، ميــي ڪــي مــحــبــوب جــا

(14)

چــنــدن جــا چــوپــا ڪــري، ڪــائــي نــه ڪــئــوريءَ پور
ميي ڪي مذڪور، ڪــنــهــن پرانــهــيــن پــنــڌ جــو.

(15)

چــنــدن جــا چــوپــا ڪــري، ڪــائــي نــه ڪــتــٺــهــار
اگــر اوڏو نــه ئــئــي، لــهــي نــه ســرڪــنــڊ ســار
لائــي جــيءَ لــغــار، مــيــو مــتــارو ڪــيــو

(16)

تيئن هيٺو هڏهين نه ٿئي، ڪنهن جنهــن ڍريــو ڍار
اگـــڻ آيـــو نـــه ڪـــري پـــاهـــوري پـــچـــار
جيڪس منجهه قطار ڪا ول چــنــائــيــن وهــه جــي.

(17)

ڪاول چني ڪرهي، ڪچي ۽ ڪڙي
وجهي وات نہ وڻ ڪي، آيو چهنگ چري
سنهون ٿيو سڙي، چانگي چرڻ ڇڏيو

(18)

چانگي چنو جن سين، سي وڳ بہ ويا وهي
رهيو سور سهي، پاڻان پهہ تنهن ڪي.

(19)

چانگي چنو جن سين، سي وڳ بہ ويا ڏور
پريو پيٽي پور، پاڻان پهہ تنهن ڪي.

(20)

نَو نيس ڏهہ ڏانوٽيون، پنڌرهن پيند پياس
ٻڪهاڙيون ٻغلن ۾، لڪين لوهہ لڳاس
جڏهن سجڻ سنيرياس، تہ ڇرڪ ڇنائين هيڪڙي.

(21)

ڪيٺن ٻنيوليين ڪرها، ڱني ڪامڻ ڪياءِ
اڪين مٺي اڪيا، ٻڙ ۾ پير ڳنناءِ
وڳ ڪيٺن وسرياءِ، ٻڌو جيٺن گهاٽي وهين.

(22)

اڪين ٻنهي اڪيا، ۽ پاسن ٻنهي نوڙ
جن سين هنيٺن جوڙ سي وڳ ڪيئن ويٺڙئي وسري؟

(23)

نڪو ڪامڻ سنيران، وڳ نہ وسريوم
لڪيو اڱ هٺوم، ٻڌو تي گهاٽي وَهان.

(24)

سيني سنڪهر رڪ جي، ڳچيءَ ڳاري ڳٽ
ڏانوڻ ڏايو نہ رهي، وهي نہ وڳڻ وٽ
اهڙو ليڙو لٽ، جو ڪجوءِ جا ڪک چري.

(25)

جان مان مڪريون چاريان، جيڪر ليمي جاءِ
تان ڪڏاتورو ڪرهو، لڪيو لائي ڪاءِ
مٿي سندي ماءِ، مون کي ڳالهين ڳورا ڪيا.

(26)

ڪرهي ڪچيءَ ول جي، ٻوٽي آئي ٻوءِ
تنهن اکن مٿي اوجهري، رنگ وڃايو روءِ
اٺي جي صبوح، ته چانگو چندن نه چري.

(27)

چڙهي چندن چوٽيئين، ليڙي چنبي لام
ڪرهو ڪنگو ريٽ جي، ماڻي آيو مام
پريت جا پيغام، سي ڳجهه، ڳرهي ڪن سين.

(28)

ڪرها ڪنگو ريٽ ۾ لڪين سوين چرن
جاڳي جن ورائيا اڱڻ تن ٻجهن
اتان وسلين، هٿ نه آيو هيڪڙو.

(29)

ويلو ڪر مَ وچ ۾، هل هڪلي ڪاهه
ڪرها ڪنگو ريٽ ۾ واڪا ڪيو وراءِ
مچڻ نئي اونداهه، پير نه لهين ٻيٽ ۾.

(30)

وڪون وجهه وڏنديون، ڪرها ڪسر ڇڏ
هيڪر حبيبن سين مون کي نيئي گڏ
مچڻ پونئي هڏ، آهون اڪنڊين جون.

(31)

ڏيو ماڻي آئيو ڪي جو ڪيڏانهين
راتو ڏيهان روح ۾، نو تائي تيڏانهين
اکيون اوڏانهين، منهن مٺاهون نه ڪٿي

(32)

ميو ماٺي آئيو، ڪي جو وڃي ڪالهه
تنهن ول سندو واپري، ٿو لڙڪ وهائي لعل
سندي ڦلن مالهه، ڦوڪاريو ڦِٽي ڪري.

(33)

ميو ماٺي آئيو، ڪي جو ڪنهين ٻَـتِ
راتو ڏينهان روح ۾ ميي سائي مت
چندن ڪيائين ڇت، ڪانڌيرا ڪين چري.

(34)

ڪتوريءَ ڏار چري، ويهي منجهه وڳ
ماءُ منهنجي ڪرهي پڌر پڳ، نه لڳ
جڳ سان جيهو جڳ، هنيين سان هٿ ڄري

(35)

جتي ڪروڙ ٻه ڪانيون، پنجين لکين ٻَڻ
تيشان چاٺي چڳيون، ميي رتو من
تنهين سندو پن، ڪوماٺو ڪوڙ لهي.

(36)

تون صبح ڪرين سوجهرو، تارا تنهين تمام
مون ڪي ٿو مارئين، وجهين درد دام
ڪنيون جي ڪلام، صورت سَيج نه تن ڪي.

(37)

تارا تعلق اپ سين، اجهان تو آهي
پره ٿئين پڌرو، منجهان ڪنهن ساهي
مون جيئن نه آهي، ڪو وره سندو سڄڻين.

(38)

ڪاهي ڏسين ڪَهَه ۾، ميانڻ ٿيءُ مَ ملور
منجهان پرت پور، مر ته متارو ٿئين.

(39)

سائي سڪي ڪينڪي، ڪرهي ڏٺي ڪيئن
چڪيندي چريو ٿيو نهوڙي نيو نينهن
هاني تو هينئن، پسي وِهه ان ول جو

(40)

توڏي پير ترٽيا، راهه ۾ پيئي رات
چانگي ڏيئي چات، وڻ مٿان موريا.

(41)

ڪنهن پر آهي پنڌ ۾، ڪامن ڪڏايو
ڪي جي پهه پرينءَ جا، پروڙي آيو
چري نه ڊايو، وڳ ويچاري وسريا.

(42)

متان وهامي راتڙي، ڪرها ڪاهيو ڪاهه
مون سائي ساهه، تون پڻ سانگي سارين.

صدا

اسان سنڌِي ڪا ماءِ، تو پروڙي ڳالهڙي
1.جنهين پر ايي آچيين، آيل سنڌ سڪن ساءِ،
اي ماءِ تو پروڙي ڳالهڙي...
2. مرضيءَ مرض نه وسري، آيل سهسينن سڪ هٿا...
3. ورهه ڪري وريون، آيل ڪاڏوڙين جيئن ڪاءِ...
4. جيئن ملاير نه پهچي، آيل پريو نه پالي گهاءِ...
5. سنڌيون سورن پريون، آيل هنئين هريا گهاءِ...
6. قتيل ڪي فراق جو آيل ڪو جو لڳو واءُ...
7. "صادق" سور پرين جا، اندر روح رهيا...

***

سرُ ليلان چنيسر

صدا

الا الا مـون کـي ڍولـو مَ ڍيـلـي، ڍولـو ڍيلـڻ سـنـديون ڏـو وايـون ور کـري
الا الا مـون پـانـيـو تـون ڍولـو هـو تـان تـون پـرڏيـهـي پـهـيـڙو
1. نالي تو سياس، نالي تو سياس هو سڪ تنهنجي سپرين محبتي مياس
هيڪراڃي پس مون....

بيت

(1)

جي تـون سـوبـي سـڪـي، سـي لـيـلان حـيـلا چـڏ
پـائـي پـانـڌ ڳـچـيءَ ۾، تـون پـاڻ غـريـبـن گـڏ
رتي رهُه، رنـگـريـز چـئـي، گـهـڻـو سـپـاجـهـي سـڏ
لِڪ نـ چرندي لڏ، جي کـارون آڙيـون کـانـڌ کـي

(2)

کارون آڙيون کانڌ کي، تـ تون روئي ريـجـهـائـيـج
سـوبـي ان سـهـاڳ کـي پـيـلـي پُـرِ مَ ڏيـج
لـيـلان لـيـلائـيـج، آهـي مـاڳ مـنـٿ جـو

(3)

آهـي مـاڳ مـنـٿ جـو حـجـت اُتـم کـانـ
تـن ۾ طـلـب تـنـهـنـجـي، سـدائـيـن سـلـطـان
مـنـکـر مـري مـانَ، آسـرونـدي آهـيـان

(4)

داغ تـنـهـنـجـو داسـڙا، جـونـري مـٿـي جـن
تـون کـيـئـن مـٽـان تـن، چـنـيـسـر چـت کـٽـيـن

(5)

آءُ اوهان جو آهيان، ان کي ڍيلي کير
لکئي وڏم ويس ته سِکن مانَ سهاڳڻيون.

(6)

ڪوڙين ڪير ڪيتريون، مٺي در دانهون
تان اونچو سڏ سهاڳ جو آهي اتانهون،
جيلان اڳلي آءُ، تيلان ڍوليو ڍيلڻ جي ڪري.

(7)

چنيسر جي راج ۾، لکين ليلائون
اُيون اُو ارداس ۾ ٻڌي سڀ ٻانهون
جيلان اڳلي آءُ، تي تو ڍوليو ڍيلڻ جي ڪري.

(8)

چنيسر تنهنجي راج ۾، لکين ليلائن
مون کي ڍيل مَ ولها، توکي سهسين سِڪن
جنهن جي ڪانڌ ڪکن، تنهين سهاڳ ماڻيو

(9)

متان ڪا منڌ ڪري، چنيسر سان چاڳ
جان مون ڪري نهاريو تان ايءَ نمائي ماڳ
ڏمريو تي ڏهاڳ، تو سڳهو ڏئي سهاڳڻيين.

(10)

متان ڪا منڌ ڪري، چنيسر سان چاءُ
ڪانڌ ڪنهن جي نه سهي، وڏائي ۾ واءُ
ٿڙيو ٿوريءَ تانءُ، تو دوس لڏائي داسڙو

(11)

تو در آيس داسڙا، اڳاهين اڪير
تن ۾ طلب تنهنجي، سڪان منجهه سرير
ڏيئي دلاسو ڏيس مان ڪميڻي ڪوئيين.

(12)

تو در آيس داسڙا، ڳالهين ڳات پري
سورن سانبيرا سپرين، سڳهان ڪاڻ ڪري
هيءَ جو اندر داغ ڏري، سو ڪيئن محب متيان.

(13)

تو در آيس داسڙا، اوڳڻ ڪري اپار
جي تون ڍوليا ڍيلئين تہ مون پيٺي ناهہ پتار
آهيان عيبدار، سڪان تي سهاڳ کي.

(14)

دلاسي جي داسڙا، تان ڪا وائي وار
تون منهنجو ولهو، آئون تو ۾ طمعدار
ڍکي ڍول ڳنڌار، لڄ منهنجي لوڪ ۾.

(15)

مون ڏاڳڻ ڏوهہ ڪيو، ڪو جاڻي جام سندوءِ
هن ولهيءَ متي ولها، ور هٿ تنهنجو هوءِ
ڪميڻيءَ کي ڪوءِ، مان ويهڻ ڏئي وٿاڻ ۾.

(16)

مون ڪانڌ نہ ڪوني، توڙي هڏ هميش
توءِ توري تر جيترو، ور نہ لاهيان ويس
پسان نہ پرديس، پٺي پاڙي ڳهاريان.

(17)

پانهوتا پانهن ۾، جڏهين ڳچي ڳاراٽي
تڏهن ور وائي تو ڍوليو ڍيلڻ جي ڪري.

(18)

نڪي پانهوڙين ۾، نڪي ڳهہ هٿوم
تڏهين پرين سندوم، اڳوٺي رءِ ڪٺي.

(19)

جـي تـون وسـيـن ولـهـا، يول ڏمـريـو ڏور
مـون کـي مـاري سـپـريـن، ساجـن اهـوئـي سـور
ٿـئـي مـن مـلـون، مـوت چـنـيـسـر مـانَ پـريـن.

(20)

اُهـنـدر وجـهـان آڳ ۾، هـاويءَ هـٽـي هـار
مـٽـيـان مـڙيـئـي مـٽـيـان، پـريـن جـي پـتـار
سرتيون ايءَ سينگار، کـوجـهـو ٿـيـم ڪـانـڌ ري.

(21)

منٽيين موران ٿي مـتـيـو، ڪـانـڌ نـه مـتـيـو ڪـن
ان ور کـي ويـنـتـي ڪـوڙيـن اُپـيـون ڪـن
جيلان پچتوءِ هار هئن، تـيـلان اگـڻ مـتـايـو داسڙي.

(22)

چتي جنهين چيپ لڳي، سو لـگـن ڪـوهـه لائـي
جنهين ڪوڙين ڪاٽياريون ڪيون، سو وڏوئي نور ناهـي
پـهـريـن ڪـلائـي، پـوءِ تـو رئـاري راڻـيـون.

(23)

جو تون پسي هار هر ڪٿين، سو مٽيون اي نـه مـٽـيـون
اصـل سـنـدو اڳـيـون، آهـي ڪـوڙ ڪـٽـيـون
ان گهوڙن هٽـي گـهـٽـيـون، دوسـتـان دور ڪـيـون.

(24)

مٽئيـن مـنـي جـي هـٿـا، تـن چـتـن قـيـرايـم چـت
جانڪي هار ڪتينديس هوڙ مان، نيبهه ٿـيـنـدم نـت
تان ڪـونـرو جـو ڪـرت، مـونـهـان مـٿـاهـون ٿـيـو.

(25)

نـالـو رکـي پـانـهـنـجـو جـي ڏنـائـيـنـم ڏهـاڳ
تـه پـڻ پـلـو پـاڳ، جـو چـونـدم چـنـيـسـر جـي.

(26)

سهاڳ بہ سنيران، ڏهاڳ اڄ ڏنوم
هن نياڳي ڀاڳ سان هٿين هار چتوم
تنهان پوءِ ٿيوم، قدر ڪاٺياريں جو

(27)

ڪانڌ تنهنجي پانڌ ريءَ، ٿي سيءَ مران سڀ رات
اچين جي پريات، تہ وِلهہ نہ ساريان وَلها.

صدا

ڍولا ڍولا وچي ڏينهن لايوئي، وچي ڏوراٿي ڏيهہ تي وچي ڏينهن لايو
1.جيئن پتنگ اچي آڳ ۾ سڙي منجهہ ساهي
2.اسان نماڻين جو اهڙو حال آهي
3.نالي سيون تنهنجي چنيسر چاهي
4.ڪتنب قبيلا ڇڏيا جنهين تو آهي
5."صادق" سَنڌ نہ سَنڌيو ڏسي ڪنهن ڏاهي

* * *

سُرُ رپ

صدا

پرين پاروچا، سي هوت اڱڻ آئيا
1.ڪئوريان سرها، او ماڪيان گهڻو متا
2.جاتون ڪيم جن لاءِ او اڪئين سي ڏٺا.

بيت

(1)

مون جن جو نہ لهي، گوندر ڳريءَ رات
ڪڪڙ ڏيج مَ لات، جان آءُ ڳلجان سڄڻين.

(2)

مون جن جي نہ لهي، جهوري جهجڻ جهانءِ
آيل ائين مَ پانءِ، تہ ڪا آءُ جيئندي اُن ري.

(3)

مون جن جي نہ لهي، آيل اِيءَ اڪير
سڄڻ منجهہ سريں تا ماءُ چٽڪن چت ۾.

(4)

تيئن تا چٽڪن چت ۾، جيئن سا گهنڊي لار
مون کي هوت هنيين ۾، تا وسن ويرو تار
جيڪا ساعت سپرين، تين اڪينئون ڏار
تہ ڪر سڀ چمار هنيين هيڪلي گهاريو.

(5)

سک نہ لئي سپرين، ڳڌ ڳلجي ميان
سڄڻ نباتون ڪري جيڪر نت پيان
آهي مان اجان، ايڏي اڄ اڪين ۾.

(6)

ڏکن مٿي ڏکڙا، سهي جيئن سانداڻ
پرين وڃايو پاڻ، پٽان انهي پيٽ ۾

(7)

هنيون لوهه سنداڻ جيئن، ڏکن مٿي ڏک
هنيان هي نڏک، جو تون سڄڻ ساريو نه مرين

(8)

سڄڻ ساريو نه مرين، اڃا تو جيئن
لڳني کون هنيين، کو ڳڻ پاروچل جو

(9)

اوير ولهارن ۾، انسي جيئن مورن
سا ڏر گوندر کن، جيئن ڦوڙايو سڄڻين

(10)

شاخون کيو سرير ۾، تا وڻ جيئن ورهه وَڏن
سڄڻ تان نه اچن، آيل اوريان کن سين

(11)

حال ڳرهيان کن سين، مون سين سڄڻ نه سانيت
ڳالهيون اندر پيت، سلا موري سکيون

(12)

پيم کرت کپار ۾، جڏهن سڄڻ سنياريام
هريا هت تيام، نيٽنٹون نير ڳڙي

(13)

لوک رهندي لڏيا، اڄ بہ منهنجا سيڻ
ماءُ منهنجا نيڻ ايا اُت آرون کري

(14)

ڏنٽ پٹي ڏينهن ٿيا، هينٹڙو هيڙيءَ جيان
موتيو تان پريان، کر لاهوتي کڏهين

(15)

ماءُ منهنجو جندڙو گوندر کيو غرق
ڏکوين مرڪ، مٿي چپر پنڌڙو

(16)

ماءُ منهنجو جندڙو ڏکن ڏات پيو
ورچي تان نہ ويو ساري سپرين کي.

(17)

ورهہ ويڙهيم جندڙو ڏکن ڏنئي نيوم
سانڍيڻ سور ٿيوم، ساهہ پرينءَ ري سرتيون.

(18)

سورن مون کي سانديو ڏکن نپاياس
جيکس اڳ هياس، گري گوندر ول جي.

(19)

ورهہ منجهہ ويهڻون، گوندر هٿ نہ پير
ڪڙهہ ۾ قطارون ڪري، جان سورن لايا سير
گهر گهاريندي ڪيس هيڪلي ري سڄڻين.

(20)

سڄڻ مون نہ سهيڻيا، جڏهن هوت هئا
ڏينهن ڏونجهارا گهاريان، جي پرين ري پيا
مون وسليءَ ويا، جيجل جوين ڏينهڙا.

(21)

ڪڏهن ايندا مان ڳري، لَنو ڪانگل چو سچ
مان اجهامي مچ، مان اندر جو ٻري.

(22)

ورن واڳيو نہ رهي، ڇڻ ٿر رهي نہ چت
ري پهٺي نت، هينئڙو واٽ ويکيو جيئي.

(23)

ڳالهيون سڄڻ تنهنجون، سَڄ نيريو جيئان
لوڪان تان نہ ڏيان، تنئان ڪدي هيڪڙي.

(24)

ٻاهر ٻاڦ نه نڪري، اندر ڊانڊي ٻرن
ڏنءِ جو لايو سڄڻين، سي مگر مات نه ڪن
سي ڪيئن اُجهامن، جن جا جهوڪيندڙ سپرين.

(25)

تاندين ڪاندين ٻاٻرين، مر ٻچي ٻيئي
ويڇنئون ويئي، تي وهيڻي سڄڻين.

(26)

مري مطرقن سين، سڙي ويئي سنداڻ
تن ۾ تاڻو تاڻ، اچان مون پرينءَ جي.

(27)

وڏي ۽ وچڙي پيئي، سا گهاري ڪاڻ
تيئن ٻاڻان ويس ٻاڻ، گڏ گڏجي گوندرين.

(28)

جيئن سي ٻاڻ ٻدن جا، ڪانئيءَ چيرو واءَ
تيئن "صادق" سورن سان، دکيو ڏکي دل ۾.

(29)

مان پريان جي ڳالهڙي، ڪنهين چيوئي تان چور
مون ڪي وچهيو هور، تون وتين تي سَنري.

(30)

تو ۾ چنجور چور تيا، تون ٻاهڻ ڪي لوهه
تون ڏکيا کهڙي ڏوهه، ڪاميو ڪوري نه وچين.

(31)

ٻڌر وچهه ۾ ٻرنيتئون، ڳرهڻ مَ ڳرهيج
تان سور انهيءَ سيج، جو لاهيندڙ ڪو لهي.

(32)

پـڌر وچـهـ مَ پـريـتـڻـون، ڳـرهـ مَ، ڳـو روءِ
سمر سورن سير هوءِ، هينئڙو ڪـر ڪـٽـن جـيـئـن.

(33)

لـهـار ڳـالـهـائـي لـوهـ ۾، چـيـرن ڪـري چـٽـاٽ
جنهن گهڙيو هي گهـاٽ، تـي ٻـولـي ٻـري اُن جـي.

(34)

لهار پنهنجي لـوهـ ڪـي، ڌوڻـيـن مـنـجـهـ ڌنـئـي،
مـن ڪـا لات لـنـئـي، سـنـيـار سـپـيـريـن جـي.

(35)

آڻـيـو اڱـارن ڪـي، تـا ڪـوري مـنـجـهـ ڪـانـئـيـن
تنهين پر تـا تـائـيـن، ڌيـل مـنـهـنـجـو ڌڪ سـيـن.

(36)

ڪـامـي ڪـوري وچ ۾، جـيـئـن سـو تـئـي تَـرو
مـون ڪـي ڏنـو سـڄـڻـيـن، مـنـجـهـان سـڪ سـرو
سـر جـهـيـڻـو هـوءِ ٻـرو، ڪـهـ ڦـوڙائـو سـڄـڻـيـن.

(37)

وهـن واري ڳـاڏئـون، جـيـئـن سـي ڪـوهـيءَ نـار
هـيـنـئـڙو پـريـان ڌار، نـبـيـريـانـس نـه نـبـري.

(38)

چـڙا تـوڪـي چـوري، ٻـولـيءَ وِڌو ڪـن
ريهـ ڏيـئـي ڪـنـهـن رنـگ جـو جـاڳـايـئـيـن جـن
سـدا تـنـهـنـجـي مـن، تـي لڳي لار فـراق جـي.

صدا

مـون ڪـي ٻـنـيـور ٻـاروچـا، الله آئـي مـيـڙئـيـن
1.آءٌ جـڏڙي جـن ري، سـي الله مـحـب مـلـن.

صدا

سونهارو سو سڳ، جو مون پاروچن سين

1. الله الله نينهن ڇڇي تان نہ، جو مون پاروچن سين.

صدا

مامرو پرين جو جيڪي مڙيي لهندو ماءِ، مڙيي لهندو ماءِ نا تہ مٺي لهندو هاڙهو لنگهي هوتا اي دوستا، اي ووءِ ووءِ پيهي ويا ڇپرين

1. ڏونگر ڏورڻ ڏاڪڙو پر وڃڻ پيو مون، اي ادا اوٺي نہ پڙان، جان اي سڳر نہ سو سيڻ...

صدا

تون ڪر پڇين ڪوهہ، هٿي اسان جي حال جو

1. جنهن ڪي ڏکي ڏيل ۾، اوءِ سا تان ڪاهل هوءِ

درد دردوندين جو اوءِ ڪمتر ڄاڻي ڪوءِ

2. پري پسي پهين جهين اوءِ او پڻ ڏنو ڏوهہ

دائم آهي دل تي اوءِ اي عاشقن اوندهہ

سپريان جي ڳالهڙي اوءِ پڌر وجهڻ ڏوهہ

3. سرودي پير ڪري اوءِ ڪو عشق راهہ هلندو

ٻجوءِ جن جي اورنگي اوءِ وڙلو انهين پنڌو

سيئي ڄاڻن سي سڃاڻن، اوءِ لويايا جي لوءِ

4. سپريان جي ڳالهڙي ادا جي هوند پڌر پوءِ

تہ مارو ماڙهو مسڪين ڪي ووءِ هوند سيڪو ٿو چوءِ

صدا

لوڪ نہ آڇيان ماءِ، ماءِ پريان جون ڳالهيون

1. مون سين ڪيون سڄڻين ڳجهيون ڳجهي لاءِ

2. سانديو سانديان ساهہ ۾ سپريان جي ساءِ

3. پڌر آڇڻ ٻسَرَ ڪي ڪا ايٺن جڳاءِ

صدا

اڳـي اکـڙيـن، کـوهـہ اوجـاڳـو نـہ کـيـو

1.سـنـجـهـي پـيـئـي سـتـيـون، اوءَ تـان ور سـور لـهـن

2. مـنـدائـتـي مـيـنـهـن جـيـئـن اوءَ لايـو جـهـڙ جـهـمـن.

صدا

تان سريم هوتا دوست ري، اي سور سلتم تي

1. مون کي مادر سهٹا کجاڙي کي ڏي، جيلان ڳالهہ ڳري ٿي.

صدا

ڏجان هوتن کي کو نينهن نياپو، نينهن نياپو هو کو نينهن نياپو

1.وهـان کـيـئـن پـنـيـور ۾ آءُ پـريـن پـڇـاڻـان.

صدا

1.تـوءِ مـنـهـن ۾ ڏِک، گـهـوري جـي سـئـو گـونـدريـن

2.پـوتـي پـئـي پـريـنءَ سـيـن، سـا لـوک نـہ آڇـي لِـک

3.او جـيـڏانـهـن پـسـي پـريـنءَ کـي، تـيـڏانـهـن پـري وِک

4. "صـادق" وهـن سـور جـون نـيـون کـيـو نِـک.

صدا

جـيـئـري زيـارت، جـي مـان هـئـي پـريـنءَ جـي

1.پـهـريـن گـڏجـان سـجـڻـيـن، پـوءِ ڳـالـهـڙيـن ارٿ

2.چـنـديـان کـيـهہ اکـيـن سـيـن، آءُ پـيـريـن وجـهـان هـٿ.

***

سرُ آسا

صدا

راتين راھ رڙھندڙي روءِ، پريتيان پوءِ، موٽي موٽي نہ ويھان

1.ڏوٽي ڏيھائن جو ڪالھہ پرين نہ آيو ڪوءِ

2.ويٺي سوئي گھاريان، پر جو مان ڏک ڏنوءِ

3.چڙھيا ڏاڍين ڏونگرين، تن سيٽن سانگ نہ ڪوءِ

4.چڏي وچو چپرين، تنھن ھن ھاريءَ حال نہ ڪو

5.آن جا چڏي چپرين، تنھن ھن ھاديءَ حال نہ ڪو

6.حال منھنجو ھھڙو ڪو پري پريان ڪي چوءِ

بيت

(1)

آسا ڪجي الله جي، ٻئي نہ سِجھي پاڻ
سچو جن پرياڻ، لنگھي سي پار ٿيا.

(2)

اُپي در دوستن جي، اُپريو عرق
مون ڪي ڏنو سڄڻين، سندو سور سبق
اجھان اي ورق، ماءُ مطالع نہ ڪيو

(3)

پرھ جوڙج پرينءَ سان، نيٺي نيرانا نيڻ
ستر ڪاڏا ڪيڻ، جمن ڏنو منھن محبوب جو

(4)

پرهہ جوڙج پرينءَ سين، نيڻي نيرانا نيڻان
ڪا هلندي سيڻان، آءُ ويندي در دوست جي.

(5)

دوست ديکڻ آئيون، اکيون علي الصباح
اُيون عرضداشت ۾، ٻي چڙيائون آهہ
رَچنديون ري پاهہ، پرچنديون پرينءَ سين.

(6)

ايرندي سچ سپرين، پرين جي نہ پسن
ڪيئي ڏي ڪانگن، منهن ۾ مور نہ چڳيون.

(7)

اکيون مون نہ وهيڻيون، اکيون پنهنجيءَ متِ
وڃي لڳيون تنهين، جتي جيءَ کپت
پکي کانهي پِت، سر ري ساٿو نہ ٿئي.

(8)

مون کي پڇي تان نہ کي، تن اکڙين آر
اورانگهي عالم کي لنگهي ٿيئڙيون پار
ٻي نہ چائن ڪار، ورهہ وهائي آئيون.

(9)

مون کي پڇي نہ کيو تن اکڙين آرو
وڃي لڳيون تنهين جت پهت نہ پاڙو
سکڻ ۽ ساڙو، ورهہ وهائي وينيون.

(10)

جان کي جهل مَ پائيان، تن اکين کي آءُ
تان رنگ جنهن جي رتيون، سوجهي ڏنائون
پسن پراهون، اورانگهون عالم کي.

(11)

وجي پـٺڙو لاڪ تي، نظر اکڙين
ڪارو ڪين پسن، مڙيو ئي ڳاڙهو ٿيو

(12)

وڏا تورا لائيا، مون ڪي اکڙين
تہ پڻ پرين پسن، ڪٺان جي ڪر سامهون.

(13)

جن سين پسين پرينءَ کي، اکيون سيئي ڏار
پئي ڏانهن ڪيم نهار، گهڻو ريسارو سپرين.

(14)

آهي جن اکين کي، تو لئہ اڄ اپار
پرين پاڻ پڌهيار تہ، اڄ اجهامي اڄ سين.

(15)

آهي جن اکين ۾، سندي ٻاپيهل ٻاجهہ
سِيچاڻي جيئن سکيون، وينيون وجهن واجهہ
هاجو سندن هاج، ڪم نہ چاڻن ڪو ٻيو

(16)

ساجن اکڙين ۾، گهليون ۽ گهوڙا
لاهين نہ لوڙا، توڙان هاجي هيريون.

(17)

ساجن ساجن تي ڪريان، جي سريم ساجن ري
مان ٻاجهائي ڏي، متي اتي هتڙا.

(18)

ساجن شڪاري ٿيو اڄ پڻ چاڙهي سيڱ
ريءَ منهنجي جندڙي، پيو مارينڌو ڪين
اسين هڏ حليم، تون ڪان هڻندين ڪن کي.

(19)

ڪشي ڪان ڪماڻ مان، متان هٿين مون
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.

(20)

اوقابيل اکين ۾، تو مل تڪا تير
ساجن انهيءَ سيڱ سين، ڦٽي گهٽا فقير
پيو مَ مارج مير، تنهنجو پهريون ئي پورو ٿيو.

(21)

اوقابيل اکين ۾، تير چلايا تو
پيو مر ماري سو، جنهن جو پهريون پورو نه ٿئي.

(23)

سائين ڪارڻ سپرين، پاسي وَن مَ ويهه
سڄڻ سهان نه ايترو، جيئن تون پسين ڏيهه
ونيئن ۾ ئي ويهه، ته آڇارا اکيون ڪريان.

(23)

ونيون وهاٿان پرينءَ جا، اکيون اوتارا
سڄڻ سيئي آئيا، جي جيءَ جا جيارا
پسي پيارا، اکين آسون پنيون.

(24)

هيءَ جو هري اک ۾، سو ڪنر ڪڍي ويهڻ
ته سو ئي پسين ڏيهه، جت "آءٌ نه اپجي.

(25)

جو هيءَ هري اک ۾، سو ڪنر ڪڍي چڏ
ته توهين سندو هڏ، پسڻ پوڄو نه ٿئي.

(26)

هي جو هري اک ۾، سو ڪنر ڪڍي لاهه
ته توهين سندو ماءُ، پسڻ پوڄو نه ٿئي.

(27)

نرم جي ٿنهن سان پڇي پڇيائون
پڙا جي پائڻ جا، سي پيري پڳائون
"اسين" ۽ "آءُ" آسڻ هڻي نه ان جي

(28)

آئي ڪوڏ ڪتڻ جو، ته ونءِ ڪاتارين وٽ
اچي ڳاٽ نه اٿيون، من جوڙيائون مٽ
اَرٽ جي اپٽ، تي سڄي صرافن ڪان.

(29)

آرٽ سڄي آنگڙين، جان اَنَ گهاڙيتي گهڙيوءِ
جاڳي ڪوهه نه پيرئين، ساڄو جان سندوءِ
ان الڙيان پوءِ، گهڻا هڻنديون هٿڙا.

(30)

ڪاپاتيون ڪندن ۾، صبوح سڌ ڪرين
مٿي مونن هٿڙا، پنيءَ اُو پيرين
نيڻين نند نه ڏين، سنڪي صرافن جي.

(31)

ڪاپاتيون ڪندن ۾، صبوح سڌ ڪرين
مٿي مونن هٿڙا، اکيون ڏانهن پرين
توڙين ڪين ڪتن، ته به ڪانڌ ان جو ڪوڏيو

(32)

جاڳي جني پيريو پيريو وير سوير
مٿي پلنگهن پيں پسو تن ڪاپاتين جا

(33)

تو هٿڙا سونهائتا، ڪوهه نه ڪتين رڏ
ڪرڪا پر ڪندبه پيءَ ڳتي ڳالهه چڏ
ته صرافن جي سڏ، هوند حاضر هجيئي هٿ ۾.

(34)

پيـر پـنـهـنـجـا نـہ ڏنـيـا، ڳـتـي ڳـالـهـڙي
جـان جـان مـالـهـڙي، ٿـتي تـڪـاءُ نـہ ڪـيـو.

(35)

جي هيڪلي پيرين جي، تون اهرپين تـن ڪـا تـار
ڏنـي ڪـا ڏوارِ صـرافـن تـنـهـنـجـي سـٽ ۾

(36)

پـيـريـيـن ۽ پـانـئـيـن، ايـئـن وڏوٽـو ڪـانـڌ
اوڏي ٿـي عـرضـداشـت ڪـر، ڳـچـيءَ پـائـي پـانـد
مـڇـڻ ٿـئـي وٽـوانـد، ڪِـتـو وَتـو تـنـهـنـجـو.

(37)

امجهايئي اوبڻ ۾، نا تہ ڪِتوئـي مـنـجـهـان ڪـوڙ
ڏيـڪـاريـوءِ ڏڏن ڪـي، اڙيـو سـٽ اپـوجـهـہ
ڏوري تنهن سپوجهہ، ميٺ مـحـڪـم جـنـهـن جـي.

(38)

نڪي ڪـيـئـي ڪـتـيـئـي، نـڪـي ڪـتـايـئـي،
سـنـهـون سـٽ صـراف جـو ويـنـي وڃـايـئـي
پـنـيـو ٿـي پـايـئـي، ارهـہ بـرابـر اڳـڙيـون.

(39)

سـنـهـي ٿـڪ، ور ڳـهـٽـان، ڪـتـيـان ڪـچـاڙو
ڪـاپـي مـٿـي ڪـيـتـرو آٿـيـان اڏارو
سـيـان سـوارو، تـيـنـدو سـڌ صـراف جـو.

(40)

ڪتڻ جي ڪانـہ ڪـريـن، سـتـيـيـن سـاهـي هـڏ
سرتيون ڪنديون سڌ، تہ سڪنديئہ سيـنـگـار ڪـي.

(41)

سرمـون وجـهـہ مَ سـپـريـن، پـنـيـيـون هـڏ مَ پـيـر
نـيـٽـن سـان نـاز ڪـري، جـيءَ ۾ وڏءِ جـهـيـر
فوج پرانهين ڦير، تنهـنـجـن رڱـيـن ٿـي رڻ ڪـيـو.

(42)

ڪا ڪتڻ سان ڪوڙي، ڪا ستيائي سهاءِ
ڪا اپينيان نہ آوڙي، ڪا ويني واڻا ڪاءِ
عجب جهڙي آهہ، ڪانڌ وڏائي تنهنجي

(43)

ست تنهنجو سڦرو، ڳتي ۽ ڳهي
سري صرافن جو، جي پري پاءَ لهي
تہ رڻ راند رهي، هوند ڪتڻ جي ڪانہ ڪري.

(44)

جيئن پون پڙڪوئي نہ سڻي، تون ائين چرخو چور
پائي منهن مونن ۾ اولاٽيي اور
صبح نيئي تور، تہ ماڻڪنئون ملهہ گهڻو.

(45)

آتڻ ۾ پهما ڪري ڪتيم جنين ساڻ
سي نہ ڏسجن هاڻ، ڪٽي ڪنهن ڳوڻ ٿيا.

(46)

آتڻ ۾ پهما ڪري، ڪتو جنين ڳڏ
ڏيئي چرخي چِڙ، ساجهر ويئيون نڪري.

(47)

آتڻ ۾ نهاريام، پائي پاند ڪپاهہ
تان ڪٽي ڪانہ پساهہ، سرتين ساجهر لڏيو.

(48)

اڄ نہ آتڻ آئيون، جنين ڪِتو ڪالهہ
ارٽ اڪولي مالهہ، پوري ويئيون نجهرا.

(49)

آتڻ ۾ نهاريام، تہ ناهہ ڪتڻ وائي
سرتين ساجهر لڏيو، پيون ستيون سنجهيائي
پانهين جي پائي، تہ ڪانهي پرت ڀِرهين جي.

(50)

ڪانهي پرت ڏِهيءَ جي، نڪو ڪوڙ ڪتڻ
سرتين ساجهر لڌيو، پورياڻون آتڻ
اڄي ڪانہ اوڻ، جيڪي چرخائي ڇور ٿيا.

(51)

اڄ نہ آتڻ آئيون، اولائيون ارٽ
ڏِهيون مٿي پٽ، لڌن لاڪيٽين جون.

(52)

اڪيون مون اُپاتيون، روئي رت ڦڙا
پرين جي پسڻ جو پٽيين ڪونہ پڙاءُ
ابتو ٿين اڙاءِ، سڪن ساعت سيڪنهين.

(53)

اڪيون پرير تنهنجون، ڪٽي قتل ڪن
ڪوڙيو ڪٽي سپرين، اڇيو جت اڙن
مارڻ آهين من، فنا فاني ڪنديون.

(54)

اَرٽ اَلوڙي پاهريون، منجهان وجهج مالهہ
ڦيرج گهٽو فڪر سين، "صادق" ڪج سنڀال
ڪتج منجهہ ڪمال، تہ سڄين صرافن سان.

(55)

ڪڏهن ڪاپوي، هن ڪتڻ منجهہ ڪاڻ
اڇيو چون اپوجهہ ڪي تہ ست نہ ڪٽج ساڻ
هٽي هٽي منهنجو هاڻ، ڪنهن پر ڪاپو اڇهي.

(56)

منهن پنهنجو پاڻ ۾، جان صورت منجهه سڃاڻ
تان پڙهڻ پورو نا ٿئي، اکر جو اهڃاڻ
پيريندي پڇاڻ، اُرٽ چاريئي اڳرا.

(57)

آتڻ مون اندوهه ۾، ڪتڻ رهيو ڪونه
اُتي ويئي اون، جيئن تيو سڏ سڄان جو

(58)

جت صلح سالڪن جو، اُت اچي ٿي اڄاڻ
پاٽان ويس پاڻ، ڪتڻ رهيس ڪونه ڪو.

(59)

اولاٽي ارٽ ڪي، سٽي سويري
تيلان ٿي ميري، ڪوجها ڪري ڪپڙا.

(60)

اٿي آتڻ وچ ۾، روڙهيائيسن رنديا
ارٽ جي ڏنجها، سنهي تند نه ڪري.

(61)

سرتين سنهون ڪتيو پيرم جيئن پيري
ڦنگڙا ڦيري، ٿي آتڻ ۾ آهون ڪري.

(62)

اُرٽ آلاپ ڪئي، رون رون منجهان راڳ
ڏنائين ڏهاڳ، سڄي ڪانه سهاڳ ڪي

(63)

سور نه لٿئر سٽ جو، ڪتير جان ڪپاهه
تان سنڪو اندر ساهه، "صادق" صرافن جو

(64)

سو سڄاتم سپرين، جنهن ڪتيندي چني مال
کو پلو ڪري پال، نه ته وس وچاريءَ رهيو

(65)

ويا بـهـانـا پـنـهـنـجـا، پـريـن وسـري پـاڻ
سڄڻ هٿا ساڻ، مون پرکيو کوهہ نہ پرکيا.

(66)

وسري وڃانـئـي ويـو، هـو جـو هـئـو کـال
ارڙ اکوليو مال، پسيو پسان پرينءَ کي.

(67)

اڄ پـڻ شـوق شـمـع جـو ڇـلا چـاڙهـيـائـون
کشي کان کمان مان، محڪم ماريائون
ٻـر ٻـر ٻـاريـائـون، سـنـدو مـحـبـت مـامـرو

(68)

مـون کـاپـائـتـي کـتـيـو ٿـلـهـو ۽ ٿـورو
سنـئـيـن ٻـوي صـراف کـي، قـولـي نـہ قـورو
جـت ٿـرنـدو تـورو، اُت کـاٽـيـاري کـانـہ ٿـئـي.

صدا

ٻوري مَ ڪر ٻاڻ، ڪوڙو جوين تنهنجو چاڻ
1.ڪتيين وتيين پاڻ کي، ڪهڙو ڪريين تاڻ
2.پهيون ڪڻ مَ ٻاڻ سان، متان پونئي ڪاڻ
3.ٻجهہ ڪتين پوءِ ڪنبين گهٽو تہ ٿئين سيٽن ساڻ
4. "صادق" جو پهہ سڄٽين، تون تند تنهين ٻر تاڻ.

* * *

سرُ ماروئي

صدا

اي هو مارو مَ پانئيج، تہ کي سَہَ۔ سائين توريان
1.ماڙيءَ منجهہ مچ ٿي سگهڙي سار لهيج، الو الو...
2.لوئي منهنجي ليڙون ٿي، اچڙي سا پسيج، الو الو...

بيت

(1)

کنهين ڏيهان تون نگيو، کٿي ويڙهيچا
ساري سانبيڙن کي، ساڙو تيئڙم ساهہ
کهڙو وريان واءُ، جيئن مون کي چڏيان بند ۾.

(2)

تہ مان بند نہ ساريو جي کر لذائون
ماروئڙن آئون، جيکس ويس وسري.

(3)

مارو ناهہ مليرم ۾، جيکس جيلاهين
منهنجي تيلاهين، اچيو کر کونہ لهي.

(4)

کر نہ لذي کلهين منهنجي ويڙهيچن وري
ماروئڙن ايئن پانئيو تہ ويئي هنڌ مري
خبر هيءَ کري، جا مون ڏني ڏولئين.

(5)

پانڌي پرين پنوھار جا، جان ٿو وڃين وَس
منهنجا ڏيج ملير ۾ سلامن سَ ھس
آءُ اوھان جي آھيان، گولي مٿي گَس
ڪرڙ ڪٿا، ڪاھيون، آن جا مٿي وسرندم مس
ويندي ڪريان وس، ايڏي جي اچڻ جا.

(6)

پانڌي پرين پنوھار سين، روئي ڪج رھاڻ
جيئن ٿر وڃون وٿيون، تيئن آءُ ھت سورن ساڻ
ڪيان ڪانہ ورياڻ، ڏکن ڏيل ڏھيون ڪيو.

(7)

پانڌي چئيج پرين کي، ڏکن آءُ ماري
پيا ويڌ وجود ۾، تن اوھان جي تاري
گوندر ٿيا ياري، ڏکن ڏيل ڏھيون ڪيو

(8)

پانڌي چئيج پرين کي، مقابل ويھي
سڙان سِڪان سَ ڏَ مران، ڪارڻ آن پيئي
وتان مون ويھي، ڪر نہ لڏيان ڪڏھين.

(9)

پانڌي پرين پنوھار کي، جيئن چيم تيئن چئيج
مَ ڪج ويلو وچ ۾، مَ ڪا رات رھيج
سِڪھي سار لھيج، ڪوٺي ڪٿي آھيان.

(10)

ڪوٺي ڪٿي آھيان، زوراور زنجير
ساريو مارو مير، ويني ڳوڙھا ڳاڙيان.

(11)

پانهن پنهين پيڙيون، بحسي تي زنجير
هڪڙا پيڪڙا پيرن ۾، پي هنئي کي همير
مون کي ڏنا سومري طعنا ۽ تعذير
منهنجو ريءَ مليس هت قدر پيو ڪونہ لهي.

(12)

پانهن پنهين پيڙيون، ڏکن ڏينهاڻي
پکن پارون تئن پيا، جيئن موکن مينهاڻي
عمر آماڻي، مران اکنديي ماروئين.

(13)

جيءَ منهنجو جن ري، اداسي آهي
"حب الوطن من الايمان" تو چت اوڏانهين چاهي
ايءَ نينهن نباهي، مِلان ماروئڙن کي

(14)

جيءَ منهنجو جن ري، ڏکيو ڏينهاڻي
ڦوڙائي فراق جي آڳ نہ اجهاڻي
عمر اماڻي، مران اکنديي ماروئين.

(15)

سدا آهي سومرا، مون کي مارو من
چاچا، محل، ماڙيون، پيو سڀ ڏيان ٻن
مون جيڏيون مليرِ ۾، تيون ڏونرا پسي کن
رڃن جي رهن، آءٌ تنهين سِڪان سڏ کي.

(16)

نڪو اوتي آئيو هتي جو هلي
ساري سانبيئڙن کي رهيم جيءَ جلي
آءٌ هت گوندر ۾ گلي، هت مارو تو ڏک ڪري.

(17)

نــه ڪــو اوٺــي آئــيــو، نــه ڪــا خــبــر نــه خــواب
ســرتــيــون اُن ســاٿــيــهــه جــو پــڌان ڪــنــهــن جــواب
انــدر ڪــيــو ڪــبــاب، مــون ڪــي وِڇــهــل ويــڙيــچــن جــي.

(18)

مــيــنــديــا ڏوءِ نــه مــارُوئــي، پــيــس پــنــوهــار چــت
هــنــجــهــون هــاري، راج رئــاڙي، هــتــي جــي هِــت
آهــي انــهــيءَ پــار جــي ڪــجــڻ ۽ ڪــپــت
ســومــرا ســپــت، ڪــر تــه ڪــونــيــئــان نــڪــران.

(19)

مــيــنــديــا ڏوءِ نــه مــارُوئــي، تــيــس چــيــڙهــه جــي چــڪ
ٿِــتــيءَ ســيــئــي ســاريــا، ســڙي جــن جــي ســڪ
تــان مــون پــڄــي هِــڪ، جــي ڏونــي گــڏجــن ڏيــهــه جــا.

(20)

مــيــنــديــا ڏوءِ نــه مــارُوئــي، تــيــس ڪــڙلــيــون وار
ٿِــتــيءَ ســيــئــي ســاريــا، جــي پــائــر جــا پــنــهــوار
ڏٿــولــيــن ئــون ڏار، تــي ڏڪــيــا گــذاريــان ڏيــنــهــڙا.

(21)

قــيــد ڪــشــالــو گــهــاريــان، ڪــڙو ۽ ڪــونــي
پــريــو مــچ مــاروءَ لاءِ، آءُ لاءِ تــنــهــن لــوئــي
پــسان ڪــونــه پــهــر مــنــجــهــه، آءُ اُتــي جــو اوٺــي
ڳــولــئــي ڳــوٺــي، جــنــهــن ســان حــال ڳــرهــيــان ســومــرا.

(22)

ســومــري ڪــونــه ڪــيــو مــون ســيــن نــاهــه نــيــاءَ
هــڪ وڌائــيــن بــنــد پــر، ٻــيــا قــيــد ڪــڙولاءِ
زيــريــون هــن ضــعــيــف جــون، ســاريــو ڪــٺــن ســاهــه
مــاروئــڙن مــٿــاءَ، عــمــر ٿــو ايــجــهــيــون ڪــري.

(23)

لوئي لبنگ، كنجري، تي سبي سيبا ڏي
كتيءَ وتيون كتيون، ستي سِيڙي سي
مڇڻ چونـر كي، تـ لڄايئي تر ڄائيون.

(24)

كتيءَ وتيون كتيون، آنديم جا تراءَ
لائي هٿ پراءِ، كيئن كر كي كڇو كريان.

(25)

لوئي مون ليڙون تي، ڀڳڻ بي منجيج
سدا سنگت ڏينهڙا ور مَر وساريج
مت مانڌاٽيءَ منجيج، تـ آءُ نيئر ۾ نئون كريان.

(26)

مون لاءِ آندي ماروئين، ڻپِي كَتي كال
سا كيئن لوئي لاهيان، مٿان لگن لال
ملير وڃي شال، ڌهيون توءِ ڏيكاريان.

(27)

مون سين ماروءَ جي كيا، تورا منجھ تَرن
عمر اُن ڳڻن، لوئي هڏ نـ لاهيان.

(28)

سنهين سٽيءَ سبيو، مون ماروءَ سين ساهـ
هنيون منهنجو هٿ ٿيو هٿ منجي ۽ ماهـ
سدا وينتي ساريان، گولاڙا ۽ گاهـ
جيئن هٿ پكي منجھ پساهـ، تيئن هٿ كر ڳل آهي كوٽ ۾.

(29)

سنهين سٽيءَ سبيو مون ماروءَ سين من
" وسڻهم ربهم شرابا طهورا" پياريو پرين
جيئن هٿ ورهـ ويڙهيچن، تيئن هٿ كر ڳل آهي كوٽ ۾.

(30)

سنهين سئيءَ سبيو، مون من ماروءَ ساڻ
عمر اکير جن کي، سي هت نہ هونديون هاڻ
مون ڏکي ڏينهن گذاريا، سدا سورن ساڻ
جيئن هت ويڙهيچن منجهہ وڻاڻ، تيئن هت ڪر ڳل
آهي ڪوٽ ۾.

(31)

ترن تيلي نہ مران، جي مان مارو نہ تيلين
پٽ پرين پنهوار جا، مر تا ڏيکارين
امر جي نہ مڃين، سي ڏونيءَ ڏولائي پيا.

(32)

ماروءَ جي مذڪور جي سڌ نہ سومرين
جيلان سنڪو ناهہ سرير ۾، تي تيون البيليون اتين
ستر سي سکن، جن ويڙهيچو وجود ۾.

(33)

ساعت ورهيہ ٻانئيان، گهڙي چيهہ نہ ڪوءِ
مون کي مارُوئڙن ري، هت پل مَ هوءِ
صبحان هوءِ مَ هوءِ، آءٌ اڄ ئي ملان مارُوئين.

(34)

پاهين پاکين پترين، مر پريان سين هوءِ
متان مارو چوءِ، تہ اجان ويئي وسري.

(35)

منهن تہ منهنجو سومرا، مر ميروئي هوءِ
لارون جي لڙڪن جون، ونيو ويندس لوءِ
متان مارو چوءِ، تہ ڏوتوءِ ڏوراٿن ۾.

(36)

ٻانهين هٿين پنڙين، لوئي ٻڌان ٻيٺ
لڄائي لڄ مري، ڏٺان ڏوراٿن هيٺ
مون ڪا تيندي ڏيٺ، موٽي مارُوئڙن سان!

(37)

پانهين هتين پنڙين، لوئي نه لاهي
هندورا حيرت جا، رتا نه راهي
اندر کا آهي، مارُوئي ڳالهه ملير جي.

(38)

سمهان ڪيئن سوڙين ۾، رلي رد ڪري
مون ڏانهن ڏکان چئيا، ذات منهنجي جي
مارو ملنم سي، ته سڀ ڳرهيان ڳالهيون.

(39)

مون ڏانهن چائيا جيڏين، اڄ اڏنگا ويڻ
هاري هميراڻين جا جيڪس چڪيئي ڪيڻ
ساڏوهيون ۽ سيڻ، ڪر تو ويا وسري!

(40)

ستي ساريم سومرا، ساٿيهه ساڏوهيون
مون سين ملير ڄائيون، جي هيڪانڏيون هيون
تان پره جون پيئون، زائچون زنجيرن جون.

(41)

پرهه اٿيو پانڌي پڇان، رات نچويم نيڻ
مارينم "ميئن" چئي، تن ويڙهيچن جا ويڻ
ساڏوهيون ۽ سيڻ، سنيريو تي سور چران.

(42)

سَڏ نه آنديس سومرا، آنديس ڪوٽ قضا
جيڪس هيءَ سزا، لکي هيم انگ ۾.

(43)

سڏ نه آنديس سومرا، آنديس حڪم هت
مون ڪي مارُوئڙن ري، پروسو نه پِٽِ
پيم سڀ نرت، قوڙائي جي سومرا.

(44)

ونهين ويڙهيچن ري، آءُ جيئندي ڪيئن
سڄڻ سارڻ، نت نهارڻ، ننڊ نہ راتو ڏينهن
مارن سندي مينهن، چريو مون چت ڪيو

(45)

ونهين ويڙهيچن جا، اڄ پڻ چڪيم چاڪ
ساري سانييئڙن کي، فنا ڪيس فراق
هو جي ريج رهاڪ، تن تر وجي ٽاٽا ڪيا.

(46)

عمر بنديانٽيون، مٿي ٿوڪ ٿين
هڪ ڦوڙائو سڄڻين، ٻيو ساٿيهہ کي سڪن
سي ڪيئن قيد ڪجن، جن بند نہ ڏٺو ڪڏهن.

(47)

ويا گذاري ڏينهڙا، مٿي ٿر رهي
ڏوريان ڏوريان نہ لهان، تن پنهوارن پهي
ويو ساٿ وهي، جنب گذاريم جن سين.

(48)

مَنهن ماڳر ماڙيون، نڪا ٿور تنوار
ڪوهہ چاٽان ڪيڏانهن ويا، سِتون ڪٽي سنگهار
ويڙهيچا وينجهار، لنگهي موهہ منجهہ ٿيا.

(49)

ويا ويڙهيچا اڪري، ٿرن چڏي ٿوڪ
ڏوريان ڏوريان نہ لهان، لاڪيٽا ۾ لوڪ
مليرِ ٿين موڪ، اٿي ويا اڪري.

(50)

ويا ويڙهيچا اڪري، ٿرن چڏي ٿان
جڳ ۾ جهانگيئڙن ري، پيئي سور سهان
ڪوهہ چاٽان ڪيڏانهن، لاڪيٽا لڏي ويا.

(51)

مون کي پرين پنهوار جي، انئي پهر اُداس
ويرو تار وجود ۾، ورد ۽ وماس
سا كيئن پري باس، پسي ڄڃا چانئيون.

(52)

مون کي پرين پنهوار جو، اندر كر كرت
ساري سانيڙن کي، گهاءِ مرنديس گهت
ماروءَ كونهي مِت، آءٌ لوئي هڏ نہ لاهيان.

(53)

كالهہ پره جو نگيو، ملا ماروئڙن
اڄو آب پتن ۾، ويري تا وتن
توکَر گهٽو پچن، جان تون هت بنديائي بند ۾.

(54)

لوئي هڏ نہ لاهيان، توٽي ڏكيا ڏينهن
مون کي پرينءَ پنهوار جون، نايون اندر نينهن
نيئي چاڙهيم چيئن، تہ بہ هينئڙو هتي جو هيرئون.

(55)

هينئڙو هتي جو هيرئون، تہ هن كر ڳر كريان كوهہ
جي آءٌ لوئي لاهيان تہ اِيءَ ڏنوئي ڏوهہ
اندر منجهہ اندوهہ، مون کي پرينءَ پنوهار جو

(56)

اندر منجهہ اچي كري، ڏكن ڏس ڏنوم
ساري سانيئڙن کي، وري ويڌ وڌوم
هنيون هڏهين هيكڙو، سو پرينءَ سين پوتوم
طعنا تي ڏيوم، جيئن ساءُ نہ آيان سور جو

(57)

موڪل گهري ماروئي، تي جر هاري ۽ روءَ
پنڌان ڪاريو پيهڙا، ڪين جو ايي چوءِ
راج پرتو رب ڪي، سومرا سندوءِ
تنهنجو ڏوهه نه ڪوءِ، مون سين ايرادي ايئن ڪيو

(58)

سورن جا سريرپر، تا پرجر پرن پير
سهڻي ساجن پيتيان، ساجهر صبوح سوير
جان ڪي گڏيس گامائن ڪي، ڪلي سونهاري ڪير
تان هنيئن اتي جي هير جاڳيو تي جر هاريان.

(59)

ساهه منهنجو سومرا، ٿو منجهي ماڙيءَ منجهه
مران انهيءَ ڏنجهه، جيئن پهر نه پنهوارن جي.

(60)

نيئر آهي نه نينهن جو لهه جا لهيو پون
اکين جو جهڙ لائيو چوڪس ايون چون
هنئين جي همت سين تيون رت ورنو رون
آهي گهونا گهون، مون کي ونجهل ويڙهيچن جي.

(61)

اٺا ٺر ٺاڏيل ٺي، پيرون پڪا لس
عمر رات سرتئين، ڏيئي ڪا ڏس
ماڙيءَ رهي نه مس، ٿو پيجي هنيون پنگيون.

(62)

اٺا ٺر ٺاڏيل ٺي، پيرون پڪا جال
حيف منهنجي حال، آءٌ مند ساريو نه مران.

(63)

ڳٺين هرول جليا ٽنگيل تيڪرا
آڏي رات، اٿيو ڪن پوٺين پرڪرا
مون ڪي ماري سا، پوڻ پرندي ڪن جا.

(64)

ورت ورها، چڙهيون، اهڪ چڏيائون آنهن
ڏکوين جي ڏوريا گهڙا ڪٺي پرانهن
جي پرن ٻاري ٻانهن، تي عمر جهجان اُن ڪي.

(65)

نت نياپا آئيا، اوڏا جي هيام
چني سڱ سچ ڪري ويڙهيچا ويام
وڃي تر تيام، ماروئڙا ماريس مون.

(66)

ورت، ورها، چڙهيون، آهڪ چڏيائون ڪوهه
ڏکوين جي ڏوريا، مارو منجهان موهه
سنجهي ۽ صبوح، تي عمر جهجان اُن ڪي.

(67)

سا ڪيئن سلان ساهه ڪي، پرينءَ چئي پاڻ
وڃي ماروءَ ساڻ، ڳجهيون ڪنديس ڳالهيون.

(68)

جي مون ماروءَ سين ڪئا، واعدا وس ڏينهين
ڳڻ تان منجهه هنئين، پاڻان تين نه پڌرا.

(69)

بند نه بنديس سومرا، ماروءَ مار پياس
طعنا ڏيئي تنهنجا، پنهوارن پچياس
اهڙي تان نه هياس، هئان تو همير تي.

(70)

بند نه بنديس سومرا، بند بنديوئي مان
هن منهنجي حال جي، ڪري خبر ڀڄئان
ته چاچا سوڏا چان، هوند پون چٽ پٽن تي.

(71)

هـن حـال ۾ سـومـرا، آءُ جـنـي لاءِ تـيـاس
تـن اباجـهـن باجـهـه سـيـن، پاٽـان ڏكـيـاس
سـاهـيـڙيـن سـيـاس، "صـادق" انـهـيءَ سـور ۾.

(72)

تيـس بـنـدياٽـي بـنـد ۾، بـنـد نـه آءُ سـاريـان
مـاروءَ سـنـدي آسري، ويـنـي ڏيـنـهـن گـهـاريـان
پـٽـولـي نـه پـاڙيـان، لـيـڙون جـي لـوئـيءَ جـون.

(73)

تيس بندياٽي بند ۾، ٿي ڏكـيـا گـهـاريـان ڏيـنـهـن
مهرن جـا مـٿـي تـي ٿـي مـوك وسـايـان مـيـنـهـن
حال منـهـنـجـو هـيـئـن، مـانَ مارو مـقـابـل ٿـئـي.

(74)

كـيـس بـنـديـاٽـي بـنـد ۾، ايـرادي آٿـي
ڏهـيـلا مـون ڏيـنـهـن تـيـا، مـاروءَ جـي واري
سـرتـيـن كـي سـاري، مـاڳ مـرنـديـس سـومـرا.

(75)

سا عمر جيئندي كيـتـرو جـا سـنـگـهـارن ساري
ڏكيا ڏيـنـهـن گـهـاري، مـري مـلـنـدي مـاروئـيـن.

(76)

مـارو جـنـهـيـن مـلـك ۾، اكـيـون اوڏانـهـيـن
تـاٽـيـو تـيـڏانـهـيـن، سـكـن گـهـٽـو سـومـرا.

(77)

ماڙي مـاري كـيـنـكـي، نـيـڻـر نـيـنـهـن تـيـوم
پـرو پـوءِ پـيـوم، جـو اصـلـي هـوم اڳـيـون.

(78)

اوڏا اچي سپرين، ويا پرانهين ءَ پونءِ کهي
هن سورن جا "صديق" چئي، هٿڙا سيڻ سهي
پچان کير پهي، ماروءَ مثل نہ ٿئي.

(79)

جتي تنهنجو تڪيو اصل ساهہ سرير
اکيريو اکير، ماروئي تنهن ملڪ کي.

صدا

مٺي لوئي لال لوئي، اي هو آءٌ هار پٽولا گهوريان
لوبون ميان عمر لوبون اسان لاهڻ لاءِ نہ رتيون
1.پرين وسارين پانهنجون، پر او پڻ کين پيون
2.مون ماروءَ جون من ۾ اڳهين اڳڙيون
3.منهنجون ملير ڏيهہ ڏي سي اوگا اکڙيون.

صدا

سدا سومرين، انگ نہ اوچيا ڪپڙا
1.پڌا تہ پانهن ۾ مون کي سڳا تا سونهن
2.مون کي مون پرين جون سر ليڙون ٿي لڏن.

صدا

عمر هو عمر، آءٌ کيئن اچا اوچيان ڪپڙا
1.اچا اوچڻ ڪپڙا، ڪاٽياريون کيئن کن
2.جن جا مليرِ ۾ ور تا ويڻ سهن
3.ڏک گذارڻ ڏينهڙا اڳي انگ ورن.

صدا

الله تار ۾ تئي مَر تيلهہ، مارو پون نہ مامري
1.پيرون چونديان پرين سان، آءٌ پلر پڌڙئو پيلهہ
2.وهڻ وراچن ۾، رهڻ مٿي ريل

***

سرُ ڪلياڻ

صدا

پيرو يار دوست ميرا، تو ملبي مون ڏک لهندا
1. ڳڻ ڳالهيون ڪيترا، مون کي تار تمارا.

بيت

(1)

محبت ميرباني نہ ٿئي، عشق ڪڙو ڪريج
فڪر سان "فقير" چئي، هنيئن کي هٽيج
اندر اجاريج، جيئن ڪٽ نہ چڙهي ڪڏهين.

(2)

محبت جي ميدان ۾، تون ساڃو ٿيءُ سوار
سڪڻ ساڙيان ڪيترا، تون وڃان وڃهہ مَ وار
عشق نانگ نبار، ٿي خبر ڪاڏن ڪان پوي.

(3)

محبت جي ميدان ۾، رڪ جو آهي رنگ
ڪوڙيين وهيا ڪيترا، نينهن نباهي ننگ
عشق نانگ نسنگ، ٿي خبر ڪاڏن ڪان پوي.

(4)

محبت جي ميدان ۾، ڪڏي پٺو ڪاهي
چڏ حيلا اڳيان لاهوتي لاهي
عشق نانگ آهي، ٿي خبر ڪاڏن ڪان پوي.

(5)

محبت جي ميدان ۾، ڪاهي پنڌ ڪڍي
ٻجهي وانءِ ٻڏي، ته پسين منهن محبوب جو

(6)

محبت متارا ڪيا، جلئي جاڳيا جي
پس پچندا سي، عاشق اچيو اڳ ۾.

(7)

محبت جي ميدان ۾، سينو سپر ڏيج
منهن ۾ معشوقن جا، جهالو ٿي جهليج
پانهون پير مَ نيج، عاشق ٿيءُ تہ اُبهين.

(8)

محبت جي ميدان ۾، سينو سپر رک
منهن ۾ معشوقن جا، چاڪ چٽڪا چک
سوريءَ پان مَ شڪ، عاشق ٿيءُ تہ اُبهين

(9)

محبت جي ميدان ۾، ڪنهين چيئي تہ آءُ
سيڻن جي سراءِ ۾ تا گهاتا لڳن گهاءَ
مهندان معشوقن جي اُيو جان جلاءِ
سوريءَ ساهه سنباهه، جان نالو ڳيڙءِ نينهن جو.

(10)

محبت جي ميدان ۾، ڪنهن چيئي تہ اچ
سيڻن جي سراءِ ۾، تو مي جو هري مچ
پرين چوئي پچ، تون آڳ اوڏو ٿي نہ وڃين؟

(11)

محبت جي ميدان ۾، دغا رهي نہ دم
سر وڍڻ، سوريءَ چڙهڻ، اي عاشقن جو ڪم
تنهان پوءِ شرم، مڙوئي محبوب جو

(12)

محبت جي ميدان ۾، عاشق ٿي آجام
سامهان سِرُ سيد چئي، ڪنڌئي تير تمام
ڪهج ڪوم ڪلام، متان دوسنئون دور ٿئين.

(13)

دوسنئون دور ٿيو تہ هنيون ڪچاڙو ڪاءِ
ڪلهي پائي ڪينرو، مرڳڻ پريان جا ڳاءِ
مون ڪي مات جڳاءِ، دل دانهن ري نہ رهي.

(14)

ڏَڪَ لڳي رت نڪري، اجان تو منجهاءِ
منهن ۾ معشوقن جا، ڪيئن جهلينديں گهاءِ
سو تون ڪچاڙيا، ٿو سڪڻ جون سڏون ڪرين؟

(15)

سڪڻ جون سڏون ڪرين تہ ڪانَ مَ ڪڍي لاهہ
واڍوڙيو جيئن وتين، سڄين اي سونهاءِ
متان ڪڍهين ڪاءِ، آهَہ سڄائين عام ڪي.

(16)

سڪڻ جون سڏون ڪرين تہ ڪانَ مَ ڪڍي چڏ
ڪانئج خيالن ڪي، جيئن ڪنر رهي تہ ڪَڏ
آڻي اوڏو اَڏ، اِيءُ نہ هوئڻ جو نجهرو.

(17)

سڪڻ جون سڏون ڪرين تہ جيءَ سين لاهہ ۾ جنگ
فنا ڪج فڪر ڪي، وڙهج انهينءَ سين ٻنگ
عاشقاڻي انگ، جي ناهہ پيا سي نبريا.

(18)

جو تون سڪڻ سکيس، سو عشق نہ آهي اِيءُ
ترسين تيڏانهين گهڻو جيڏانهن چونئي جيءُ
معشوقاڻو ويءُ، ري ڪني ڪين ملي.

(19)

جو تون سڪڻ سڪيو، تنهن عشق نہ اهڙا پار
وڃي ڪنڌ ڪماحقون رکج ڌڙ ڪان ڌار
تنهين لڌيون نہ وار، جي حاضر هئا هٿ ۾.

(20)

پڇين تہ پڇ تون، عشق سِڌا پنڌ
لڳو آهي، نہ لهي، هڏ نہ سڃاڻي هنڌ
پڇي ڪاملن ڪنڌ، پڄاڙي پيرن ڪي.

(21)

پڇين تہ پڇ تون، عشق نہ عقل هوءَ
تنهن جون رنگ رموزون ڪيتريون، لهي نہ سگهي ڪوءِ
اندر واڪو ووءِ، ٻاهر دانهون ٿي دل ڪري.

(22)

سوريءَ خبر جي لهن، جي سوريءَ جا سوار
اصل عاشقن جا، سر جدا، ڌڙ ڌار
پرينءَ جي پچار، اُيا مرڪن مڇَ ۾

(23)

سوري سڪ پرين جي، نينهن مڙوئي نيل
ڪاتي قربن جي، نڪا ويل ڪ ويل
ساجن تنهين ٻيل، ڪسڻ جن قبوليو.

(24)

اُيي عاشقن ڪي، سوري سڏ ڪري
محبت جي ميدان ۾، آءُ تون پير ڀري
اڏيءَ سر ڌري، پوءِ پڇج پريتڻون.

(25)

ڪا هلندي جيڏيون، سوريءَ سڏ ٿيو
وڃڻ تن ٻيو جن نالو ڳڙهو نينهن جو.

(26)

آڻي عاشقن کي، سڃيائون سوري
مڙيا ڪين "ميئن" چوي، پرت جن پوري
هردم حضوري، سدا در دوستن جي.

(27)

نهار مَ ڀنَ "ميئن" چوي، خلاصيان گولي
سو سڃاڻج سپرين، اندر جو ٻولي
تنهنجو روح نہ پوءِ رولي، توکي منجهيئي
مشاهدو ٿئي.

(28)

ڪڙو هڻي قلوب کي، اندر اجاريج
"ميئن" چئي، محبوب جي، پوءِ پچار ڪريج
ساجن سڃاڻيج، عشق جي اکين سين.

(29)

ڪڙو هڻي قلوب کي، ڪڙه تان لاهيج ڪس
اندر آرسي ڪري محبت منجهيئي پس
ڏيهہ ڪي ڏيج م ڏس، دوساڻي درسن جو

(30)

قلب جي ڪوڏار سين، ٻهون ڪڻج ٻار
گنج وهڻ حيرت جو، مٿي جنهن مدار
سورج گهٽي صفاسين، جان اکين لهي اوتار
تہ منجهان نور نبار، اچي آب اڇل سين.

(31)

قلب ڪسوٽي هڻي، ساهہ کي ڏج سيراهہ
مارج من منجهيئي، جيئن روح سڃاڻي راه
اندر رهي الله، ٻيون وايون وڃن وسري.

(32)

پتنگن پهه ڪيو مڙيا مٿي مچ
پسي لهس نه لچيا، سڙيا مٿي سچ
سندا سسين ڳچ، ويچارن وڃائيا.

(33)

پتنگ چائين پاڻ کي، پسي مچ مَ موٽ
ساهي سپرين جي گهڙ تہ تيئين گهوٽ
اڃان تون اروٽ، ڪوريءَ خبر نہ لهين.

(34)

پتنگ چائين پاڻ کي تہ جيري پئو جاٽي
تان تان تاڻج تيلڏهين، جان آڳ نہ اجهاٽي
ويهه مَ وساٽي، متان مچ ماٺو ٿئي.

(35)

تيلان آيو آڳ تي، جي پورو هئو پتنگ
موراٺهين محبت ري، پيو نہ چاٽي ہنگ
خبراِيءَ ڪوري کي، ڪاٺون جت ختنگ
اصلي سندس انگ، موراهون تيو مچ تي.

(36)

پري پتنگ آئيو، سري ساهي وٽ
ڪانہ ڪريندو گهٽ، متو ڏيندو مچ ۾.

(37)

پري پتنگ آئيو سري ساهي جيءَ ڍار
ڪانہ ڪريندو وار، متو ڏيندو مچ ۾.

(38)

پري پتنگ آئيو سري ساهي جيءَ سڪ
ڪانہ ڪريندو لِڪ، متو ڏيندو مچ ۾.

(39)

ڀِري پتنگ آئيو سري ساهي جيءَ جوڙ
ڪانءُ ڪريندو موڙ، متو ڏيندو مچ ۾.

(40)

سنديون ڪامڻ خبرون، پڇ پتنگن ڪي
آٽيو وجهن آڳ ۾، جيءُ پنهنجو جي
جونري جَرني جي، لڳا نيزا نينهن جا.

(41)

اڄ پڻ شوق شمع جو پروانن پيو
پهيو پهين پاڻ ۾، ڇي: هلو حج ثيو
ٻرين مچ مجاز جو سيلانهن سچ ٿيو
ساهه ڪياٿون صدقو سوليءَ سر ڏيو
جنهين عشق اِهيو آتش تنهين آب ٿي.

(42)

اڄ پڻ شوق شمع جو پيچو پروانئان
ٻره آٽي باهه ۾، دسيا ديوانا
جي ڪٺا قربانا، آتش تنهين آب ٿي.

(43)

اڄ پڻ شوق شمع جو پروانئان پيچو
اچيو اُبهن آڳ تي، پون لال لچيو
دل مان جن ڌڪيو آتش تني آب ٿي.

(44)

ٻاهر پون ٻرنگرا، مچ منجهيئي آهه
چور ته لڳي چاهه، ڪامندن ٿي ڪتيو

(45)

ڪامندن ٿي ڪتيو اُجهاڻن اونداهه
اندر جني باهه، تن سيئي سوجهرو

(46)

وحدت واعظ جن جو تن "الله" منجهہ اوطاق
ان کي ويروتار وجود ۾، هئي هئي وهي هاڪ
وينا چيني چاڪ، ڏيل منجهاران ڏنگيا.

(47)

وحدت واعظ جن جو تن "الله" منجهہ اکين
فاني ٿيا "في الله" ۾، تا مات مطالع ڪن
پوتا سين پرين، لِکي لوڪ نہ سگهيا.

(48)

وحدت واعظ جن جو سي الله سي اورين
هنيون حقيقت ڳڏيو تا طريقت تورين
معرفت جيءَ مات سين، تا ڏيل اندر ڏورين
پوتل پاسو ڀِٽ تي، ڪاٺان نہ ڪوڙين
نينهن نباهيو نين، اِيءَ پر عاشقن جي.

(49)

لڳي آڳ، مچ ٻريو درد دانهن لاٿي
ڳجهو ڏيل ڳهائيو سورن ساماڻي
ويچاري واٿي، هردم حبيبن جي.

(50)

لڳي آڳ، مچ ٻريو درد دانهن ماري
من واڊوڙيو ونجهلي، ڳهنگهر تو ڳهاري
واٿي ويچاري، هردم حبيبن جي.

(51)

لڳي آڳ، مچ ٻريو وهي اڪينشون آب
من واڊوڙيو ونجهلي، ڪسي ٿيو ڪباب
وڃي روح رباب، سَڳهو ساعت نہ جندڙو

(52)

لڳي آڳ، مچ ٻريو لاٿي دانهن درد
من واڍوڙيو ونجهلي، آٿي تيو اڌ
سپيريان جي سڌ، ٻکهو ساعت نہ جندڙو

(53)

لڳي آڳ، مچ ٻريو ڇٽي چڻکي چت
من واڍوڙيو ونجهلي، هوتن ڏاران هت
جهوري جهجهڻ نت، ٻکهو ساعت نہ جندڙو

(54)

لڳي آڳ، مچ ٻريو اندر من ملور
جيءَ ۾ جوش ٻرين جي، اچي لاٿي اور
تن ۾ ٻري تنور، سکهو ساعت نہ جندڙو

(55)

لڳي آڳ، مچ ٻريو سجڻ سنيريام
جيءَ ۾ جوش ٻرين جا، اچي ايريام
ڇکي چاڪ چريام، سکهو ساعت نہ جندڙو

(56)

نہ ٻن نہ ڦر ڪو نہ ٿڪو ڦير فراس
لڳي آهي، نہ لهي، هڏ منجهاران هاس
اندر وهي اداس، هنيون حيرت ۾ پيو

(57)

نہ ٻن نہ ڦر ڪو نہ ٿڪو نہ تير
لڳو آهي، نہ لهي، ڪلي منجهہ ڪنڌير
نيٿين ٿمي نيس هنيون حيرت ۾ پيو

(58)

نہ ٻن نہ ڦر ڪو تينگ نہ تينڊارو
لڳو آهي، نہ لهي، من اندر مارو
سجوئي سارو هنيون حيرت ۾ پيو

(59)

نہ سس نہ قر ڪو نہ ڪيبس نہ ڪاڻ
اندر جيءَ جنگ وهي، مشاهدو ميدان
ٺهريو ڪنهين نہ ٺان، هنيون حيرت ۾ پيو.

(60)

هنيون حيرت ۾ پيو ويو پاڻ وساءِ
لڳس ڪاڻ قريب جو گهٽ منجهاران گهاءِ
پٽون ٿيو پرزا، سڙيو انهيءَ سَڙَ سين.

(61)

پاهر پٽ نہ نگيو سڙيو سَڙ پيئي
تنهن ولوڙي ويچون ڪئي، اندر ماهہ مهي
سگهي ڪين سگهي، هنيون حيرت ۾ پيو.

(62)

سر جو سنڌيو سچٽين، تنهن لوريءَ لوهہ پيو
تنهن لڳي ڪان قلوب ۾، ڪڙڪو ڪنڊ ڪيو
منجهان مون ويو گهائيندو گهٽن ڪي.

(63)

آيو آهيان اتهين، لوري جت لڳوم
سورهہ پرين سندوم، ماڻ پاجهائي پيو هٿي.

(64)

سر جو سنڌيو سچٽين، پر پيڌيءَ ڏيئي
تنهن ڪان ڪرنگهو ڪپيو پاسارا پيئي
سوجهي سيئي، وجي چيهہ چمڪيو.

(65)

سيري ايندي سامهون، گاسيون گل هنيون
سي لوهہ نہ رڪ جون، ري سراڻ سنيون
تن پچي زِرهہ ذرا ڪئي، ريکون منجهہ رهيون
مون ڪي نت نيون، ميان محبوبن جون.

(66)

سيري ايندي سامهان، ويندي گڏيم جي
تن هَنيون هنياءَ سامهون، پهريون پر ڪري
لڳي چيهه چمڪيو، ڪڙ ڪڙ ڪان ڪري
آءُ دانهيـن، تون دوست، وجان ڪنهن ڳري
اکيون آب پري، مون پنهنجون پليون.

(67)

محبت جي ميدان ۾، سوٽو سِر سهيج
جي ڳلو قبول ٿئي، ته ويهه پيرا وڍيج
هلي هٿن سين ڏيج، مٿو محبوبن کي.

(68)

سر نه ولن سپرين، ڳلو قبول نه ڪن
هي هي هنيون نه آئڙيو مٿو محبوبن
نيو نماڻو نينهن سين، قلب قريبن
چشمن چاڪ چڪن، پسڻ ڪاڻ پرين جي.

(69)

همه حق حجاب ويو جان ظاهر ٿيو ظهور
فرق فرع جو نه ٿئي، اصلي آهه امور
دل ڪان دوئي دور ٿي، سڀ پريان جو پور
وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي، مڙيئي منصور
نگيو منجهان نور، ساجن جو صديق چئي.

(70)

حيا حڪيمن ڇڏيو طمعدار طبيب
ويجن ڳنان وِٺانءَ هٿا، گورين ساڻ غريب
جي تون رکين هٿ طبيب، ته وجن سور سنڌا ڪيو

(71)

ويجن سين وائي پيا، ڪري ڪن نه پاڻ
آگا ان اهجاڻ، پسو سوز سجهائيا.

(72)

ويجھن سين واٺيين پيا، ڪري نہ ڪياٺون
جي پر پارياٺون، تہ سِکھائي سَڳھا ٿيا.

(73)

جا گھايل گھران ڪڍي، تڙي طبيبن
ويڄن ورڄي چلڍي، پسي ڏات ڏڪن
چڪن چاڪ فراق جا، ڪڙيون مور نہ ڪن
دوست درسن تنھنجي وڏس ٺار ٿپن
پکي محج سين، آءُ پريام تہ ايان.

(74)

تون حبيب، تون طبيب، تونھي ڏٺن ڏب
مارٺين جيارٺين تون ڏٺي، تون ھادي، تون رب
آھيم اِيءُ عجب، جيئن واريو ويڄ ويھارين.

(75)

تون حبيب، تون طبيب، تون درد جو دارون
آءُ عاجز آھيان، تون سکھيون لھين سارون
ڪريان ٿي ڪارون، جيئن ھڪي تنھنجي ھٿ ۾.

(76)

ڪليٺون ڪلمون ھيڪڙو جان قلب ڪوڏ ڪھيوم
اندر روح رھيوم، آواز انا الحق جو

(77)

عشق سندي آڳ جو قلم ڪڍياٺون
معرفت جي مس سين، "لاالہٰ" لکياٺون
آٿي "الاالہٰ" جو پنون پڙھياٺون
ورق وارياٺون، تان منجھان ٿي معلوم ٿيو

(78)

ڪٿي هٿ حبيب جو، تہ پاڻ وهيو پڇن
عاشقن ازل سامهان، تہ اوچي ڳات اڇن
نيزي هيٺان نينهن جي، پاسي پاڻ نہ ڪن
ڪسڻ قرب جن، مرڻ تن مشاهدو

(79)

ڪنهن ڪوڻين سپرين، تہ ڪهُن ڪوڻڻ ساڻ
نيزي هيٺان نينهن جي، پاسي ڪر مَ پاڻ
ٻڌل وڃائي ڄاڻ، عاشق اجل سامهون.

(80)

جيئن تون سچو ۽ سڦرو عاشق ايئن نہ هون
پهه پروڙيو پرينءَ جو تہ راتو ڏينهان رون
اُيا ايئن چون، تہ سر لٿو سور ويو

(81)

آهون ڪن اڏيءَ تي، عاشق اڌ ڪٽا
مرن ڪين متا، سچا ڪهہ، صديق چئي.

(82)

هٿن حلالن ڪي، مارين نہ مردار
ڏيرا ۽ ڏوار، ڪاسائن بہ نہ قبوليا.

(83)

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم دل پرک
تان اکر اهوئي الف جو لکڻ وارا لَک
سهسين اُت سالڪ، سڙي ويا، صديق چئي.

(84)

معنيٰ مثل نہ ٻڙي، عجب آهيم اِيءُ
ڏسيو ڏسان نہ سپرين، جلي پيو جيءُ
هاڻي ويو هيءُ، هو پڻ ويو هن سين.

(85)

پـچـڻ پـروانـن کـي، ايـيـڻ تـان نـہ هـوءِ
پـاڻ وڌائـون پـوءِ، اڪـيـون اڙائـي آڳ ۾.

(86)

جـيـئـڻ جـوڳـي مـڪـڙي، ايـي ڪـوڙ ڪـري
گـهـڙڻ هـاري ڪـيـنـڪـي، وڃـان تـيـو وري
مـون سـاهـي ري نـہ سري، ايءَ پچڻ پروانن جـو

(87)

مـوتـي هـلـي مـڪـڙي، جـراتـي جـيـري
تـرسـي نـہ تـو ڏي، فـڪـر تـي قـيـري
پـهـرئـيـن ئـي پـيـري، پـچـڻ پـروانـن جـو.

(88)

جـتـان مـوتـي مـڪـڙي، ات پـچـن پـروانـا
سـدا شـوق شـڪـار جـو، درس ديـوانـا
ڪـسـن قـربـانـا، مـوتـڻ تـنـهـيـن مـيـهـڻـون.

(89)

پـتـنـگـيـن پـهـہ ڪـري، هـلـي هـتـهـيـن هـاڻ
ڪـهـڙي پـيـئـي ڪـاڻ، جـو مـوتـيـو وجـي مـڪـڙي.

(90)

پـچـڻ پـروانـن جـو مـون تـان اڳ نـہ هـوءِ
پـيـر سـري مَ پـوءِ، جـو جـيـري جـيـيـون لاٿـيـون.

(91)

ڪـر ڳـل ڪـپـارين ۾، تـيـو پـريـنءَ جـو پـئـي
ڏس ڏوراٿـا سـپـريـن، سـٽـڻ مـنـجـهـہ سـهـي
ڏو ڏو ڏنئي دم سين، جيئن ماتيءَ مـنـجـهـہ مـهـي
ڏاڍا سـون صـديـق چـئـي، مـٽـي تـوَ تـئـي
پـروانـن پـئـي، ڪـورو ڪـيـن ڪـجـائـيـو

(92)

ڪسي پيا ڪيترا، هتان تو حبيب
مٿا مارين ڪينڪي، کهل نہ پيئي قريب
جي تحقيقي طبيب، ان مرض انـي ڪي ماريو

(093

جڏا جڙن ڪينڪي، نڪي تن طبيب
دارون دخل نہ ڪري، اهڙو حال حبيب
ٿسو ساڻ نصيب، ويڄن واري ڪوٺيو

(94)

ڪا پروڙي ڳالهڙي، ويو پاڻ وسان
پيئي دل دورن ۾، حبيبن هٿان
محبوبن مٿان، هوئڻ مون حيران ٿيو

(95)

جنهين چير ڳالهڙي، تن ويڄن ڪي واهہ
ڪي ڏيئي ٻاجهہ جي، سمجهايوم ساهہ
حبيبن هٿانءَ مان ماري موٽيو

(96)

ويڄن ڪي وس ڪريان، عمر ٿي آئون
پرترس نہ طبيبن ڪي پيو چاڪ نہ چينياڻون
ڳجهو ڳاريائون، هٺي ڏکَ ڏکن تي

(97)

چيني جن چڱي ڪئي، ويڄ وڏائي وِير
ڪڏهن ساهہ سڏيس ڪڏهن مارين سپرين

(98)

سمجهڻ سين سودا گهٽي، ويڄن ڪيو وس
پاسي ڪري پاڻ ڪان، پوءِ ڏنائون ڏس
طبيبن ترس، جڏهن جو جيڏو ئي ڪيو

(99)

ڏيل منهنجو ڏک سين، ويڄن وڃايو
ساڙياٿون سينج سين، ڏَنُ ڪي تپايو
ڪاٺئين ڪاٿيو، ستيون ڏيئي سورجون.

(100)

ڏک گذاريم ڏينهڙا، ويڄن وٽ ويهي
تن مخفي مڙيئي، چاڪ منهنجا چوريا.

(101)

شڪاري شڪار سين، ڪوڙين هٿا ڪي
سجاڻي صورت ڪي، وسهي وينا سي
عنقا آنداٿون ڪينڪي، ڪياٿون الف بي
عجب انهيءَ ڪي، "صادق" تو سور چران.

(102)

پري هلي نہ پيچرو، نالو ٿيو نانهہ
تنهان پرانهين ڏانهہ، شڪاري شڪار جي.

(103)

نالي ۾ نالو ٿيا، پرين تا ڪي پسن
آهي احديت اِن، وحده واحد ٿيا.

(104)

شڪاري شڪار ۾، پاڻ وڃائي ويهہ
مري مل مقصود ڪي، عنقا اهڙو ڏيهہ
سچي جو ساٿيهہ، تنهن ۾ ڪيئن شڪاري سِڪي ويا.

(105)

ڏوڏوان ڏٿيندي، لهس، لهارن آئي
ڪاريگرن ڪسب ٿيو، وره جي واٿي
سيت سماٿي، ڪياٿون رڪ پڏرو.

(106)

"وهو" چون وات سين تيان ڪاريگر هٿا ڪيٿي
جي پليـن پاڻ ڪي، سونڪي اندر سيٿي
لوڪان لڪي جيٿي، ڳجهان ٿي ڳجهه ٿيا.

(107)

مر ڪسان ڪاتيءَ سين، هٿان حبيبن
اڪيون مون تي ڪن، ماٿ ڪهندي سپرين.

(108)

ڏاءُ نه ڏجن سپرين، نڪا ڪران ڪن
اسين پڻ منجهان تن، جي اڳ ڪٺائون ڪيترا.

صدا

ڪا هنٿين سين لاءِ، پوري ڪا هنٿين سين لاءِ
توڪي سمهڻ آيو ساءِ، پوري ڪا هنٿين سين لاءِ
1.لڳي آڳ مچ پريو محبت جو منجهاءِ
2.مچ پريو محبت جو ميان، تو ڪيٿن ماٿ جڳاءِ
3.ڪيٿن سانديٿي ڪپاهه ۾ سندي تاندن باهه
4.سچي سڪ پرين جي ميان، اندر جني آهه
5.سي باندوريون برن ۾ روئنديون پڇن راهه
6.اسين طالب حق جا ميان، ٻي نه آهي ڪاءِ
7.فهم فڪر "فقير" چٿي ميان سپيريان جا ساءِ
8."مسڪين" چوي من ۾ ميان، ڏوهه پريو ڏاءِ
9.اسان پريندي پانهنجو ميان، صدقو ڪيو ساهه

صدا

اڇي ڪر نهيج، ساجن سور تمارو ماري_ ساجن سور تمارو ماري
1.سور تماري مران ته مان ڏوهه نه ڏيج
2.لڳين لاٿي هٿڙا، ٻر دارون دوست ڪريج
3.جيٿن تو پيرو نه ڪيو تيٿن مان مٿي سٽيج
4.ڪيچٿون واري ڪر هو صادق سار لهيج

صدا

ڏکيا ڏهاڙي، سي وادوڙيل ورهه جا
ڏکيا ڏهاڙي، تن جي آڳ نه اجهاڻي.
1.لڳي آڳ، مچ پريو اڏاڻي
2.ساريائون انهيءَ سوز سين سڀ جوين جواڻي
3.اصلان ئي ازل کان سورن سين ساڻي
4.تن ڏنجهائي ڏکن سين، ائين عمر اماڻي
5.اندر آڳ عشق جي، ڪنهين وير نه وِساڻي
6.تن دل جان تِن جي سا ڪوري ۾ ڪاڻي.

صدا

لڏائون لائون، ئي وادوڙين وره جون
سي تان ڏيئي ڏوائون...
1.اندر خيمان عشق جا، خوبان کوڙيائون
2.ڏيئي ڏيل ڏکن کي ويران ووڙيائون
3.پهرين چنائون پاڻ کان "اسين" ۾ آئون
4.سجر سور پرين جا سهسين سبيائون
5.اچي سور اڏميا، ميان او ڪجن ڪيڏاهون
6.تن جان پنهنجي جيئري، سا مري ماريائون.

صدا

تاريءَ ان تارين، اِيءَ پهه آهي پرين جو
تاري ان تارين، سي ڪنهن ويل نه وسارين
1.وڏيو ڪنيو چڇريو جيءَ کي جيارين
2.شرابا طهورا ميان لو پر ڪيو پيارين
3.موتو اقبل الانت موتوا مرڻ ان مارين
4.وهوحي ي لايموت جيئو جيارين

صدا

مونهين کي مارين، اِيءُ پهه پٽڙو وو سجٽين لا

1.نہ سا پائين ڪاني ڪمان ۾، چِلو نہ چاڙهين

2.نہ چاٽان ڪنهن ڳالهہ سين ميان وو محبتي مارين

3.مونهي سندا ڏڪڙا مونهي کي مارين

4.ڪوڙرا ڪلهن تي ڪيو سهسين ويچ وتن

5.آهي پريان جي هٽ ۾ دارون جو دردن

صدا

مون کي هوتن ري، سرتيون ساعت نہ سري

1.آءُ هلندڙي پيهي پچندڙي، اوءِ ويندڙي پرين مٽي

2.داغ جن جي دل تي، اوءِ وهن ڪيئن ڪري

3.سي ڪيئن وسليون، اوءِ ہر هنييان جن ہري

صدا

مان ڪَر پرين پڇن، آئين ڪي چڱا آهيون، اڇيو دوست پڇن

چڱا آهيو، يلا آهيو، يال يلي جا يانٺيو

1.سکن پريون راتڙيون، ميان او ڏکيون جاڳن

2.داغ جن جي دل تي ميان او، سي ڪيئن ننڊو ڪن

صدا

آءُ پهتيس سيڻن سينءَ يوري چائيم، ايئن

لالچ تنهنجي لوک ۾ ڪامل چائي ڪيئن

1.ڪلڏهن شادي، غم ڪلڏهن، ميان او هونءَ هونءَ هينئن

2.لوهار ڪري لوهہ سين، ميان او جيرو ڪري جيئن

صدا

تون پڙ وڄ ڪا ساعت سيڪنهين سين
1.توکي مرادون من ۾ آهن خاصيون ڪيئن
2.نالو وٺن نينهن جو سي چڙهن چينٺن

صدا

ڪنهن کي سور سلايان وو سلايان پرين جو وو جيڏيون ڪنهن کي
1.پڌر ڪنديس پر سين، وو ويلي دل لايان
2.هي جي جوش جيءَ سين، وو ڳجها ڪيو ڳايان
3.جنهين مون کي ماريو، وو اُنهيءَ جي آهيان
4.سنيها ڏيو سڄٽين، وو چتا ٿي چايان
5.اندر آهون عشق جون، وو سهسين سمايان
6." صادق" سانديان ساھ ۾، وو پڌر نہ پايان

صدا

هينئڙي وهي حيراني، جٿين تو ناڻ نڪو نيشاني
1.توڙي نور ظهور ۾ ڪعبي جيئن قرآني
2.سڀ تي ساجن تون وسين، " لا" ۾ لامڪاني
3.ٻجهہ توکان بناءِ بنيو سو تون کهڙو جاني
4.لايشرڪ بعبادة رَبہ شريڪ نہ ڪو شاني
5.آتيو تنهنجي عشق ۾ تا گهرن حال حقاني
6.ڪٿين سڙي مٺا انهيءَ سوز ۾، تا ثابت ٿئي نہ سبحاني
7.جت محمد معراج ڪيو اُت آواز هو الحاني
8." صادق" سچائي ڪيئن سکهي، پرين تو پيشاني

صدا

سي مان هوت اڇن ميان، جن لاءِ آءُ لوچيندي لڇان
1.مون کي شوق شراب جو جيئن تا ماتي منجهہ مڇن
2.ڳجهيون ڳالهيون پرين جون، ڪهان ڪيئن ڪڇن
3.ڪڙهيو قنديلن جيئن تا پردي منجهہ پچن
4.اصل ڪنان آئيا، " صادق" سور سچن

صدا

جو ذڪر ۾ نہ آيو مون تنهن مان چت لايو
جو فڪر ۾ نہ آيو مون تنهن سان چت لايو
1.بنان نالي سپرين، جو ڳالهين ڪنهن نہ ڳايو
2.نبي ولي ويهون ٿيا، تان پار نہ ڪنهن پايو
3.سبحان جڏِڪ معرفت اهوئي سور سڀڪنهن چايو
4." صادق" انهيءَ سڪ ۾ روئي رت وهايو

* * *

سرُ سهڻي

صدا

اي سچا سائر مون کي تون، نيئي نيئي پار پريان جي ميڙئين
1.ڪن جي ڪارونيار جا، پانيان سيئي پون
2. 1. سندو جيئن آسرو، منان لاٿو مون.

بيت

(1)

ٻهون ٻڌنيون اڳري، توڏي ڪي تعظيم
اوڏي تي "الف" کي، من گڏيائين "ميم"
لکڻ واري لکيو تنهن ۾ خطا ڪين
منهنجو روح رحيم، داخل ڪج مَ "دال" سين.

(2)

نينهن نوازي سهڻي، توڏي توڙائين
هٿان هار حبيب جو لائق لڌائين
جيلان عالم آسرو، سو تڙ سوڻيائين
سامونڻي ڪيئن پانهين، جنهن جو منهن محبوب ڏي.

(3)

گهڙو ڀڳو ته گهوريو، مر بجور ٿئي چوڙو
طالب المولیٰ مذڪراۓ ٻڌنديون ٻوڙو
گهوريو ڏم ڪوڙو اسان ميهار ٿي من ۾.

(4)

گهڙو ڀڳو تان گهوريو، ٻاڻان هو حجاب
مون کي سڪ ساهڙ جي، ڪهي ڪيو ڪباب
ڪونهي ٻيو جواب، جيۓ ڏني ريۓ نه ٻجڙي.

(5)

ڳهڙو پڳ مند مئي، وسيلا ويا
تنهان پوءِ سئا، تي سهڻي سڌ ميهار جا.

(6)

سانيارن ساهڙ جا، هاري حق رکيج
وهم جي وجود جا، تن کي ترڪ ڏيج
ساهڙ ساڳاهيج، پوڙي جو پانهيارين.

(7)

سانيارن ساهڙ جو، هاري رکج حق
وهم جي وجود جا، تن کي ڏيج ترڪ
متان پوئي ڪڏهن ڪو فڪر منجهه فرق
ڪري غير غرق، ويجهي ٿيءُ وصال ڪي.

(8)

سانياران ساهڙ جي، دونهين ڌونهن ڪيو
لکي ڳل ڳپار ۾، پليتو پيو
ساهڙ صحي ٿيو ڪبنن بنهي ڪنڌين.

(9)

ٻارهن ڳن، ٻنيهه تق تڙ تڙ مٿي ٿوت
عشق جن جو قوت، ٻجهان سي نه ٻڏنديون.

(10)

ٻارهن ڪن، ٻنيهه تق تڙ تڙ مٿي پٿون
اٿيو آڌيءَ رات جو سهڻي ڏٿي سٿون
چڏيو ڪِير ڪتون، لڏي لهرين وچ ۾.

(11)

ٻارنهن ڪن، ٻنيهه تق تڙ تڙ مٿي نانگ
ته مان ڪهڙو سانگ، جي اٿان ٿي نه ڳهڙان.

(12)

پارنهن کن پنيهه تڙ، تڙ تڙ مٿي شينهن
نه مان کهڙو نينهن، جي اُتان ئي نه گهڙان.

(13)

تڙ تکڙ کان نه لهي، گهيڙان ڪري نه گهور
اتکل ناهيس آر تي، وهمن کي وهلور
جنهن کي ساڻ پريان جا سور تنهن کي ننڌي ناهه نظر ۾.

(14)

پرن پيلاين جا، چوڏاري چڙا
ستي سنيارن جو پٿر کن پڙاءَ
وهمن مون نه وڙاءَ سڻيو جهانءَ جهڄي هنيون.

(15)

لهڻ لکايان نه رهي، سانديان رهي نه سور
جانسين پسان نه پرين کي، تانسين من ملور
مون کي ماءُ ضرور، لوکان ليکي مهڻو.

(16)

جيڏيون چونم ڄڳاندو ڏم پڻ کونهي ڏوهه
مون کي سک ساهڙ جي، سڀ منجهايان پهه
لِکو رهي نه لوه، چيرو اندر جيڏيون.

(17)

اصلان ئي الست کان، ٿي توڏي تواري
پاڻ وڌائين تار ۾، عشق جي آري
نوءَ کنڌ نهاري، تنهن کي مشاهدا مڙيئي ٿيا.

(18)

اصلان ئي الست کان، آهه توڏيءَ کي توار
قالو ابليٰ کهيائين پسي منهن ميهار
چوکنڌ چوڌار، تنهن کي مشاهدا مڙيئي ٿيا.

(19)

سبق جهليائين سورجو، حقيقت حرفاءِ
آءُ تنهن وائيءَ ويڳاڻي ڪئي، طلب جي طرفاءِ
گهڙو گهڙيندي جوڙيو سائر جي صفاءِ
وسيلو وفاءِ، آهي منڌ ميهار جو

(20)

وڃيو وناڻن ۾ پيءُ ڪان پڇيو روءِ
ڏک نه سنم ڏيهه ۾ ساهڙ چام سندوءِ
هنيڙو تو مل هوءِ، آءُ هت هونهين گهاريان.

(21)

هينئڙي هڙون ڇڏيون، هٿيندي نڪر هَٿُ
ميي متي مهراڻ جون موجون وريم مَڻ
نيم ڪن قوت، پر پليرا سپرين.

(22)

ڪاريءَ رات ڪنن ۾، ڪا جا آيس هِير
تنئن ميي متي مهراڻ جا پري نه پسي پير
متي لهرين پير اڪڙيون ميهار ڏي.

(23)

پني پرجهر پاڻ ۾، ڪا جا ڪن ڪرين
آڏيءَ انهيءَ آب لاءِ اکيون اکيرين
توڙي تِڪون ڏين، ته اج انين ڪي نه لهي.

(24)

پنيءَ ڏنو پنيئين ڪي جو منجهه ڪنن
پيتائون پڪ ۾ رمل جي، ڍايون نه ڍاپن
ايون اج مَرن، اکيون انهيءَ آب لاءِ

(25)

اوران آءُ اکنيدي، پار منهنجو پيءُ
ڪاري رات ڪنن ۾، تي تي سهان سيءُ
جانب ڌاران جيءُ، ڪهين وس واڳيو نه رهي.

(26)

سانگ ٻنهنجي سپرين، ٻجهان ويا ٻيلن
ڏونهيون دوست ميهار جون، هاڻي ڪين ڏکن
ماريس تن ماڳن، جتي ديکيم دوست کي.

(27)

اوراڙ نه اڙجي، نڪا جهول جهليس
ڏم ڏينهاڻي ڪيترو تو ٻر ۾ ٻليس
تان تان جان جليس، جان جان پسي نه پرينءَ کي.

(28)

اوراڙ آءُ اڪندي، ٻار منهنجو ٻيءُ
گهر ور واڳيو نه رهي، ٻنان جانب جيءُ
حال منهنجو هيءُ، معلوم آهي ميهار کي.

(29)

اوراڙن آءُ اڪندي، ٻيءَ منهنجو ٻرار
گهر ور واڳيو نه رهي، ارواح مون اختيار
دوستن جو ديدار، دل ديکڻي ري نه رهي.

(30)

وڻنو جيئن وڻائين، ڏم ڪٽنئي ڏينه
مچين مارڳ لاٿيا، هڏن مٿان هيئن
قول ڀڃنديس ڪيئن، ٻڌم جي ٻولي ڪري.

(31)

گهٽئين ٻيٽئين گهوريان، ڏم کي ڏيهاڻي
منهنجون محب ميهار سين، آهن روح ۾ رهاڻي
تيلانهن ٻاڻي، سرتيون سکو ياڻئيان.

(32)

ڏمر سهان ڏم جا، ڪير ڪن، آءُ ڪير
ريءَ قضا ڪير ڌري، مٿي ٻاڻيءَ ٻير
ٻينر ٻنيءَ ويس اڳ لٿو ٿي لوڙيان.

(33)

مـر اولـجـان انـهـيءَ پـار ڏي، پـڏان تـان پـن
مـان پـر پـر ڪـن، ڪـنـڌيءَ اُپـي سـپـريـن.

(34)

ڪـي جـو پـسـي آئـيـون، اڪـيـون وجـي پـار
هـڪ ٿـيـون ديـوانـيـون دل ۾، پـيـو اپـر لاٿـي آر
تـنـهـان پـوءِ قـرار، سـتـيـون ڪـيـن سـڪ ٿـي.

(35)

صـورت سـاهـڙ چـام جـي، جـيـڏيـون ڏٺـيـان جـي
سـتـيـون ڪـيـن سـڪ ٿـي، ڪـانـڌن پـاسـي ڪـي
مـونـهـان هـونـد اڳـي، گـهـڙا ڪـٺـي گـهـڙيـون.

(36)

صـورت سـاهـڙ چـام جـي، جـيـڏيـون ڏٺـي جـن
ڪـني جيءَ منا ڪيا، ڪـي گـهوريـس ڪـيـو گـهـڙن
ميهار مليو تن، جـن سـانـگـو ڪـيـو نـه سـاهـه جـو.

(37)

چـڙن مـون ڪـي چـريـو ڪـيـو جـار وڏائـون ٻـجـوءِ
سـتـي سـنـيـارن جـي هـن پـر پـڌم هـوءِ
اچـي ٿـي روبـروءِ، نـه تـه دوسـت ٿـي دم ڏيـان.

(38)

سـار نـه ڪـريـن سـهـڻـي، تـون نـڪـو نـيـاڻـي
وَهـه ويـنـديءَ نـڪـري، اهـو جـويـن جـواڻـي
پـچـاڙي پـاڻـي، ڪـٺـي تـالان ڪـنـڌءِ تـار ۾.

(39)

گـهـڙي گـهـڙو هـٿ ڪـري، چـيـائـيـن الله تـوهـار
جـنـگـهـه جـرڪـي وات ۾، سـسـي نِـي سـيـسـار
چـوڙا پـيـس چِـڪ ۾، پـيـا لـڙ ۾ پـيـس وار
مـونـج يـار مـيـهـار، نـه تـه دوسـت ٿـي دم ڏيـان.

(40)

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، ٻوڙيائين ٻانهون
تنهن وڏيون ڪيون ويچاريءَ، درياهه ۾ دانهون
اڃ اوراهون، نه ته دوست نه ڏي دم ڏيان.

(41)

گهڙو ڀڳو ته گهوريو، شال مَ ڀڃي گهڙي
مولهيو محب ميهار جو ڀِڃي ٿيوم ڏِري
چڪڻ تان چڙهي، ڏسان منهن محبوب جو.

(42)

ڪاري رات، ڪن گهڻا، لڙ لهرين ۾ واءُ
سانئي جن الله، ٻجهان سي نه ٻڏنديون.

(43)

ڪاريءَ رات، ڪن گهڻا، ٻي اُٿنيهين اونداهي
چند پنهنجيءَ سنئين‌ءَ ويو ٻي درياءَ ڏڙ لاٿي
اهو امر الاهي، نه ته ڪنن ۾ ڪير گهڙي.

(44)

تڙ تڪڻ، تار گهڙڻ، ايءُ ڪاٺيارين ڪم
ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن ۾، ڏٺي ڏوراپا ڏم
عقل، مت، شرم، تيئي نينهه نهوڙيا.

(45)

نڪو ڏوهه سهڻيءَ، نڪو ڏوهه ميهار
نڪو ڏوهه گهڙي جو نڪو ڏوهه ڪنيار
آٿي ڪنهين آر، قضا وڌي ڪن ۾.

(46)

آڳي ان تڙان، وهنجندي ورهه ٿيا
قضا آنديس ڪن ۾، گهرائي گهران
جڏهن پورا ٿيا ڀريان، تڏهن تانگهوئي تار ٿيو

صدا

آءُ ويندڙياس در هاديءَ جي، مون کي ڪانہ جهلي
1.جيڪا مون کي جهلي، تنهن کي مر جان الله پلي
2.مَر ڪا مون کي جهلي، آءُ تان وڃيس نينهہ اُجلي
3.جيئان ڏجهڻ ٿئي، تيئيان سجڻ منهنجو اچي
4.نورا پايو نينهہ جا مر دوستاڻي اچي

صدا

آءُ جا آن ڏي ايندي ويندي، الله هو الله هو
1.ڪچا مون ڏيچاريو، واڳون سڀ وڍيندي
2.ڏيئي ڏيراڻي ميهڻا، ڪاڪيون ڪوه ڪريندي.

* * *

سرُ گهاتو

صدا

آچ مَ گهوريجا گهوري مچن رچ وجايو گهاتوئا
ڪالهہ ڪلاچيءَ جي ويا، چاتيون ڪٺي چڪير
1.جي مون ڏڪيءَ پر تي، ڪهڙي خبر لوڪ
2.پائن پيرو نہ ڪيو ادن ڪي اوير

بيت

(1)

جتي گهاتوئن گهوريو تتي واريءَ لٽ
سر سڪو سِڱـنڪي گيا، سهسين ساتي مٽ
رئان رت مچـٽ، تي هاڻي اُن تڙن تي.

(2)

لئيون پئيون پيچرا، تڙ اوتڙ پونديام
مڏ نڳي موٽيا، سانيڙا سندام
ساتيئڙا ڪيڻان، وانئتي وري ويا.

(3)

اڱڻ آيو سانئين، ڪو ڪرو خبردار
اوباهيو آهون ڪري، سٽيو سا تنوار
ڪن پٺڪو پار، تن مهاڻين منهن ڍڪيا.

(4)

پرجهليو پائن ڪي، تي سِيرئين سڏ ڪري
اوري هٿا تہ آئيا، جيڪي ويا پري
گهاتوئڙن گهري، آرتي عيد وهي.

(5)

ماٺي پسجن مهراڻ ۾، ماڻ گهاتو هون
تان ملاح نہ مڪرا، سهسين ساٺي رون
ڪنڌي آيا چون، تہ اوءِ ملاح ٿي مري ويا.

(6)

ملاح ٿي مري ويا، وهٽ واريائون
هاڻي اُن تڙن تي، ڪري اوٻاهيو آهون
ڪو ٻيو سر سوڻائون، جيئن گهاتو گهر نہ آئيا.

(7)

گهرن منجهہ گهاتوئڙن جون، ٿيون سَڻرن سِڻائون
ڪِجان خبر نہ لهان، تي اُتي جو آئون
جي ٻيلي هٿر ٻانهون، سي ڪوهہ ڇاٽان ڪيڏانهن ويا.

(8)

مڪ ڏناٿون مڪرين، رڱيائون رانٿون
ڪالهہ ڪلاچيءَ جي ويا، ڪنهن ڀَرهہ ڀورياٿون
انهن لاءِ آهون، تي ڪريان ڪن ڪنڌيين.

(9)

ڪهيا ڪالهہ ڪن ۾، گهاتو ڪري گهور
مادر ملاحن ري، وٺي سهان سور
مون ڪي ڪري ملور، ڪوہ ڇاٽان ڪيڏانهن ويا.

(10)

اُهريا اوءِ عميق ڏي، پره ڪري پرياڻ
تن سانييئڙن ري سرتيون، هت ٿيس سورن ساڻ
هئي هئي ڪيو هاڻ، وٺي ڳوڙها ڳاڙيان.

(11)

اُهريا اوءِ عميق ڏي، ڪالهہ ڪلاچيءَ لوءِ
ساريو سانييئڙن ڪي، تو روح منهنجو روءِ
وِرهہ ڏيئي ووءِ، گهاتو ڪنهن گهور ويا.

(12)

سهسين ڪري سڌڙا، تي جر وهايان جال
اڄ نہ موٽي آئيا، جي ويا ڪلاچيءَ ڪال
جي هينئڙي پائي حال، سي ڏوريان گھاتو نہ لهان.

(13)

سهسين ڪري سڌڙا، تي تنواريان تڙن
ساريو سانيڻڙن کي ٿا جهوريءَ نيڻ جهجهن
مادر ملاحن، ڏوريان ڏوريان نہ لهان.

(14)

نہ تنواروں تڙن تي، نہ گجان نہ گاج
تيئن ٿا سڙن ساج، جيئن لاڪيڻن لڌيو

(15)

ڪو جو قهر ڪلاچ ۾، جو گهڙي نہ وري
خبر ڪونہ ڪري، تہ رڃ ڪڄاڙي رنديا.

(16)

رڃ اولجن ريل ۾، لڳيو لهرن ساڻ
ڳٽا ڳري لائيس، تي هنج هاريان هاڻ
مانجهي منهن مهراڻ، اونهين ويا اوهري.

(17)

رڃ اولجن ريل ۾، ٻجهڳا جاءِ نہ ڪن
ملاحن سندا مڪرا، ٿا لهرين پاند لڏن
ٻڌو چڳيرن، اونهين ۾ تي آئيو

(18)

گهوري سکهيو نہ گهاتوئين، نڪا ڪن ڪِنار
رڃ مٽي ئي رنديا، پيا نہ پاتار
نيڻين تمن نار، پسيو قهر ڪلاچ جا.

(19)

ڪر ڳل ڪن ڪنڌين تي، حشر ٿيو هاڻ
"صادق" گهاتو گهور ۾، ٻوڙي ويا ٻاڻ
پيا تنهن مهراڻ، جتي سڌ سيرئين جو نہ سجهي.

(20)

ملاح ان مهراڻ ۾، وڃڻ ڪي ويا
حال ڳرهيان ڪنهن سان، تہ ڪي اُت هئا
پڙاڏا ٿي پيا، مٿي ڪن ڪنڌين.

(21)

ملاح ان مهراڻ ۾، نہ ڪا تانگهہ تري
ويو هوش ڇڏي، گهوريندي گهاتوئن جو

(22)

مگر مٿي هئڙا، ڏوران سِر ڏري،
سامهان جگر ڪري، سچاتو شڪارين.

(23)

گهوريان ٿي لهريون، الله گهاتو آڻ
ٻاڻ، مڇ نہ ماري موٽيو ....

(24)

مڇ جيئن ٿي مارياس، گهاتو گهر نہ ٻاڻ
آٽيو آٽيو آڻ ڪي ....

(25)

جا ساڻ نہ هئي ساٿين، سا گهو....
.......تانگهي تان نہ ترسيا.

(26)

رڃ جتي رنديا، اُتي گهاتو ڪو
اهري ويا او ڪنهن منهن موڙي مڪرا.

(27)

ڪلاچي جي ڪنڌيين، ڪا جا ٿي ڪوڪ
سٽي گهاتو گهڙيا، موٽيا تان نہ ملوڪ
پيا سڙن ساز سلوڪ، مادر ملاحن جا.

(28)

گهاتن گهوڙ چڏيو ڪين پروڙي ڪا
مڪرا مهند نہ هليا، ڪهڙو ورين واءُ
جيلان آين سگهن ساءُ، تيلان ويا ٻڏي بحر سڪوت ۾.

صدا

وساريج مَ ويڻ، جوين پہ ٿي ڏينهڙا
1.پايو پور پرينءَ سين، ڪرسين ڪائن ڪيڻ
پسي ڏکيا ڏينهڙا، اچئو مَ ولها ويڻ
2. آسن پري آهيان، موٽي ايندو سيڻ
جنني ماريا مچڙا، آءٌ تنني جي پيڻ
3. سي ملاح مري ويا، جي سانيي هوئڙم سيڻ
هاڻي اُن تڙن تي، نت نمايان نيڻ.

صدا

هي نہ ڪنهين سيڻ، جي تو پنهنجا پانئيا
1.وَهہ ٿيندءِ ڪلهن، هي جي ڪاڏئي ڪيڻ
2."صادق" سنگتي نہ تنهنجو نہ ڪو پائي پيڻ.

***

سرُ ڏناسري

صدا

آءُ جا لڳي پير پريان، آءُ جا لڳڙي پير پريان

1. سونهارا مون سپرين، جي اَجهو آهين مان

2. متي مونن هٿڙا، آءُ سگهر تنهن سران

3. کوڙيين پيرا ڪعبي مٿان، صدقو ساهه ڏيان.

بيت

(1)

آءُ ميرائي گهوري، اچا پير سندام

واهر سچي تيندام، اڳ وسوڙي آهيان.

(2)

ميري پسي نه متيو مون کي مون پيرن

هڪڙا ڳڻ ڳچيءَ ۾، بيا پويو هار ٻڌن

آءُ ڪيئن سندي تن، ڪلهي ڪيرت لاهيان.

(3)

جم ورچي چڏيين، پلئو پيراٿو

تهڙو نه باباٿو جهڙو اجهو پير جو.

(4)

آءُ ميرائي آهيان، پاٿيهاري پاڻ

هٿ گهڙو، سِرَ سينهين، تن ۾ تاٿو تاڻ

گوليءَ جا گماڻ، موليٰ تون معافي ڪرين.

(5)

مون پيرائي ڳجهڙي، چوئا چندن چڪ
جت آهنگ ڪٿوريءَ ايري، پاڪ نرمل پڪ
اونهان ڏيو تِڪ، اچن شاهه سڪيَا.

(6)

مون پيرائي ڳجهڙي، سدا چندن چڪ
جني سندي سڪ، هلي هنيون هنڌ تيو

(7)

هليس پير چت ڪري، پيون ڏيئي ٻن
آسائتيون "احمد" چئي، ويس ڪامل ڪن
تنهن هيڪائي هيڪ چيو ٻي مدي ناهس من
مون ڪي مون پرين، نظر ساڻ نوازيو

(8)

جي تون هينئڙا اجيو تہ وَنءُ پير نئون ٻِيءُ
ٻڪي ڏيندئي ٻاجهہ جي، جيارينديئي جيءُ
جني سندو ويءُ، مگر مور نہ پيليو

(9)

پانڌيئڙا پيرن جي، پيو پاڙي گهار
توکي نيندا پار، لنگهائي لطف سين.

(10)

پانڌيئڙا پيرن جي، پيو پاسي اور
توکي نيندا توڙ لنگهائي لطف سين.

(11)

توڙان طالب تنهنجو آءُ پڻ اهوئي
تون صاحب سوئي، جنهن ئي ٻول ٻهون ڪيا.

(12)

پانڌي وجي پير وٽ، ڪوڙين ڪرنشون ڪر
چئو آءُ آسائتو آهيان، دوست تنهنجي در
تون آڳهہ اڙين جو ولهن ڪرين
مون ڏانهن مهر ڏن، آڳا "اسماعيل" چئي

(13)

آگا "اسماعيل" چئي، مون ڏانهن مهر ڏريج
سائين صبر ڏيج، مولئي ميران پور ۾.

(14)

ميران پور جو مگڻا، ڏسين جي ڏاتار
توڙان طالبن جو صلح جو سينگار
منجهان نور نبان پکرجي پيدا ٿيو

(15)

ميران پور جا مگڻا، ڏسين جي ڏيو
سگهوئي سون کري، سينگاري سيهو
جانسين تا جيئو تان وڙهندا انهيءَ راهه تي.

(16)

پکرجي پيدا ٿيو هادي سندو حق
لاٿائين لطف سان، سندا شومن شڪ
جي رڙا هٿا رڱ، تن ولهن سان وتون ٿيون.

(17)

پکرجي پيدا ٿيو نوري منجهان نور
ظاهر تون باطن، تون هادي منجهه حضور
پرين تنهنجو پور، واسنگيو وڪ ڪٽان.

(18)

نم نوراني پير جا ڪِسڙن ۾ گلن
خوشبوءِ ڪٿوري ڪر مشڪي مينهن وسن
ميران پور مين، ڪوسو واءُ نه وارئين

(19)

نم نوراني پير جا، نمن وسي نور
قلندر شاهه ڪرم سين، ڏي پريو پريور
تهان پِرايو پور، وڻ ٻه اچن واسيا.

(20)

صبحاڻي شاهه پيئون، پويهون ميران پور رات
اُتنديئي اکين سين، پسون پير پريات
موچاري محبت سين، ڏياريندو ڏات
جنگ سونهاري ذات، تو پياري پالوٽ سين.

(21)

پيارين پالوٽ سين، ميرانپور جا مير
لاتئي اَج اکين سين، پوچ پياري پير
گهران جي کِيس، جي آسائو تي آئيا.

(22)

جي آسائو تي آئيا، پس تنئين جا پار
جن کي پت پروسو ناهه کو، تکيو توهان ڏار
سائينءَ لڳ سار، کج مهر مشتاق تي.

(23)

کجو مهر مشتاق تي، داتا دستگير
گهران جي کيس اڳي جن اوڙکيو

(24)

اڳي جن اوڙکيو هاڻي پسو سي
ساريو سواليين کي، ايو سڏ کري
وجو کين پري، ماڻک نِيهو مڱڻا.

(25)

ماڻک نِيهو مڱڻا، جهجها ميڙي جال
نوازي نيڻن سين، لاٿائين خام خيال
سائين کري سنڀال، نالائق نوازيا.

(26)

ونءُ طالب طلب پئي، کامل پاس ڳهي
جو هدايت هٿ کري، پياري پهي
ڏيکاري راهه سهي، جا پيغمبر پيدا کئي.

(27)

ونءُ طالب طلب پئي، پڪن ڏيئي پاهه
گوهر غريبن جو، "صادق" آهي شاهه
ڏيکاري سا راهه، جا پغمبر پيدا ڪئي.

(28)

پير ولايت وترو پانڌي پير ٻ_مس
ڏيکاري راهه رحمٰن جي، گوهر آڇي گس
لڌو جاجڪ جس، لئي چنتا چارٿين.

(29)

پير ولايت وترو پانڌي پير سڄاڻ
لاهي جو لطف سين، غيرن جو گماڻ
سو ڏياري ڏاڻ، جو طمع کي ترڪ ڪري.

(30)

پير منهنجو پاتشاهه، پيا ولي سڀ وزير
هلن حضرت شيخ ڏي، فوجون ڪيو فقير
ڪن عرض، "اسماعيل" چئي، هنئين منجهه اُڪير
داتا دولهه پير، تون نالائق نوازئين.

(31)

پير منهنجو پاتشاهه، جو نوڪند نمائي
فريادون فقير جون پيو عرض اونائي
آسرو مون آهي، هادي حضرت شيخ جو.

(32)

سي سيئي شيخ ٿيا، جي پنيءَ لَڪ لڳاءِ
تن مريدن متو ناهه ڪو جي وڏا شيخ سنداءِ
تون هادي هدايت جو ڪر منهنجي ڪاءِ
سي مون پلئه پاءِ، جي صبح ڪيم سڏڙا.

(33)

صبح ڪير سڏڙا، سڻ هادي سندا حق
آڏا جي اندر ڪي، سي شيخ لاهين شڪ
ڪوڙيين آن تان لڪ، ناﻻئق نوازيا.

(34)

ڪي ڪني جا ڪارڻي، ڪي پڻ ڪني سندا
اسين صوفي شاهه جا، بالله لڳ بندا
ميرا جي مندا، پير پراهي پانهنجا.

(35)

ڪي ڪنهين جا ڪارڻي، ڪي پڻ ڪنهين پر
اسان ڪي صوفي شاهه جو آهي وسيلو واهر
تَمڪن ڪي تاهس جهلو جهوڪ ڏٺين جو.

(36)

صورت پانءِ مَ شيخ ڪي، آهي معنيٰ مڙوئي
حق حقيقت جنهن ڪان، تني ثابت سيوئي
اڪيون اهوئي، پسندي پاڪ تيون.

(37)

صورت ناهي سپرين، اي تان اورانهين
پيهي پرانهين، ڏسڻ ڪنان ڏس تون.

(38)

صورت پانءِمَ شيخ ڪي، جنهن جي مثل نه مقابر
آچي راهه الله جي پيغمبراڻي پر
ونءِ دوستاڻي در، "صادق" گهٽي صدق سان.

(39)

جي ڏسين منهن مرشد جو آڻي منجهه اکين
ته پولي منجهان پين، سٺين سڏ صاحب جو

(40)

جي پيهي وجن پاڻ ۾، منجهان منجهه مرشيد
ته اکيون پسنشي عيد، اوسر چڏي اورهون.

(41)

سڻي سڏ شيخ جو، منو مَ موتاءِ
اتي ئي اگهاءِ، ته مانَ آهينئي مڱڻا.

(42)

سڻي سخن شيخ جو، وسهي تون ويهه
ته ڏاتار سندو ڏيهه، اندر تو اثبات ٿئي.

(43)

جي هينئڙا تون اچين، ته پلو اتيئي پَرِ
ويندي واٽڙين تي، تڏو پانئج تر
قلندر شاهه ڪرم سان، ڪندو نيڪ نظر
داتا سندو در، اتئي پهر اکين پر.

(44)

دولينئون دستگير ڪي، جيڪو ڪري آهه
تنهين سندي پانهن، تو چڏائي چيهن ڪان.

(45)

دليئون دستگير ڪي، جيڪو ڪري سڏ
تنهين سندا هَڏ، تو اڪاري اوڪيءَ مان.

(46)

ڳڻن ڪَهيو جندڙو اوڳڻ آهي ڪونه
جي تون ڪرين اون، ته توري پڙين نه اُن جي.

(47)

نالو سندو سڄڻين، مٺي محبوبن
نبي نور سين، آدم ڪنان اڳي هو.

صدا

هي جي آيا پانڌيئڙا پير ملا
تن جون من مرادون پنيون، اچي پيتا پاڪ ڍرا

1. پسي پڙ پيرن جا، منهنجا ننهن سين نيڻ ٺريا
2. پسي تن پيرن کي، مون تان سهجان سڏ ڪيا
3. ساري تن پيرن کي هي تان سرها سڀ ٿيا.

صدا

پيراٽي پچاران منهنجو جيءُ جياريو

1. ٿونئيين، منديـن، مگٽيـن لهي سيني سار.

صدا

ڪنديس آءُ قربان، مٿان پرينءَ جندڙو

1. توڙي ڪوٺي نہ سپرين، جي مان ڏئي نہ مان
2. گولي آهيان ان جي، ڪهڙو ڪريان شان
3. سيئي ساز سَرِ ڪري، تالن هٿان تان
4. ”صادق“ ڏسن سپرين، منهن ورائي مان.

صدا

جي مان پورهيت ڪن، پورهيت ٿي پاٽي پريان

1. سر ڪريان سينَهِين، پيون ڏيئي پنَ
2. ساهہ ڪريان صدقو، هوند گهوري مٿان تن
3. ٿوري پڙان نہ ان جي، مون ڪي جياريو جن
4. اهڙي حال هلن جي، ”صادق“ جي سڄڻ.

***

سرُ موکي

صدا

تون نہ پرندڙي مت، او آيل! تون نہ پرندڙي مت،
اي هو پيالي پرينءَ جي
1. جي سر ڏني سپجي، توءِ سهانگڙي سِٽ سَٽ.

بيت

(1)

کين سٽيان کنهين، جان پچير پاساري
مون کي سلي سجٽين، ورهہ جي وائي
اهڙا عطائي، کٽي کنهن گوڻ ٿيا.

(2)

موکيءَ سندي مٽ تي، ايئَ ڻ اِيءَ نہ آهہ
جو جتن آهي جان جو، سو سانگ سسيءَ جو لاهہ
اڄ اگهورين جيئن، مڇڻ اچيئي ساءِ
سارو چوءِ شراب جو، اگهہ اهوئي آهہ
پيئڻ کارڻ پاءِ، تون کاتي کرٽ کپار ۾.

(3)

جني وٽو کرٽ کپار ۾، تن سانگو کيو نہ ساهہ
سندي شوق شراب جي، رمي ڏنائون راهہ
پيشندي ٿي ۾ ٿيا، ٻي چڏيائون آهہ
ساقي جيئن صلاح، تي سِر ڏنائون سَٽ ۾.

(4)

پياريــن پـرت سيــن، تــن مـٽــن مـاٽ نـہ هـوءِ
وڏو ڪـوڏ ڪـلاڙ جـو تـن ڪـاتـن ڪـش نـہ ڪـوءِ
تَـڪـيَـن ۾ طـلـب جـي، هُـوڪ ڏهـاڻـي هـوءِ
واڪـو وهـي ووءِ، مـوڪـيءَ جـي مـڪـان ۾.

(5)

مـوڪـي مـٽـي مـٽ جـهـريـا، وهـائـو ويـا
لـٿـو ڪـوڏ ڪـلاڙ جـو ڪـاتـن ڪـشَ ڪـيـا
تـڪـيـا "تـمـاچـي" چـٽـي، پـسـو پـٽ پـيـا
سـامـهـان سـور ٿـيـا، مـوڪـي مـتـارن جـا.

(6)

مـوڪـي مـتـارن جـا، ويـلـي ڳـڻ ڪـري
هـي جـو مـنـڌ مـٽـن ۾، سـيـو پـيـو سـڙي
ڪوڏيا جي ڪڙي، سي "ڪٽي" چوءِ ڪٽي ويا.

(7)

مـوڪـي مـتـارن جـا، سـهـر سـاريـو ٿـي روءِ
جي تکي جا طـالـبـو تـيـان هـاڻـي هـت نـہ ڪـوءِ
پـيـاڪـن لـٿـون پـوءِ، ڪـڏي آءُ ڪـن ڪـي ڏيـان.

(8)

مـوڪـي مـتـارن جـا، ويـنـي سـهـر سـاري
چـٽـي؛ وجـهـنـديـس واٽـن تـي، هـتـهـون آءُ هـاري
"پـيـرو" چـوءِ پـاري، ويـا ويـچـارا ڳـالـهـڙي.

(9)

مـوڪـي پـٽـي مـامـري، مـتـارا مـاري
ڪـالهہ اوريـائـيـن جـن سـيـن، سـي اڄ نـہ اوتـاري
سـانـيـيـٺـڙا سـاري، پـڙهـڪـيـو پـاهـر نـڪـري.

(10)

جڏهن ڏنوءِ سپ شراب ڀر، تڏهن ڪو ڪيو تان ڪلاڙ
ڀڃي مٽ پورا ڪري، هٽ هٽي هوند هار
تہ تو اڱڻ ٻيهار، اگهوري ٿي آئيا.

(11)

موڪي مٿو نہ گهريو، وه نہ وهاتيا
سرڪي "سليمان" چئي، اتهين ٿي آتيا
جي ڳالهين ڳڳاتيا، تن جون بنيءَ ڌاري ڄنيون.

(12)

ڳالهين جي ڳڳاتيا، پس تنهين جا پار
حاضر ڪري هٽ ڀر، ڪاتياڻون ڪپار
ويندي ڪياڻون نہ وار، ڪو منهن متارن آئيو.

(13)

متارا منڌ ري، پيا سِڪ سڙن
جي وڍيس وڍ ڪري، تہ ڪين پڪ پڙن
پيا پسين، "پيرو" چئي، مٿي ڏڙ ڏڙن
پٿون ري نہ ٻڙن، ڪانهي ڪلاڙن جي.

(14)

ڪلاڙن ڪا وهي، اڄ نسري سير
موڪيءَ مٽ اپٽيو، ڪئي عاشقن اڪير
هٿا وڏائي وير، ڪو منهن متارن آئيو.

(15)

ڪلاڙن ڪا وهي، اڄ نہ سري سٽ
شيشن مٿي سون جا، هٿا چگيرا ڇِٽ
موڪي تنهنجا مٽ، هيڪاندا ٿي هلي ويا.

(16)

وسينگ ڪيڏي وير جا، آنڌائون اتور
سي ڪاڙها ڪني چاڙهيا، ڏيئي ڪنگوءَ ڪور
مٿي چوٿي چور، پسو پياڪن جي.

(17)

واسينگ ڪڏيو وير جا، آيو وير وهي
بنيءَ هيٺ باهه ڪري، پياريائين پهي
چوکي ڳالهه چئي، ماريائون متارن کي.

(18)

واسينگ ڪڏي وير جا، جوڳيءَ آندا جِت
ڪاڙها ڪني چاڙهيا، پڪي ساڻ پرت
لڏي نينهن نرت، تي موکي متارن جي.

(19)

واسينگ ڪڏي وير جا، جوڳيءَ آندا جال
ڪاڙها ڪني چاڙهيا، متي ڏيئي مال
موکيءَ سندي پال، تي ماريو متارن کي.

(20)

متارا مري ويا، موکي تون نه مرين
کهڙي ٻر ٻرين، تي ڏکي ڏاتارن ريءَ

(21)

بنيءَ هيٺ باهه ڪيو، بهون تي پاري
سرو سنباهيائين سيکه پر، دانهن ديناري
پڪن نه پاري، تي متا متارن جا.

(22)

بنيءَ هيٺ باهه ڪري، ماڳ پاريائين مچ
موکي متارن کي، ڳاڙيو ڏئي ڳچ
سرڪ تان سچ، ڪنر تو ڪوڙ لهي.

(23)

پِڪ نه ڏين ٻٽ پر، آيا جان ڪلار
سندي سر پچار، آٿيو وجهن وج پر.

(24)
نڪا باهہ ٻنيءَ جي، نڪو منيءَ ملهہ
مٿا اُت، "محمود" چئي، تورپائين نہ تل
اُنان ڪي اهل، ٻري پيار پلا پرين.
(25)
سائين نہ سري تنهنجي، ڪوڙيين پيا ڪلار
ساقي ان شراب ۾، توحيد جي تنوار
ڳڌيا ڳهوٽ هزار، جي ان پيالي ڀر ڪيا.
(26)
وڏو دور دڪان جو، هي موڪي، هو مت
پڪن پوشيدن جون ٿيون پلٽون مٿي ٻِٽ
سَري جيءَ سهت، اچڻ ڪونہ ڪڪوريا.
(27)
اڳهوري الماس جي، سرو چڪايو شاهہ
عاشق آيا آسري، جي ٻنيءَ جاءِ پيا
سا وٽ نہ قري وتيين، نڪو چيني چاءِ
ڪاسو ڪپارا، ڪوريو جهلين قطرو.
(28)
ڪوجو ڏنٿين قطرو، تنهن قيمت پڇي نہ ڪوءِ
معرفت "محمود" چئي، هٿ تنهين جي هوءِ
سرو سهانڪو توءِ، مٿي ڏني جي ملي.
(29)
ناهہ نرخ نفعي جو ٻنيءَ ڪانهي باهہ
قرب قطرو قيمتي، سرو برابر ساهہ
سِران پوءِ صلاح، ٿي موڪيءَ ڏنو منڌ جو.
(30)
جي اٿئي سڌ سرڪ جي، تہ وڃ وتيارن وٽ
سرو پشيح سب پرين، ڪري سر جي سٽ
موڪي مورمَ مت، تہ ويجهو ٿئين وصال کي.

(31)

جي اٿئي سڪ سرڪ جي، تہ ڪلارن ڏي ڪهہ
سامهان سور، "صديق" چئي، سري سندا ٿيهہ
لوچي سي لهہ، سر جن جا سٽ پر.

(32)

جي اٿئي سڪ سِرڪ جي، تہ وڃ ڪلارن ڪهي
وٽي رکي وات تي پرتان پشيج پهي
رهج سور سهي، تہ سچو ٿئين "صديق" چئي.

(33)

پيڪ پيئندي پرزا ٿيو مٿو نہ ماٽي وٽ
ساقيءَ سر نہ قبوليو چي: اي سهانگي سٽ
پان هنياٿين پٽ، ڪٺهي وٽ ڪلار جي.

(34)

موکي چوکي نہ ٿئي، ايءُ پڻ اوچي ذات
وٽيون ڏيئي وات، ٿي ماري متارن کي.

(35)

موکي مٽ اپٽيو کي ڪلارڪ ڪوڪ
مارياٿين متارن کي، جي محبتي ملوڪ
پاڻ ڏناٿون پڪ پر، هٿي هٿي وهي ٿي هوڪ
"صادق" ان سلوڪ، ڪوڙيين ڪنا ڪيترا.

(36)

موکي منجهين مٽ مان، ڪوجو ڪيف ڪديو
توري ترازوءَ سين، صورت منجهہ سچيو
ٻئيءَ جو مثل نہ جڙي، هو قطرو ڪوثر جو
مئي جو ملهہ نہ ڪو سرتان ڪاني ڪاڻ پر.

صدا

مون کي آيل اَمڙ پوءِ ماريندا ويڻ، پاڙيچيون پرين جا

1. ڏيرن ڏمر من ۾، نڪو پائي پيڻ
2. سمهان سک نه جنڊڙي، ستي ويئڙم سيڻ
3. هڏ مڙيئي حل ٿيا، مري جهڙا ميڻ

صدا

اي ووءِ ووءِ جيڏين ڏنا ميهڻا، آءُ موٽان ڪيئن ڪري
اي پهه پئڙم اي آيل وڇان ڪيچ مٽي، توٽي توٽي پنڌ پري

1. هو اڳ نه سوٽيئڙو اٿ اي ٻر ٻاپري
2. پنڌ نه پنڌن جيترو، ويتي گهاٽ گهڙي
3. جانڪي ٻڌا مون ڪيا، تان ووءِ ڏمر ڏير ڪري
4. ڏيان ڏولائون ڏونگرين سو مان هوت وري
5. چلان متي چپرين پهڻن پير ڏري
6. ڪيا اوتارا اوٺيين، لنگهي پب پري.

صدا

آرسيون اَسور جو اي هو تن اکين ڪين ڪيو

1. سورن ٻنان سپ ۾ ڏسن ڪين ٻيو
2. سي مر مرن مامري، جن ستي سات ويو
3. رتو روئيين پرينءَ ڪي، وڻ وڻ هيٺ وهو
4. غافل ٿي غفلت ۾، ٿيون ڏکيءَ ڏوه ڏيو
5. "صادق" رهيون سڪنديون، تن اهڙو پهه پيو

* * *

سرُ سسئي

صدا

سي سڄڻ الو الو لڏي لوءِ ويا، لڏي لوءِ ويا، اي ہر لڏي لوءِ ويا
سي سڄڻ الو الو لڏي لوءِ ويا، جي هوند ڏک ڏکويا ماءُ منهنجي

1. ٻاروچا ٻنيور ۾، منهنجا آڳاهان ويا
2. ڦوڙائو فقير کي، الا ڏيئي ڏير ويا
3. سورن جو سرير ۾ مون کي ٻاري مچ ويا
4. مون کي سور سرتيون، اي پڻ لکيا اڳ هٿا.

بيت

(1)

تيئن تيئن تاڙي پنڌ ۾، جيئن جيئن تپي ڏينهن
کو اگهائج نينهن، ٻانهي ٻاروچن سين.

(2)

تيئن تيئن تاڙي پنڌ ۾، جيئن جيئن پيچي رات
پوري ٻي نہ تات، جيڪا سا جتن جي.

(3)

ڪڻ پٿر پريئَ جو ماءُ وهائو وار
جيڪي ڏنوءِ ڏيج ۾، سو سڀوئي سار
وڃان ني وڻڪار، مڇڻ مونڻ نہ ٿئي.

(4)

ڪڻ پٿر پريئَ جو ماءُ مهارو جهل
ڪرلاهو ڪيچ ويا، آئي هاڙهي هل
آيل مون مَ پل، وِرهہ وائون لائيون.

(5)

ڪڻ پٽر پرينءَ جو هت نه هونداسون
جيجل جوين ڏينهڙا، ڏکيا جالياسون
آيل مٿان مون، وره واتون لائيون.

(6)

ڪڻ پٽر پرينءَ جو هت نه هونديس
پنهل کي چونديس، فريادون فراق جون.

(7)

ڪڻ پٽر پرينءَ جو چريو نٿڙم چٽ
ڪر لاهو ڪيچ ويا، ٻيو پروسو نه پت
هاڻ نه هونديس هِت، ورهه واتون لائيون.

(8)

ڪڻ پٽر پرينءَ جو چريو چت ٿيوم
هينئڙو هوت هٽي ويا، وسان ٿي ويوم
جيجان جيءُ اڙيوم، ورهه واتون لائيون.

(9)

ڪڻ پٽر پرين جو سيوٽي ساري
ڏک منهنجي ڏيل ۾ ويو ٻاروچو ٻاري
آيل مون ڌاري، ورهه واتون لائيون.

(10)

اُٿ ته ڏونگر ڏوريون، سَتيين سک نه ڪوءِ
پڇون پرهيارين کي، واڪو وڃهو پوءِ
اڱڻ آيو هوءِ مائَ ڪو پارانيو پنهونءَ جو

(11)

پارانيو پنهونءَ جو اڱڻ کي آون
مچڻ کهي ڪيچ وڃن، توڪي چڏي ڇپرين.

(12)

مون کي ڇڏيائون ڇپرين، ڇاٽي سڄاٽي
پريم جو پاٽي، سو ڪم نه آيو ڪيچئين.

(13)

ڪيچان ڪيچي آئيو، آءُ پڻ سندي ڪيچ
اڳ اڊڪي آهيان، پسي پاڳن پيچ
هيس گهڻو ستيچ، پر ننڊ نهوڙيس جيڏيون.

(14)

ڪيچان ڪيچي آئيا، اکيون ايئن ڪرين
نہ ڪو سانگ سسئيءَ جو نڪا ڳالهہ سڻين
هوت پنهون ٿا نين، پاروچا پانهون ڪيو.

(15)

ڪيچن مون سان ڪونہ ڪيو، جتن پاراتو
نالي سيس هوت جي، مَ ٿِمر باراتو
تيلاهين طعنو، ڏينندي مون ڏير ويا.

(16)

ڪيچين مون سان ڪونہ ڪيو، ڪو پهہ پوراتو
مس نيائون مان پرين، ڪو جهلي جوراتو
اديون اوراتو، هَنئِين سين هيڏو ٿيو.

(17)

ڪِر پاپو هيو پاڻ پر، ٿي اٿن اوٺارن
ڪَنَ اڙايو ڪن پر، ٿا ڳجهيون ڳالهيون ڪن
اِيءَ پهہ پاروچن، ٿي مرڻ منهنجي جو ڪيو.

(18)

اٺ سوار آئيا، مادر آءُ مئي
ڪتن اڙائي ڪيچين، سر پر ڪا ڪئي
سرتيون سچ ٿئي، هينڙو اوتان ڪٽي ويا.

(19)

پولِيءَ پاروچن جي، وڌي وڌيس ماءِ
اچي ٿي اوچتي سانگين سين ساڃاءِ
جيجان جهل مَ پاءِ، هنيون هوت هٽي ويا.

(20)

ٻاروچي ٻولي جن جي، ڪيئان لهنديين سي
سچي جوءِ ڪري، پيهي ويا چيرين.

(21)

چپر ڪنهن چيهه ويا، اونهين پنڌ اجهاڳ
ڪوهيارو ڪيچ ڏئي ويو ورائي واڳ
پسي مٺي ماڳ، رڻ ۾ رات رت ڦڙا.

(22)

پير نهاريم پرينءَ کي، هاڙهو ۽ ڳاڙهو
روئڻ ۽ راڙهو، پينر مون ڀاڳي پيو.

(23)

پينر مون ڀاڳي پيا، ڏوراپا ۽ ڏک،
هو جي سڄڻ سک، سي ونڊر جي وات ويا.

(24)

جان مون ڳهڻو نهاريا، رند روئي رائي
پيس نه پائي، آيل ٻاروچن جي.

(25)

هينئڙو هوتاڻن سين، ٻڌو ڪنهن ٻنڌاڻ
ڪا جا پيس ڪاڻ، نبيريانس نه نبري.

(26)

آن ڪا ڏني ڏوٽيا، ٻاروچي لاڏاڻ؟
ماجوٽي رهاڻ، مون سان ڪري هليا.

(27)

هيم هوتاڻن سين، ريتيين رهاڻي
پسي پنر پرينءَ جو، آءٌ ڪوري ۾ ڪاڻي
پنهون آرياڻي، چڏي هليو چپرين.

(28)

جيڏيون جيڏو ٿي ٿيو سمهڻان ساڙو
پنهونءَ سان ٻاڙو نند نبيريو جيڏيون.

(29)

ستيس ڪنهن سياڳ کي، ڏيئي اولاٽو اڪين
هاٽي هن پنيور پر ڳهمان خاطر ڪن
اديون اونيئڙن، هنئين سي هاجو ڪيو

(30)

جاڳان تان جيئن ٿيو هيس منجهه خمار
ڏسان نه ڏيرن جا ڪرها منجهه قطار
جيڪر هيم سار، ته هوتن هاجو نه ڪيو

(31)

لوڪ نهاريان نه لهان، ٻاروچاٽي ذات
جيئن جيئن ڪريان مات، هينئڙو تيئن سور چري.

(32)

ڪو ڳڻ ٻاروچن جو ستي سيريوم
ڳل وهاٽو ٻسيو، جاڳي جال رنوم
اوڏيءَ چيڪ نه ڇهيا، پٽي نه پيرون
پويون اِيءَ پيرون، جيئن نينهن نبيري هليا.

(33)

هئان مون هوت ويو هئي هئي حادثو
هيڏو قهر قلوب سين ڪڏهن ڪونه ٿيو
ڪجاڙيان ڪيچ ويا، مون تان ڪين چيو
پاٽيهي پهه پيو، رضا راٽا سپرين.

(34)

ڳوندر هن غريب تان، لڇڻ نه لاهين
مون کي جوش جتن جا، تا پر پر پچائين
لڇون جي لاهين، سيئي سور سَمهان ٿيا.

(35)

ڏک پريان جو ڏيل پر، ويران وير اَجهل
سورن پريو پل، جيئن ونڊيان تيئن وترو.

(36)

ڏکوئي ڪانہ لهان، پري پٽان سور
سرهين جي حضور، پار نہ ڪٺان پرينءَ جو

(37)

ڏکي ڏکَ متي ڪري، وانءَ چپر ۾ پيهي
مانَ ڳلجن ڏيهي، جي سوڏيون ڏينئي خبرون

(38)

سوڏيون سپرين جون، واڪا نہ وائي
پينر پريم جندڙو، سورن ساماڻي
ورلئي واجهائي، ماءُ مرنديس ڪلهين

(39)

سوڏي سپيرين جي، خبر ناهہ ڪري
سورن سانگهيڙا ڪيا، ولين جيئن وري
رائي منجهہ رڙي، ماءُ مرنديس ڪلهين

(40)

پيس ڏاڍي ڏونگرين، پينر پڙان پاڳ
ٻاروچا ٻانيڻ سين لاهي ويا لاڳ
وڏي ڪنهن سياڳ، اڻ پسنديس اُن جا.

(41)

ڇَڪيَس چور مَ ڪرهو، منيس جهل مَ مهار
ساجن توهان ڏان، ڏئم ڏينهن قيام جو

(42)

وجيو روئي رت ڦڙا، ڪائي ڪيرن هيٺ
مون ڪا تيندي ڏيٺ، پيهر ٻاروچن سين؟

(43)

سوريتي سورن ڪي، اَپي ڪري سڌ
سورن پچس هڏ، تہ پڻ سِڪي سور سين

(44)

آهـ نـ سـجـي سـور جـي، نـكـا ڏک، پـچـار
ڪانهي تن تنوار، نينهن نماٽيون جي ڪيون.

(45)

گهيڙ گـهـمـنـدي جـي ڏنـيـون، پـنـهـون پـيـرڙيـون
سـي مـون وائـڙيـون، نـت نـهـارڻ پـيـئـيـون.

(46)

هـيـنـئـڙا مـاڳ مـيـن جـا، وانءِ وجـي وانـئـث
چـمـي آءِ چـانـئـث، جـا پـريـن لائـي پـيـر سـان.

(47)

هـلـو هـلـو جـيـڏيـون، پـسـو لال لـئـو
اديـون آريـاڻـيءِ جـو سـچ ڪ سـاٿ ڳـيـو
هيـنـئـڙو جـن هـنـيـو سي جـت نـ پسـان جـوءِ ۾.

(48)

جـت نـ پـسـان بـجـوءِ ۾، اوتـارا اهـيـئـي
اڪـڙيـون سـوئـي، مـاڳ نـهـاري مـوٽـيـون.

(49)

هـلـو نـهـاريـون هـوت جـون، پـيـنـر اوطـاقـون
سـڪـيـون نـ سـيـڻـن جـون، مـاڳـن تـان مـاڪـون
نسوريائـي نـائـڪـون، سـجي هـلـيـر سـور جـون.

(50)

مـڙو مـنـهـنـجـي نـجـهـري، اڄـو ڪـٽـي آرت
ان ڪـي سـلان جـيـڏيـون، گـهـاءَ انـدر جـي گـهـت
ڦـوڙائـي جـا ڦـت، ڪـڙيـون ڪـن نـ مـورهـيـن.

(51)

چـاڪ مـنـهـنـجـا چـوريـا، پـاڙيـچـيـن روئـي
مون سين سـور سـوئـي، جـو نـ جـيـاري جـيـڏيـون.

(52)

ڪرهـا ۽ اوٺـي، آن ڪـي لـڪـي ڏِٺ
مون سيڻ هٿا اٿ، تو پاند پڄي نہ جهليا.

(53)

پرهہ پاند پنهونءَ جو لڪي چوءِ لڳوم
ڏکويم ڏنوم، توهٿون گهٽو سپرين.

(54)

چڏيم هيج هلڻ جي، چاڙهيڪا چڪيام
آرياڻيءَ جي آسري، ڏونگر ڏينهن لڳام
موتيج پرين سندام، وڃِي س وڪ نہ اپڙي.

(55)

لتاڙيندي لڪيون، ماڳهين آءُ منياس
بازن ڪاج ٿياس، سڳهو موتيج سپرين.

(56)

تون آساري اوجهرين، هوتن هلڻ وار
چوري رکيج چت ۾، پريان جي پچار
ڏيئي سور سنيار، مچڻ وڃنئي سنجري.

(57)

تون اساري اوجهرين، هوتن هلڻ من
آرس اکڙين ۾، ڪاٿياريون ڪيئن ڪن
جن وتان هوت وڃن، سَڌَ تن ڪي سور جي.

(58)

تون آساري اوجهرين، هوتن هالاڻو
ڪميڻي ڪيچين ري، ڪيئن تو سڪ سيباڻو
ڏيئي پڳ پاڻو، مچڻ سيڻ وڃنئي سنجري.

(59)

جنـي ديڪيو دل سين، پنيءَ سي پيون
نہ پڻ ٿي ويون، جي پنهون پاڻ لڪائيو

(60)

مون جيئن هوت اکين سين، ڏنان جي ٻروچ
ته مون کي ڇيان لوچ، آئين پڻ چليون ڇپرين.

(61)

آن جي ڏني جيڏيون، پنهونءَ جي پاپوهه
ته اندر اوراڇو کري، هوند رئان منجهان روح
سنجهي جي صبوح، هوند نه ويان وسري.

(63)

مڙيئي مون کي نه کر هو آءُ جا هيرئين هوت
داغ دارونءَ سين نه لهي، ڏنا جي بلوچ
هاڙهي سندا هوت، ڦهن کيئن فقير کي.

(63)

واري جا واٽن جي، سا جي ٿيان پون
ته کيچي مٺان مون، اچن قطارون کاهيو.

(64)

جني مون سين گهاريو، تن سورن کي شاباس
هيڪڙا وهيا پرينءَ سين، ٻيا رهيا مون پاس
ماڳهين هوند مياس، پر ويچارن وس کيو.

(65)

کيچ اڳاهون پنڌڙو، ڏوئين چيس ڏور
پاٽان پسي پور، وک وڌايائين وتري.

(66)

اسان نماڻين جي، کهڙي پڇين ذات
ڏينهن سجوئي رات، مٺي کلهن اوئيون.

(67)

اڄان آهير هيڪڙو، ڏونگر توتي ڏک
منهنجو پکو سک، تون ڇپر ڇوتا نه ٿيين.

(68)

ڏينهن تتي ڏونگر ۾، اوچنگارون اچن
پچيو پاڙي وارين، اِيءَ ٻري چوري کن
مٿي مٿي لمن، سچاتائين سرٽيون.

(69)

ٻرلڪن تي لمندي، ڪارا ڏنائين ڪانگ،
پانئي ڪِ پڪا ٻرين جا، تان وتن ٿا وراڳ
سپيريان جي سانگ، مادر مون ڪي ماريو.

(70)

پانئي ڪِ پڪا ٻرينءَ جا، ڏونگر ڏٺائين
واڪا ڪيو ويڙين ۾، ٻهي ٿي پڇيائين
سڌ جي ڪيائين، مرون ماريائين ان سين.

(71)

آئين جي ورن واريون، وجهو سڀ وري
آرياڻي ٻنهونءَ جي، ٿي سجي ڳالهه ڳري
ٻنييان جن ٻري، ڏونگر سي ڏورينديون.

(72)

آئين جي ورن واريون، وجهو سڀ موٽي
ڪانهه هلندي ڪيچ ڏي، مون ڪرهو م ڪوٽي
ڪديم ڪا چوٽي، وڏم جوڳ جتن لئي.

(73)

مون سين ڪا م نڪري، سرتيون آڏي سچ
ٻاڻي ناهه ٻنڌ گهڻو رڻ، رائو ۽ رڄ
متان مري اڄ، ڪا ڏئي ٻاراتو ٻرينءَ ڪي.

(74)

ڪلهي ڦاٽو ڪنجرو، جهنگن جهوتون ڏي
ڳالهه ڳرهيائين جن سين، سور ٻريائين سي
ويچاري هاڙهي، گهڻو ڏکوئي سسئي.

(75)

ڪلهن ڦاٽو ڪنجرو، ڏڪوين اهڃاڻ
پٽن ڳونڊر ڳڏيون، لوڪ نہ آڇن پاڻ
پاروچاڻو پاڻ، جنهن لڳو تن لڪيو

(76)

ڪلهن ڦاٽو ڪنجرو منو اڳهاڙو
ساجهر "سليمان" چئي، هوت لنگهيو هاڙهو
ڏوهڻ سين ڏاڙو جتن جيڏو ئي ڪيو

(77)

ڪوڏ ڪوهياري ڪنجرو، اچا رات رتوم
پينر پچايوم، صبحاڻي ئي سورن سين

(78)

ايي اوسڙ اس ۾، منڌ مَر مَنهہ ويهہ
تو سيئي سيڻ ڪيا، ڏور جنين جو ڏيهہ
تون نماڻي ننڍون ڪرين، پتيءَ پنڌ اچيهہ
پاڙي پاڙي پيهہ، وٺ پچندي پهيڙا.

(79)

پڇو نہ ابهو پينر پنيورا
اڳي هن ماڳيا، سرتيون سور پراڻيا.

(80)

پنيور ئي پن ڏيان، ڳهہ ڪٽڻ ڪڏ ڪپاهہ
ساجن منهنجو ساهہ، هاچي منجهہ هٽي ويو

(81)

ڳهوريان سڪ پنيورجا، مر لڪن جي لوڏ
امڙ توجي آڇيا، سي ڪر نہ آيم ڪوڏ
هنيين منهنجي هوڏ، پڏي پاروچن سين

(82)

پنهنيءَ هوت نہ هليو، پليو سڀ پنهور
شهر سڄاتو ڪينڪي، هو آريائي اَتور
ماڻيو تني مون، ڏيکيو جن دل سين.

(83)

وِلاڙي وڻ چڙهي، ڪيسن جو ڏنائين
موت مارياٿين، پاڻ تنهن جي پٽ ۾.

(84)

وڙهہ روحاني سسئي، مري جيءَ معذور
قدم قريبن جو هيڪڙو سيئن چونڊي ۾ چور
سرتيون مون ڪي سور، پرين گڏجي پوءِ ٿيا.

(85)

مچڻ چچڻين سسئي، هاڙهي جو پروچ
اوٺين ڪنان اڳاهون، جيڪي چونس هوت
پهرين ڪندئي موت، پوءِ پارسندا پريتڻو

(86)

ساڻ محبت قطري، پارسندم ٻري
الا قت فراق جا، ڪندئي چاڪ چري
جت آهين جوءِ ۾، گهارين تان نہ گهڙي
وڃ منڌ مري، جتن ساڻ جيئري.

(87)

نہ ڪا ساڃاءِ سونهن ۾، مچڻ ٿيو موت
سري ڪاتي قتل ٿيو هاڃي هنئي هوت
نہ ڪو پنهونءَ پوت، نہ ڪو سڌ سسئيءَ جو.

(88)

سڌ نہ سپرين جي، هاڙهي منڌ مري
پسڻ لاءِ پرينءَ جي، اکيون آب پري
سسئي تان سري، پرواه ناه پنهونءَ کي.

(89)

سسئي سين سرواٽن ڪٿي، جتن اي زاري
ان بريت پروڙيو ڪينڪي، ہانيڻ ٿي ہاري
ووءِ ووءِ ڪيو وسائي ٿي، واٽن سر واري
ڪانَ لڳس ڪاري، سيڻن جا "صديق" چئي.

(90)

منڌا! جتيندا ڪيترو، جي هلان هلان ڪن
اوٺي انھيءَ ہار جون پنڌ پچارون ڪن
سسئي کي "صديق" چئي، جاڳايو جتن
پينر مانَ پِرن، هن سوريتيءَ جا سپرين.

(91)

مون جهليندي نه رهيا، اوٺي اُبھارا
جت هليا بجوءِ ڏي، ساجھر سوارا
ميا ٿير مارا، جي ڪير سيڻ، "صديق" چئي.

(92)

نه ڪي سيڻ سسئيءَ جا، نه سا سسئي پاڻ
رويو ڪري رهاڻ، ساڻ گڏجيو، "صديق" چئي.

(93)

ساڻ گڏجي سجڻين، تيس ڏوهياري هاڻ
سي سجاتم "صديق" چئي، جي ويا لڪائي پاڻ
جِت نه چاڻي چاڻ، اُت ٿيو پسڻ پرين جو

(94)

پسڻ وجايم پانھنجو هلي منجهه هوءِ
اِيءَ پر ڪوهيارل جي، اپر ٿيو اوءِ
سجڻ رويروءِ، منهن مقابل نه ٿئي.

(95)

مرڻ مڙ مَر مون ڪنان، ٿي اجل آڳاهون
سسئي جي سڪرات پر ٿي دل ڪري دانھون
ٿيءَ مَر آڳاهون، ساڻ آهين سپرين.

(96)

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ
ته نڪو ڏونگر ڏيهه ۾، لئي ڪيچين ڪاڻ
پنهون ئيس پاڻ، سسئي مون سور هئا.

(97)

پنهون چوندي ڪن ڪي، نه سا سسئي سور
محبت جو مذڪور، مڙيئي معنيٰ تيو

(98)

پوءِ به نه سڃي سسئي، نڪا اڳ هئي
اول آخر نه جڙي، سا ڪيئن هاڻ مئي
سگهر منجهه سئي، سو پڻ هئڻ هئس هوت جو

(99)

ويا قوڙائي سپرين، ڏنم جي هيڪار
انهن لاءِ پيهار ٿي ڏيان وڙولون ويڙين ۾.

(100)

هائي تن هوتن ري، ڏوريان ڪونه ڏک
هو جو سڃي سڪ، سو ويچاريءَ وڃائيو

(101)

ڪڙهيو ڪڙهي پرين ڪي، رڻ رمي ۽ روءِ
سسئي سانگ نه ڪوءِ، ڏير ڏوراڻا هليا.

(102)

ڏير ڏوراڻا هليا، پاجائي نه پانئي
واريسنديس ور ڪي پنهون پرچائي
ڪيچين لئي ڪاهي، سسئي ڏينديس صدقو

(103)

ڏسڻ جو ڏيرن جو پسڻ پاراتو
اديون اوراتو پرينءَ گڏجي جو ٿيو

(104)

ڪين سڄاتم سپرين، ڏٺم جان ڏير
اوني گهڻو اڪابر هئا، شان وڏي سان شير
منهنجا چپن چنا پير، هو هاجي هيروان.

(105)

ڏک ڪريان نہ ڏيرن تي، پاڻا بيپرواهہ
سِنڌيڪي ساٿ ۾، ڪن نہ ڪوهيارا
ماريو وڃن ماءُ، پاروچيءَ پوليءَ سين.

(106)

سورن جي سٽي وڃهي، ويس ڏيرڏهي
آلا ڦٽ فراق جا، سگهي ڪين سهي
هوتن جا هنئي، سا وڃڻان ويئي سسئي.

(107)

پاڙج تون پاڻ ۾، ورهہ جي وائي
سيڻ تنهنجا سسئي ويا سپت سمائي
جيئڻ جيڏا ئي، مرڻا مڙج ڪينڪي.

(108)

پاڙج تون پرين سين، ڪري ڏڪن ڏور
هنيون وجهہ مَ هور، تہ ساڻ ڳلجين سڄڻين.

(109)

نہ ڪو سياتو سسئي، نہ ڪو مٽ سندوءِ
چڏ لاڳاپا لوڪ جا، اِيءَ قرب ڪوءِ ڪندوءِ
ڪهہ ڏکين ڏيل وڏوءِ، ان سورن گهڻيون سجهائيون.

(110)

ڪهل نہ پوءِ ڪيچئين، سسئي وڏو ست
ٿيو زوراور جت، روئڻ راهيو ڪينڪي.

(111)

پنڌر وڃهي مَ ڳڀالهڙي، رڙي ءَ روءِ
پنهون سور سندوءِ، سک سلايان ڪن ڪي.

(112)

سنجهي ويس سپرين، ٿي پرهه ڪٺي پير
هي هي هڻي هنڙا، آئي آڏيءَ وير
ڏکي ۽ ڏيس پرچي ويا نه پاڻ ۾.

(113)

اڪيون لڙڪ لڙاتيون، منهن ۾ ڪلوڪِل
سورن سَهِ لموشَهِ لِ، مون کي مون پرين جا.

(114)

سي ويري نه واهرو جي مون پانيا مٽ
پاڻا پاڙهي هليا، سندي سورن سِٽ
تهڙو نه پِني پٽ، جهڙو حشر هوت جو.

(115)

هنگامون ۽ هل ٿيو ڪيو جتن زور
اٺ اولاڻي آئيا، پولي پيو پنيور
غافل سندو غور، ڪيچين ڪلهين ڪونه ڪيو.

(116)

نهاربندي ناهه ٿي، پسي پار پريان
هاڻي ڪيئن ڪريان، ڪوهيارو ڪِٽِ ليي.

(117)

ڏک سک چڏي سسئي، ڪهين تيڏانهن ڪاهه
پري لنگهج پاڻ ڪان، وج ته ٿئي واهه
سسئيءَ جي صلاح، ان پر پوءِ ابهين.

(118)

اوٺي اٺانگا گهٹو ويل نه رهيا ويهي
مون پانيا ڏيهي، تان ماءُ مسافر سپرين.

(119)

اوٺي اٺانگا گهٹو دم نه دميائون
مون کي چيائون، ته ويلو ڪج مَ وچ ۾.

(120)

سڪن پٿو مَ سسئي، هلئيا وڃن هوءِ
پنهون ڪنان پوءِ، متان پوين مامري.

(121)

ساٿ نہ ويندا سپرين، مون پانيو مون ساڻ
مادر هئا مهماڻ، مون ويسليءَ وڃائيا.

(122)

ڏسي مون ڏک، ٿيا، ويا ڦوڙائي
مادر هن مين ڏي، ڪيچ ويندس ڪاهي
اڃان سين آهي، سنڌڪو انهيءَ ساٿ جو

(123)

ڏسنديئي ڏک ٿيا، ذات اٺانگي جيئن
پرٽياٽي پنهون کي، نيئي نباهي نينهن
ڏوھ منهنجي ڏينهن، ڪِي ٻَلي ڪاڻ مٿي سين.

(124)

ڏسنديئي ڏور ٿيا، سڃاتي نہ سري
اھڙا صاحب سپرين، گڏيا ڪيئن ڪري
نہ ڪي منڌ مري، جيئڻ جنهن وڃائيو

(125)

ڪنهن پر ملي سسئي، آرياڻي آڄهوءِ
اٺ نہ اوٺي گڏ ٿيا، وڃن وٽِ وڃهيوءِ
اھڙو ساٿ سجهيوءِ، تہ ستئين ڪوھ سک ٿي.

(126)

موٽڻ ٿيس ميهڻو اڄڻ ڪي آئي
سسئي واڄهائي، وڏي ڀاڄهہ ڀروچ ڪي.

(127)

ڪيچي کهڙا ڪينڪين، مري ٿيءَ معذور
ڏسڻ گهر ڏور، نہ تہ ساڻ آهينئي سپرين.

(128)

پاڻ نہ ڏورين سپرين، مون سين ڪن مذڪور
سرتين ٿيٺڙا سور، جي سڄاتائون سپرين.

(129)

پاڻ پوڄاريون جيڏيون، پريان ڪن نہ پروڙ
جتن لاءِ ضرور، ڪنڻ آيم ڏينهڙا.

(130)

ساهيڙين ڪي سور جي، سڌ چوندو ڪير
پري ڪٽن نہ پير، واڳيون آهن ور سان.

(131)

سڌ منهنجي سور جي، اديون ڪان آن ڪي؟
قائم ٿي ڪبجي ويا، ماريائون مان ڪي
چپرا تون چا ڪي، ڏڪوئيين ڏکيون.

(132)

ڪيچ اٿيئي ڪونہ ڪو چڏي وچ چپر
صنعت پانہ مَ سپرين، اِيءَ ٿيڏي آهہ ٽڪر
انهون پري ہر سيٽن ڏانهن "صديق" چئي.

(133)

پري پسڻ پرينءَ جو اوڏو قوڙائو
ڏک وسائڻ ڏيل ۾، سرتيون سڄائو
اديون اجائو وهڻ مون وِهہ ٿيو

(134)

پهچان تان نہ پنڌ ڪري، وهڻ مون نہ وس
ڏوريم گهٽي ڏک سان، تان ڏونڪر ڏٺي نہ ڏس
مان چونم جس، مٽي پڄاڻان سپرين.

(135)

چڙهي ڏاڍين ڏونڪرين، اچان ڏينديس جهوت
مان چونم هوت، تہ مٽي انهيءَ مامري.

(136)

پار اور نہ پنڌ ڪي، بجڪس منڌ اچاڻ
”صادق“ سڌڻ ساڻ، سسئيءَ ساهہ وڃائيو

(137)

پار اهوئي پرينءَ جو وٽي نہ ووڙي
ڏونگر ٿي ڏوري، سسئيءَ ساهہ وڃائيو

(138)

پاڻ وڃايو پنڌ ۾، روئي رت نارين
ڏاڍا ڏونگر ڏيهہ ۾، پنهون جي پارين
اديون اوٺارين، هنئين سان هاڃو ڪيو

(139)

پاڻ وڃائي پنڌ ۾، هاڻي ڪا هلي
”صادق“ان سسئيءَ ڪي، ويا سور سَلي
پينر پاڳ پلي، ماڻ ملان اوٺين

(140)

پاڻ وڃايم پنڌ ۾، تان چپر چيهہ نہ ڪوءِ
پارانيو پنهون ڪي، ڪوچڪيءَ جو چوءِ
تہ رڻ اُپي روءِ، آريا لاءِ انسن جي

(141)

پاڻ وڃايم پنڌ ۾، ٿيس سورن ساڻ
پنهون اچي پاڻ، ڏوري ڏِس ڏکيون

(142)

مون مٿي مٺي سپرين، مونجهہ تون پروچ
لڇڻ ۾ لوچ، ورهہ ويچاريءَ نہ لهي

(143)

جيٺري جدا ڪين ڪين، مٺي بہ تنهين ساڻ
پنهون ٿيس پاڻ، ڏوريان ڏوريان نہ لهان

(144)

جيئري جدا ڪينڪين، مٺي ٻه تنهين ڳڏ
سپني ۾ "صديق" چئي، ستي ڪري سڏ
اوڏي ڪريو اڏ، پاسي ڪريو نه پرينئان.

(145)

ڏکي ڏورج ڏونگرين، وڃي واجهائيج
سسئي ساهه سڄيج، هٿ ڪري هوت ڪي.

(146)

آءُ ئي پچان ڏوٿيا! آهين ڪِ ناهين
مون ڪي ئا لاهين، پر ۾ پور پرين جا.

(147)

ڏوٿين چيس ڏيهه، خبر ڪا ڪري
سسيئا تو سري، مرندي منڊ وات ۾.

(148)

جڏهن ويا ئي سنبهي، ويلي توهي وٽ
ڪا توهي ۾ ڳهت، جيئن مٺيين نه انهيءَ ماڳ تي.

(149)

نالو ڪٺي سسئي، لڄايئي سيڻ
ورهه ڪرين ويڻ، ماڳ نه مري ان ڪي.

(150)

اندر منهنجو ان ڪي، اجهاميو پري
پسان، تان پري، اوڏا آهن سپرين.

(151)

ٻاروچاڻي ذات جا سنمر جي سور
مادرا سي مذڪور، آءُ ڪيئن اوريان عام سان.

(152)

جاهڪل ڪيم هوت ڪي، چاڙهيڪن جڙهي
تنهن لڪ سيئي لهسيا، ويو سات سڙي
واڪو ناهه وٺي، ٻاروچاڻيءَ ذات جو

(153)

چوٽيون چاڙهيڪن جون، روڏن هنيون رات
ٽي ڀاهڻ وڃهان وات، آءُ پيادي ٻٽيين.

(154)

چاڙيهڪن ڇور ڪي، ڀنڌن آءُ نہ ڀني
رندن منجهہ رني، سسئي سور اپٽيا.

(155)

ڀڄان ڏونگر چوٽيون، جيڪر ڪريان چينهن
پرهوت چوندم هينئن، تہ ڀڏر وڏئي ڀريتڻون.

(156)

ڏيئي مران ڏونگرين، ايجان هوند الير
ڀر چڀن چنم ڀيس رهيم واڪ وڃڻ جي.

(157)

جيئري ان جتن سين، هيس جي آئون
تہ ڏيئي ڏورائون، هوند سات ورايم سرتيون.

(158)

مارڳ مٺي سسئيءَ چوٽين تي چڙهي
لوري تان نہ ڀڙي، جو اصل رکيو اوٺين.

(159)

منڌ مري ڏونگرين، ويئي ويچاري
تن اندر تاري هيس، هوت ڀنهون جي.

(160)

جي منڌ مٺي ڏونگرين، لڳي سان لڪن
تہ سونهي هوند ڪکن، ڀٽر ڀاروچن جي.

(161)

ڀائان وڃي نہ ڪيو سسئي سياڪو
تيلانهن اولاڪو آيس ڪيچ ڏٺين جو

(162)

سيڻي سور ساريندي، ڏٺو جن هيڪار
انهين جي تنوار، ڏڪوئي ڏونگرين.

(163)

ميَن مٿي مامرا، توجيئن ڪونہ ڪري
آري اڪنديں تي، آءُ تون پير پري
ٻنييئان جن ٻري، گهڻو پڇجي انهن کي.

(164)

سندا ڏک، ڏکين، جي پنهون ڏسين پاڻ
تہ سسئي نيين ساڻ، هوند نہ ڇڏين ڇپرين.

(165)

هڪ ڦوڙائو سڄڻين، ٻيو تپي ڏونگر
آڏو آريچن کي، ٻاري ٿئي ٻر
ڪيچين لاءِ ڪر، اپاڙيو آهون ڪري.

(166)

ڏيرن جا ڏيل ۾ سنهان پون سراٽ
ڳَن ڏيان ڪيچين کي، تان وينا گهڙين گهاٽ
ٻورا لڳم پاٽ، تہ پنهون نيندا پاڻ سين.

(167)

سيڻن هٿ سائي، وڃائي ويئي
ڪري ٻرڏيهي، ڏيهين ڏڪوئي گهڻو.

(168)

منڌ ڪرڪي پيئي، ڏيرن ڏڪوئي
رَتائين روئي، ٻهڻ مڙيئي ٻٻ جا.

(169)

سکن پاپالين سرتيون، حال پاپائي ناهي
ڪڏي تن مَر ڏي، سپريان جي ڳالهڙي.

(170)

سلين سور پرين جا، اِيءَ پڻ ڪچائي
ٿوڪي ٿيلاهي، ڏيندا ڏير ڏکن سين.

(171)

سهنجيون سپرين سين ڪن، جي آهنجيون ڪن اوءِ
متان "صادق" پوءِ رکن حرف حساب جو

(172)

ڪره قطاري هليا، وطن تي واري
اوءِ نه اوتاري، تازا پير پٽئين.

(173)

نه سي وڳ وٽ ۾، اٺ نه اوٺاري
هينئڙو بيڪاري، جيجان تن جتن لئي.

(174)

ٿهڙا نه سجاتر سپرين، جهڙا هوت هٿا
تيلان مون پيا، روئي سَرَ اکين ۾.

(175)

ڏونگر ڏکويس ڪينڪين، پنهونءَ ڏکويس پاڻ
پهرين گڏي ساڻ، پوءِ ڇلائي ويم ڇپرين.

(176)

ٻاجهائي ٻانهيءَ تي، پرين موٽيا نه پوءِ
سورن گڏي روءِ، ٿي آهون اوٺين لاءِ ڪري.

(177)

سچيون راتيون سسئي، جيلان نه جاڳي
تيلان نيناڳي، ڪري ڪيچي هليا.

(178)

جاڻي ڇڏي هليا، هيس جڏ نه سجاڳ
تيلان ٿيو نياڳ، هن منهنجي حال تي.

(179)

مون وٽي ئي ويا، ستي پانيو هوت
هيس نہ پنهونءَ پوت، تيڻن نہ جهليا جيڏيون.

(180)

اوٺي اُڀهارا ٿيا، ڪا پروڙي مامَ
ڪرهن هٿي ڪامَ، مون جاڳائي هليا.

(181)

سسئي سياڪو ڪج مَ ڪيچين ساڻ
لڪائيندا پاڻ، تہ چلائيندا چپرين.

(182)

ساڙين اَ سونهين ڪي، جتن جا جولان
اِيءَ گوليا چڏ گمان، جي پائين مٽ منهنجا.

(183)

پيو سپ سڪياٽيون سرتيون، مون ڏنائون ڏک
سي سيبئي پانئي سک، مون مٿي تي مچيا.

(184)

پيون چنيون روئن سرتيون، آءُ ڳنديجو روئان ماءُ
ڪمتر لهي ڪاءِ، سڌ انهيءَ سور جي.

(185)

ٿورا ڪري ٿڪيون، ڏونگر جيئن ڏايو
تيئن وڏي مون ڪايو جيئن چني پيرچپن سين.

(186)

ڪران ڏونگر چوٽيين، مران جي ٻجهران
پينر تان نہ پران، جي ٻجوتا ٿيان چپرين.

(187)

پرين پڙاڏا ڪريين، توٽي ڏيين الير
تہ ڪوهہ جاٿان ڪن جي، تون ڪميٽي ڪير
اَن پرانهان پيس تون اوري ئي آهون ڪريين.

(188)

جت سسئي سڌاريو تت ڏوٽي ڏس نہ ڏين
اُت نيهن نماڻي کي نين، پارانيا پنهونءَ جا.

(189)

مٿي جت معذور، اُت ڏوٽين کهڙو ڏس
پهريائين وڃائي وس، پوءِ ٿي ڏوري ڏونگرين.

(190)

جو ڏيهہ ڏوٽين ڏوريو، اُت پيري نہ پير
تتي ڏينهن نہ رات کا، نکا پٽي ميرَ
هنئين اُتهين هيس، لائِي باروچن سين.

(191)

چڏي هلير چپرين، هڪ اڳهين اَسونهين
تيئن دل اندر دونهين، پريم باروچن جي.

(192)

هڪ جبل گهٽو جهاجهہ، بيو اچا ڏونگر لَڪ
تيو مٿان شڪ، تہ پانير اوٺي اهيئي.

(193)

هوند نہ پيس مامري، جي امڙ نہ جائي
جيئن تو سامائي، آءٌ چلي پيس چپرين.

(194)

ڏوريان گهٽو ڏونگرين، جيڪر کريان وس
پرامڙ منهنجا گس، جهوري واءُ جهونا ڪيا.

(195)

هڪ جبل جاڏا اُپريا، پيو جهنگل پوءِ جَ بهڪ
اڃن اٺ سونهين کي، شرڪ گهٽائي شڪ
سي لنگهائيين لڪ، ڪنهن سبب سان "صديق" چئي.

(196)

اکيون اوجاڳا، وجي وِهائي آئيون
ڏسي نہ ڏائيون، منجهان پسڻ پرين جي.

(197)

اکيون نہ پسن پرين کي، سي اوڏائي ڏور
ٻَريون پٽن سور، معذوريون ملڪ ۾.

(198)

پٺي ۾ پروان ٿي، پنوه ڪٺو پار
جنهي وڇڙيا يار، روئنديون سي رت ڦڙا.

صدا

روئي لاتو مون، روئي لاتو مون، اي جان جان ڏک نہ ڏونگرين
1. اچان پاهڻ پري ٿيا، تان ڏاڍڙي لڳيس پون
2. هنجهن ڪٺي هَري ڪٺي، الا ڪيچان اوري پون
3. ڪميٽي ڪيچين ڪي، الا رب ميڙيندا مون
4. سندو جيٺڻ آسرو، الا متان لاتو مون.

صدا

پيچ ساٿي ٻنڌ سندرو، ڪندي جان ڪهون، اي پيچ ساٿي ٻنڌ سندرو
1. ڏونگر ڏينهن ڏجهارا، جتي پاپ پهون
2. ڪوڙيين ميون ڪيتريون، الا واڪي اُت وهون.

صدا

ادا هيٺي ڏونگر مون سين ڪر مَ هيٺن،
مون سين ڪر مَ هيٺن، آءٌ جا نماڻي ڪي نينهن
1. لڪون لڳن ڪوسيون، ڏاڍا تپن ڏينهن
2. پير نہ چڏيان پرين جو، آءٌ ساهہ ورندي سيڻن.

صدا

مون سين مونڻ جي مَ چوو، اي آيل
1. هلان هاڙهي سامهون، ويهان تان نہ پنيور
2. اي آيل سڳر لڳي، آءٌ تاڻي رسان تور.

صدا

تون جو وجي ڪيچ ڪهي، هو ادا ڏيج پارانيو پرينءَ ڪي
1. آءٌ ڦوڙائي ماري، ٻر سڳهان ڪين سهي
2. ڪر ڳر ڪجيءَ تند جيئن، سڳهي ڪين سهي
3. ٻچڪيءَ مٺان ڪيترا ويٺڙا ڪانگ لئي

صدا

ڏوريندي آءٌ ماڻ ملان، آيل پاروچن ڪي
1. پاٽي ڪٿان نہ پاڻ سين، مون ڪي سمر سور گهٽا
2. سورن ٻڌيو سندرو، آءٌ مٿي راهہ رڙهان

صدا

ادا پنوهار پرين منهنجا، اي ڪي ڳڏيئي ڪوهيارا پاروچا
1. گهٽو اڄڻ چڏيا مون ٻهر پنيوران

صدا

مون ڪي آيل آيل مَ موتاءِ، آءٌ ماءَ تہ ماڳهين مران، اي آءٌ پرين پڄاڻان
1. هينئڙي ۾ هوتن جي ڳالهہ ورتي ڪاءِ
2. آءٌ تي ڏونڪر ڏوريان، سپيريان جي ساءِ
3. سپيريان جي سور جا چڪيا چاڪ منجهاءِ
4. آيل اهڙي اڪرين نيڻن ننڊ ڪياءِ

صدا

مون ڪي آيل پاءِ مَ جهل، آءٌ هلي ملان هوت ڪي
1. پرينءَ جي پسڻ جي هينئڙي هلو هل
2. ڏونڪريا ڏيهہ ويا، سورن ڏيئي سل

صدا

مون ڪي ورونهن ويرو تار ويرو تار، او هينئڙي منجهہ هوتن جي
1. جهڙي صورت سج ڪي، منهنجي پرينءَ تهڙا پار
2. جهڙي سڪ سڄڻ جي، او تهڙي تان ترار

صدا

ٻوري امڙ ماءُ منهنجي مون جيئن، ڏک نہ ڪيئي ڪيئي
لهہ لايو نيٽن نيئي، آءُ جا ويندڙي سنئين سنئين

1.هينئڙو واريءَ مٺ، جيئن ڪر ڪريو ڪيئن ڪيئن
2.هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جيئن روئي رتم ڪيئن ڪيئن

صدا

ٽڪر ماءُ ٻير تر ٽيا، سا منڌ ڪنگوءَ ڪور

1.چپر ڪٽوري ٽيس ڪر تازڙي ڦلن ڦور
2.اچن ٻرهہ ٻتنگيا، ڪريا منهڙا ۽ مور

صدا

ڪر نہ هٿڙا هوت، ماءُ منهنجي نجهري
ڪنڙي ٻاروچن هاءِ هاءِ هاجو ڪيو هوتن

1.ماءُ منهنجي من سين، مون ڪي سمهڻ سور نہ ڏين
2مون وٽان هاڻ ويو، ڪاتي تان ڪٽن.

صدا

مون ڪي جڏڙي ٻانئي ذات، آيل آيل چڏي ويا ٻنيور ٻر

1.ڪهي ڪميٽيءَ هليا، ڏيئي ڪرنگهہ ڪات.

صدا

ٻٽڪن ٽا چانگا، ڏيهہ ڏوراٽي وو ڏيهہ تي

1.ڏونگر گهٽا ڏيهہ ٻر، او آهن اڙانگا
2منجهج مَ معنيٰ ٻر، چڏ صورت جا سانگا
3.ڏور ٻراهين ٻنڌ ڪي، لاهي سب لانگها
4.اکيون ڪٽج اوڏهين، او ڪدين جيئن ڪانگا.

صدا

ڪو ڏوٽيا! ڏس ڏهو هو ادا! مون پر انهين وو پنڌ جو
1.آءُ سونهين آهيان، وو ستي سات ويو
2.پانڌي ڪٺان نہ پنڌ سين او مون سين سور سهو
3.اڄان پرنديس پٽيين، او وٺي نينهن نهو
4.”صادق“ سونهان اڳ پر، او مون سين پب پهو

صدا

پوري امڙ مائي، مون سين مَ ڪر ويهڻ وائي
پاڻان ئي پلي پري ڪان، ڪهڙي ڪريين سگهائي
1.مون تہ نماڻيءَ سان تو ڪجهڻ ڪپت لائي
2.ڏيل جنهن جو ڏکيو رهيا سور سمائي
3.هئي سڪ سجڻ جي، رَندن رلائي
4.”صادق“ طعني تن جي، هاري هلائي.

صدا

اڄان اي ڏس ڏيندا، جيڏيون منهنجي درد جو
1.ڏونگر هن ڏکيءَ سين، ڏکن پائي تيندا
2.ڪنيو پار پنهونءَ جا، مون سين رندن ۾ روئيندا
3.مون مٺي مٺي سپرين، آريچا ايندا
4.اڳ نہ چڏياٿون ڪنهن ڪي، مون ڪي ڪيئن چڏيندا
5.منجهان مهر مريض ڪي ”صادق، سي سڏيندا.

صدا

ڪر هل ڪيم ڪڏايو هو ڏيرا ڪر هل ڪيم ڪڏايو
1.آءُ پيادي، پنڌ ڳهٺو مون ڏي واڳ ورايو
2.ڏکي چڏيو مَ ڏونگرين، نيئي محب ملايو
3.نياپا نينهن ڳاڏئان، پنهل ڪي پهچايو
4.ڀڪي چاڙهيڪن ۾، رندن ڪيم رلايو
5.آهيو ”صادق“ سپرين، هي ماڻ لڪ لنگهايو.

صدا

او ڏونگر ڏنئي ڏک، ڏنئي ڏک، او اسان آسونهين کي
1.گونگن گس وڃايئي، ٻي لڳايئي لَسڪ
2.جبل جاڏايون تنهنجون، سيئي پانيم سڪ
3.جيئن تون پير تر هٽين، تيئن تان وڏي وِڪ
4."صادق" سڪان سڄڻين، ٻي ساريان اڄ نہ ٻڪ.

صدا

ٻانهي ٻاروچن جي آهيان، اهڙي منهنجي ذات
1.هلان هئان ان جي، اهي آهن سات
2.نہ هڙ نہ هنج کي، نہ مون هٿو هات
3.چونم تيئن ڇٽان، اي پڙ ان جي ٻات
4.جي اڳهون عدم آهيان، ناهم وائي وات
5.پورهئي ڪئي نہ پڙان، ڏينهن سڄو ئي رات
6."صادق" رهن سپرين، جي مري تيين مات.

صدا

اوني آڳاهان ويا، ڏونگر چڙهي ڏير
1.سورن پريو جندڙو، تازا پيئي پير
2.اچنم جوش جتن جا، پتو پتين پير
3.ڏکن گڏي آهيان، سونهان ئيا نہ سير
4.الهي اونداهو ئيو آيل ئي اوير
5."صادق" سهسين سڪي ويا، تون نمائي ڪير.

صدا

اوني آهين اوڏڙا، ڏونگر پانءِ مَر ڏور
1.سائي ڏينداءِ سڏڙا، منجهي ئيءَ م ملور
2."اِن مع العسرِ يسراً" متان موٽين مور
3.دانهون جان کي درد جون، "صادق" رهہ صبور.

صدا

ڪيچي ڪين ڳنڍين، سڳ سياڪا سينڌيون
1.آهين اباڃهيا اڳهين، سي نماڻيون نه نين
2.مون ائين پانئيو مون ڪي تان نه ڇڏين
3. "صادق" سدائين ساهه سين، ويٺيون ورهه ونڊين.

صدا

رب صاحب سائين آهي، متان ڪا سينو ساهي
1.حڪم حاڪم هٿ ۾، ڪام وٺيو تو ڪاهي
2.موت موراهين نه ٽري، ڪي ڏٺا ڪي ڀاهي
3."لاحول ولاقوت" ڏس ڏنو اي ڏاهي
4."صادق" سسي سيڪنهين "لا" سين وڌائين لاهي.

* * *

سرُ سارنگ

صدا

پکو پرينءَ ساڻ، اي ماڻا سونهي سانوڻ ڏينهن
1.آهيم عجيبن سين راتو ڏينهن رهاڻ
2.گهوري هيس جن جي، سي پرايم پاڻ
3.اتي کنديس ان سين، ريلن منجهه رهاڻ

بيت

(1)

سارنگ سنبهي آئيو کوڪ لائي ڪرڪو
سونهن سنگاريون ٿيون، پسي ڦڙيءَ ڦڙڪو
جو پرين جو پڙڪو، سو واءَ وڄڙين کان وترو.

(2)

سارنگ سنبهي آئيو جهڙ لائي جهاتي
لفظ سين "لا" جي، ڪفر ڇڏيائين ڪاتي
جا باهه برهه جي آتي، سا واءَ وڄڙين کان وتري.

(3)

اڄ پڻ اتر پار ڏي، سڄڻ سونهاري ڀار
من کي مون جياريو، تازي جي تنوار
توراڪ توهئون ڏار، آءَ ڪانڌ کنديس کن سين.

(4)

اڄ پڻ اتر پار ڏي، سڄڻ سونهاري سِت
اڳ مَر وڄ ولها، محب منهنجا مِت
اڳڻ راڳي ڇت، آءَ ڪانڌ کنديس کن سين.

(5)

اڄ پڻ اتر پار ڏي، سڄڻ سونهاري جوڙ
اڳ مَ وڃ ولها، محب منهنجا مور
ڏنگھر ڏاري ڏور، آءٌ ڪانڌ ڪنديس ڪن سين.

(6)

اڄ پڻ اتر پار ڏي، وڄن جو وارو
آءٌ تہ پرين تو ڏيان، اکين اوتارو
ساجهر سوارو، هوند ڏول ورائي ڏڪين.

(7)

اڄ پڻ اتر پار ڏي، وڄن جي وائي
اکيون ري وَلهي، چمن جا چاهي
جن ري جدائي، سي تون الله آڻي ميڙئين.

(8)

اڄ پڻ اتر پار ڏي، وڄن ڏنا ور
وريتيون وانديون جي، اچيو لهن ڳر
اديون اوهان جا گھر، ڪي نِڪھہ آهن نجھرا.

(9)

اڄ پڻ اتر پار ڏي، اکيون ڳن ڪرين
هٿي هٿي حبيبن جا، سور سنيهڙا ڏين
جوري جين جهين، سي مان ملنم سپرين.

(10)

اڄ پڻ اُتر پار ڏي، هينئڙي لايو هيج
سارنگ ري سرتيون اندر ٿيو اَريج
وڃان پيو ويڄ، سڪن ڪي سڄڻين.

(11)

اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪڪر ڪارونير سونهن
لڳو قت فراق جو دل ۾ ڏکي ڏونهن
توريءَ ور ورونهن، ڪانڌ ڪرينديس ڪن سين.

(12)

اُتران تي آئيون، پسي پاپوهي پٽ
ڪي ٻهڪيون ٻيلي تي، ڪي ڍريون منئي ڊٽ
موٽي "ميران پور" تي، ساري ڏنائون سٽ
واهيين وينا وٽ، جي ملڪ سڀ معمور ٿيو

(13)

جهان جهان ڪري جهميون، اوهيرن اچي
اکين آگم لاٿيا، پرين لاءِ پچي
جن ڏي هير سڪ سچي، سي اُتي ويا اُڪري.

(14)

جهان جهان ڪري جهميون، اوهيرن آيون
اکين آگم لاٿيا، ڪنهن ڏک ڏسايون
جن تي قرب ڪوڙايون، سي اُتي ويا اُڪري.

(15)

وٺو مينهن وڏڦڙو جهان جهان ڪري جهڪور
موچاري ملير ۾، مينهون ٺِلن مور
هاديءَ لاٿا هور، ولهارن وس ٿي.

(16)

نئين پر اَڏ مَر نجهرو، ڇن ڇلڏي وجع چَڙن
ڪانڌا! سويري نہ ڪرين، ڪا پکي جي پرن
مون جهڙ ڏٺو اُپ ۾، تيون وجون ڪن ورن
سانوڻ جيئن سمن، ڪيئن ڍول ڍلو ٿئي؟

(17)

گهٽا گهاريا ڏينهڙا، اوسر اسان ساڻ
دوستن دلاسو ڪيو پرين اچي پاڻ
ريلن منجهہ رهاڻ، اُتي ڪنديس ان سين.

(18)

گھٽا گھاريا ڏينھڙا، اوسر اسان لوءِ
پکو پراڻو تيو، ڪو پريان ڪي چوءِ
ورھ منھنجو ووءِ، مان اُني اڳاھون ٿئي.

(19)

سڄڻ سانگي اڪري، نگھہ ويا نھي
اُتان ڪونہ آئيو پچان ڪير پيھي
رھيو سور سھي، ھينئڙو اُن پرينءَ ڪي.

(20)

سڄڻ جنھن وڇوڙيا، تنھن اوسر پنا ڏينھن
پرين پيھي آئيا، منڍن وٺا مينھن
ڏولائي جا ڏينھن، واحد سڀ وساريا.

(21)

پسيو مينھن "محمود" چئي، ساريو ڪري سڏ
اُنو اوھيرا ڪري، لڙھو مٿان لڏ
پال پراڻي پڪڙين، چات نہ سھي چڏ
جوھوم ھيڪانڍئي گڏ، سو واحد ور وراڻيين.

(22)

پسيو مينھن، "محمود" چئي، ساريو سڏ ڪري
پال پراڻي پڪڙين، وجھي ھٿ وري
اڳڻ مٿان اوانديو ونئي پاڻ پري
لايم جو ڳري، سو واحد ور وراڻيين.

(23)

ٻٽي ھٿ ٻندي ٻر، اکيون منجھہ وري
تارا "تماچي" چئي، منڌ پيريو آب پري
جھميو ٻجھڙ ڪري، چئي اڄ، پراڻو پڪڙو

(24)

گهر جهونو جهڙ گهڻو اتر ڏئي اوت
ٻجنيءَ چارئي پوت، مون ريڙهيندي رات ڳئي.

(25)

گهر جهونو جهڙ گهڻو اتر اوت ڏئي
ور سارينديون سي، نِگهه جن جو نجهرو.

(26)

گهر جهونو جهڙ گهڻو اٿر ڪيو آڪس
اچي ڪامل پس، نماڻيءَ جي نجهرو.

(27)

گهر جهونو جهڙ گهڻو پڪو نه پرتم
دوست پڄاڻان دم، شال نه جيان جيڏيون.

(28)

گهر جهونو جهڙ گهڻو جهوپو سهي نه سيءُ
سڻائج سور سڄڻ کي، حال منهنجو هيءُ
اڱڻ آيو ئيءُ، ته ٻوليا ڪنهن ڍنگ ٿيان.

(29)

گهر جهونو جهڙ گهڻو توڙي قوت نه ڪانڌ
پال پراڻو پڪڙو، ڪري واءُ وڻاند
پرين ڏيئي پانڌ، ٻوليا مون کي ڍڪئين.

(30)

ڊٽ ڍري پٽ پيون، وڄن ڪيا ويس
اتي اچي ڪڪرين، نت پرياڻون نيش
جي هينڙي منجهه هميش، سي سائين سڄڻ ميڙيين.

(31)

وهائيءَ وايون ڪرين، وسين ساري رات
مون جيئن مينهن پرين جي، جي تن ۾ هيڪ ٿي تات
ته وهائي پريات، هوند بادل! ڪيئن بس ڪرين.

(32)

وسڻ اکڙين کان، تون جي سکين مينهن
تہ هوند راتو ڏينهن، بس بوندن کان نہ ڪرين.

(33)

اندر جهڙ جهور وهي، پاهر بوند برسي بامَ
سدا تورا سپرين، محب ملنم ماءَ
مٿي جن سلام، سي اوڪاٽين نہ اکيون.

(34)

اندر جهڙ جهور وهي، پاهر بوند برسي پِٽ
سدا تورا سپرين، محب منهنجا مٽ
لالن جني وٽ، سي اوڪاٽين نہ اکيون.

(35)

اندر جهڙ جهور وهي، پاهر ڪڪر نہ ڪوءِ
ساريو سپرين کي، روح ريجهايو روءِ
لالن جني لوءِ، سي اوڪاٽين نہ اکيون.

(36)

اڄي وڄي ڪڪري، ٿي وڄ چمڪي جيئن
مون کي پرين تيئن، سيلا پائي ساريو.

(37)

وڄون بارڻ وٽ تي، ليون ڪوڪ ڏينهاٽي ڪن
منهن مٿي تڪرين، جوپ نہ اڏيا جن
پسو سندا تن، نشين نهوڙيا نجهرا.

(38)

سجڻ اڳيئي سهڻا، پيو ڪجل پنن نيڻ
تيئن رهيا روح ۾، جيئن ماڪي اندر ميڻ
جي اهڙا سوڏا سيڻ، سي مر اوڏاهون اڪثين.

(39)

سجڻ اڳيئي سهڻا، پيو اکين لائي انگ
تن جون اکيون وه وراڏيون، پرون پيسر ٻِونگ
جن جو روپ ترنگ، سي مر اوڏا هون اکين کي.

(40)

سجڻ اڳيئي سهڻا، پيو وِيتر کياٿون وِس
منهن ڳوري چنڊ جيئن، کارا پرينءَ کيس
جي هينئڙي منجهه هميش، سي مر اوڏاهون اکين کي.

(41)

سجڻ اڳيئي سهڻا، پيو پهرياٿون پت
نماڻا نيڻ کڻي، گهائي چڙهيس گهت
جن جو ملهه نه مت، سي مر اوڏاهون اکين کي.

(42)

سارنگ سکي وِج کي، وِج وري منجهه پاڻ
اوهيرا اکين پر، تن اهائي تاڻ
وري ان وتاڻ، مانَ ملنم سپرين.

(43)

سارنگ سِکي وِج کي، وِج وري منجهه واءِ
ڏونگر مٿي ڏکڙا، ان پر موريا ماءِ
هو جي ڦوڙائي ويا، سي مان ملنم سپرين.

(44)

سارنگ سِکي وِج کي، وِج وري منجهه کيئن
پرين پاڻ لکائيو تا سک سنيهڙا ڏين
نيڻن سر ٽيون نين، ڏکوئيون ڏکن کي.

(45)

سارنگ سکي وِج کي، وِج وري منجهه نانهه
مارو هليا ملک تي، اج ڇڏيائون آنهه
دل اندر جا دانهه، سا ڪوڪ سٽايان ڪن کي.

(46)

سارنگ سکي وڄ کي، وڄ وسي واٽ راه
سهه ساريو سور چران، سکان اندر ساهه
ماروئڙن مٿاءِ، مانَ اوسر اوسيئڙو لهي.

(47)

سارنگ سکي وڄ کي، وڄ وراکي پٽ
"صادق" سونهن سڄڻ جي، تنهن جو ملهه نه مٽ
آءُ پريا مون وٽ، اوسر اوسيئڙو لهي.

(48)

سحري سنبهي آئيون، سارنگ کيو سامان
وڄ کڙڪو اڀ ۾ کاري لڳي کان
وسڻ کيو ويران، سو پسڻ کنان پري ٿيو.

(49)

سحريءَ سنبهي آئيون، جتي رات نه ڏينهن
منجهيئي وسن مينهڙا، ٻاهر ٻچائي کيئن
ور ري وٺا جيئن، سي مون اوڙڻ آئيا.

(50)

سي مون اوڙڻ آئيون، سحريون سڀ چمار
کريو کارونيار، وسن ويل سيڪنهين.

(51)

منداٺتي مينهن کي، سحريون سڏ کرين
آٿيو اوڏا ڏيئن، سنيهڙا سيٺن جا.

(52)

سحريون سونهن سڄڻ جي، اي نه ککر اڀ
اتر واو اڏ کيا، هي پريان جي حب
سانه لڳو سڀ، تڏهن کوٽ ٻڳائين کنگرا.

(53)

سحريءَ چڙهيون سامهون، پرينءَ جي پارا
آئي مند مينهن جي، وڃن ڪيا وارا
ڏيان اکين اوتارا، جي "صادق" ملن سپرين.

(54)

اکين آگر لائيا، رت جئين رنائون
لوڪان لڪي ڪيترين دل ڪيون دانهون
لڄائي آئون، جڏهن پڌر وڏائون پريتڙو.

(55)

اکين آگر لائيا، سڄڻ ڏٺيون جي
ڪڏهن چينيائون ڪينڪي، تن منهنجي تي
سيڻ منهنجا سي، جي مون ري مون کي سامهان.

(56)

اکين آگر لائيا، ڪڪر وٺا ڪيڻ
مارو جي هن ملڪ ۾، سي منهنجا سيڻ
آءُ انهن کي ييڻ، ڦوڙائي گڏ ٿيان.

(57)

جهڙن جهمن اکيون، ڪڪر هٿ ڪيان
ڏورايا نہ ڏيان، جيئڻ مَ هوءِ جي جيڏيون.

(58)

راتيان وسن وڏڦڙا، ڏينهان ڏکن ڏور
سارنگ جيئن سرتيون تن ۾ وهي تور
ٻهڙ ڦڙ ڪري جهور، مون کي مينهن ماريو.

(59)

اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪڪر ٿو ڪري
وسيو ولهارن تي خالق ڪنڌ پري
پينگهارئون پري، شال مَ وڃن سپرين.

(60)

اج بہ اتر پار ڏي، ڪڪر ڪي چوٽي
منڌائتن مينهن جي، ڪنوڻ ناهہ ڪوٽي
اچين جي موٽي، تہ گڏ گذاريون ڏينهڙا.

(61)

اج بہ اتر پار ڏي، تاڙي ڪي تنوار
هارين هر سنباهيا، سرها ٿيا سنگهار
اج بہ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا.

(62)

سڄو صاف نہ ايري، سرلي وڃان سڄ
منهن چڙهيو ماڻهئين ٿي ڏٺي واڌايون وڄ
هينئڙا ڪپ مَ ڪڄ، سگها ملندئي سپرين.

(63)

اج بہ اتر پار ڏي، بوندون برسيو پون
جهڙ نيڻان ٿي نہ لهي، ڪڪر هون نہ هون
سي مر رويو رون، جن سدا مسافر سپرين.

(64)

گهر ڪيچي، اڳڻ ڪنديون، ٿا پڪا پٽ سونهن
سرهي سيج، پاسي پرين، مر جان مينهن وسن
آلا ان ڏينهن، ويٺي سانوڻ ساريان.

(65)

جيئن ڪامڻ گهري ڪانڌ کي، تيئن مينهون
گهرن مينهن
عاشق کي الله اکبر، هينئين راتو ڏينهن
تيئن سيڻن سندو نينهن، مون جهليو پليو نہ رهي.

(66)

ساهيڙين سين سپرين، ڪيم قول قرار
ڪامڻ ڪوڙي نہ ٿئي، تنهنجي جا تڪرار
پرين اچي پار، تہ منهن مٿاهون مان ٿئي.

(67)

ور واٽهڙو سپرين، هيڪر پيرو آءُ
مينهن ماندائتا ڪيا، تي وڻ ساريان واءُ
آٽيئي مان الله، ڪانڌ منهنجي ڪڪڙين.

(68)

جاني آيو جوءِ ۾، چنڊو ڪن چيو
لوءِ لوءِ منجهہ ليو هينئڙو ان پرينءَ ڪي.

(69)

ساريان سنگهارن کي، وچڙيا ناهنيين
هٿي هٿي ان ڏينهين، هٿا هيڪاندا سپرين.

(70)

ساريان سنگهارن کي، ويني وٺائين
پينر هن پاٽين، اني ايندا اکري.

(71)

ويا وس اکري، پرديس ۾ پئي
اوتارا پئي، واٺنيم وانديارن جا.

(72)

وس ڪري وريا، ڇل نہ چنائون
(اديون اج آئون)، سائَ سجاڻان سپرين.

(73)

اکيون ڏک ڏکوئيون، وسن ڪين وسان
سکايائون سک کي، ڏيٺي تن تسا
ڏورين ڪنهن ڏسا، هو جو پارا سجڻين.

(74)

وسن کين وسان، اکيون منجهه خمار
در در دائم ڏٺي، تاڙي جيئن تنوار
مانَ ملن يار، "صادق" سڪندين ڪي.

صدا

آهي اِيءُ اسرار، اي مائؤ! پسڻ مون پرين جو
1.هتي رهه حيرت ۾، ڪرين جيئن نه قرار
2."نفخت فيه من روحي" اِيو اِيءُ اقرار
3.تو منجهه ساهه سڄڻ جو، ستا لهج سار
4.وڃون ويل سيڪهين چمڪن ٿيون چوڌار
5.اندر جهڙ جهور وهي، تاڙي جيءَ تنوار
6.هٿڻ ناهي هن جو، هو نه هنهون ڌار
7."صادق" انهيءَ سور ۾، نيٺين نمن نار.

صدا

ڏسڻ نه ٿي ڏينهن، اي ميانا! هي وڻ هتي جا
1.سدا نه هوندا ساهه سان، ميڙائي جا مينهن
2.ريلن ۾ رڙ پئي، ٿي هڪل سڄي شينهن
3.اٿي اور الله سان، ستو آهين ڪيئن
4."صادق" آهين ساعت ڪا، نيڻي نباهج نينهن.

* * *

سرُ سورٺ

صدا

ايءَ پر ڪري نہ ڪوءِ، ادا تون جيئن مگڻا
سڻ سورٺ شيخ چئي ڪوھ ڪا چوءِ جوءِ ادا تو جيئن مگڻا
1.وَڏِ وَڏِ وهي وڏاڻ ۾، ميان ٻولي ٻي نہ هوءِ
2.رانو وهي راٺين ۾، ميان رت سيڪا روءِ
3. "وَنجھہ" مال نہ چلي، ميان وڏو ڏڍ ڏنوءِ
4.سالڪ سنياپو هو، ميان "وا" سنين وڏيندوءِ

بيت

(1)

الله جي آس ڪري، هليو هياٺين
چارڻ ٻڌا چنگ کي جھوڙا ۽ جھائين
ڏولي راءِ ڏياچ جي، ڏوران ڏٺائين
وينتيون واحد کي تنهن دم ڪيائين
سياجها سائين، راءِ ريجهائيين راڳ تي.

(2)

هلي در حبيب جي، چلي چورج چنگ
جهٽڪج تيئن جهانءِ ڪري، جيئن
سارنگي سنگ
راڳ ٺمهاري رنگ، معلوم ٿئي ملوڪ کي.

(3)

محل آيو منگتو جاجڪ جنتر ڪٽي
تنبيري تنوار سين، ڪيو ڪوٽ ڪٽي
هٿي هٿي تند هٽي، هاجو ڪري هليو

(4)

محل آيو مگڻو تنبيرو تاڻي
ڪري راڳ رباب سين، وڏائين چاڻي
وِرهه ويو واڻي، راڻين ڪي راءِ ڏياج جو.

(5)

محل آيو مگڻو اجان هلي هير
چوري ساز سر ڪري، ڪڍي تند تنبير
وڇوڙي جي ويس، وجهنديئي واڻ ٿيو

(6)

محل آيو مگڻو ساز ڪٽي سرندو
سر جي سدا سر ۾، گهور ڪري گهرندو
مٿي ريءَ ملوڪ جي، چارڻ نا چرندو
جهوناڳڙهه جهرندو، پوندي جهانءِ جهروڪ ۾.

(7)

محل آيو مگڻو چڙهي ۾ چوڏول
توڪي گهوٽ گهرائيو راجا منجهه رتول
بيجل توسين پول، وهائيءَ وڌ جو.

(8)

هاجو ڪري هليو هٿي هٿي تند هٽي
ريندو راءِ رتول ۾، ڏوراڻن ڏٺي
مٿي جن مٽي، سي ڏسيا ڏيڻ ڏياج جي.

(9)

محل هيٺ ملوڪ جي، اچي ڳائي ڳالهاڻو
هنيائين سر سرود جو، هي حيرت هاڻو
دايون، ٻايون، ٻانهيون، ٿيون روئن راماڻو
جنهن هيءُ سر سيباڻو سو مٿو ڏيندو مڱڻي.

(10)

محل هيٺ ملوڪ جي، ڪٿي ڳيري ڳت
سڪو ساهه سين جو پسي ٻانڌپ ٻت
هي جو آيو هت، سو ڪندو ڪر ڳل ڪوٽ ۾.

(11)

محل هيٺ ملوڪ جي، اچي وائي ڪئي وِير
راس هنيائين راءِ وٽ، تنندن جي تدبير
سا سيباڻي سلطان کي، سرت منجهه سرير
وڍي سر سڌيس، وڏو ٻلڻ ٻاٽ جي.

(12)

پرديسان ٻنڌ ڪري، سٽي آيس سوٻ
ٿيلهيا تون ٿانءَ ڪرين، ٿڪي ڏيئي ٿوٻ
ڏرات ۾ ڏوٻ، سِرَ ريءَ سنتوڪ، ناهِ ڪو.

(13)

پرديسان ٻنڌ ڪري، جهاڳي آيس جوءِ
سا سڀ پروڙيئي خواهش هماري خوءِ
رخ جهائي روءِ، ڏاتَ تون ٿي ڏيج مون.

(14)

پرديسان پنڌ ڪري، سڻي آيس شان
سائين سڀ پروڙيئي، جا اندر منجهہ انسان
منگان ڪهڙيءَ مت سين، آءٌ نسورو ئي نادان
"شهاب الدين" چئي، سور ٿيا، غير سڀ گمان
سو ڏياريهون ڏان، جو طمع کي ترڪ ڪري.

(15)

راجا رنگ محل ۾، جاجڪ سر زمين
هنيائين جا هٿن سان، سا سٽي بالا منجهہ بين
تازي ڏِهوس تڪڙا، جَهِ نوَهر پائي زين
پيو منگيئي ڪين، سر ڪيو سڌ ڪري.

(16)

تن جو سِر ابهيو ڪين جو تندو ڇون
تن دايون پايون پانهيون، رت سيئي رون
امر جو الله جو، تنهن جا پهہ اڇيو پون
سي ڪيئن هتي هون، جن کي هتي جو سڌ ٿيو

(17)

چارڻ تنهنجي چنگ جو عجب آهي اِيءَ
هٿين ٿو هٿن سين، جيئرو رکي جيءَ
رات همارو ريءَ، ڪاتيو ٿو ڪماچ سين.

(18)

چارڻ چنگ پرائيو حقيقت حالا
تندون تنهن تنبير ۾ ٿيون وجن وصالا
جوهر جمالا، ڪامل ڪتيا ڪيترا.

(19)

چارڻ چنگ پنگ هٽي، وڃائيو وڏاڻ
سِرَ جو هڏ احسان، پر مڱڻهار مٿي ويو

(20)

چارڻ وارن مڱڻو مون کي ٿئي شرم
وٺ ماٺ ڪ، پڌ موڙيون، پائِي رک پرم
هيءَ هڏ ۾ چرمُ، تنهن سِرِ ۾ سچڻ نانهن ڪين

(21)

"وحده لاشريڪ لهُو" اِيءَ تنندن جو تان
ڪينهين پيو ڪماچ ۾، سيوئي "سبحان"
تنهن پٽاندر ڏاڻ، سِر ڪچاڙو سَڀيان

(22)

وحدت جن وڏاڻ ۾، تنندون چور تنبيرا
وهسي واڙيءَ قل جيئن، هِنيون منهنجو هير
واهه اجوڪيءَ ويس جي مٿو لٿيوءِ مڱٽا

(23)

مٿي ڪارڻ مڱڻو آيو در دري
ساز ڪيائين سوارو، پوئين رات پري
راجا رات ڳهرائيو وهاٽيءَ وري
ڪڙڪو ڪوٽ ڪري، جهوناڳڙهه جهري پيو

(24)

ڪنجهي، ڪيرت، ڪيترو واڄو ولاتي
ڏسندي ڏاتار کي ظاهر تيو ذاتي
ڪڏي تنهن ڪاتي وڏو ڪرٽ ڪپار ۾.

(25)

ڪنجهي، ڪيرت، ڪينرو ولاتي وائي
هٿي تند حضور ۾، تنهن وحدت وڄائي
ڏنائين ڏاتار کي، ڪنهن طرح تسلائي
اِيءَ ڳجهه ڳالهائي، ٿي متو آندو مڱڻي.

(26)

ڪنجهي، ڪيرت، ڪينرو جاجڪ نيو نہ ڇوءِ
سر سٽايو سلطان کي، سدائين صبوح
هنيون گڏي منجهه هوءِ، وڏو ڪرت ڪپار ۾.

(27)

انا پائي آئيون، جاجڪ توڪي جيءَ
ڏمرج ڪيم ڏياچ چيئي، الله لڳ ايءَ
متو آهي هيءُ، سو ويهه پيرا مر وڍيان.

(28)

انا پائي آئيون، تنبيرو تون ڪالهہ
ڪر ڪهيو وڃين،، متي ڳڙهہ ڳالهہ
مام پروڙي آهہ، مون تمهاري مڱڻا.

(29)

ميين ۽ مڱڻي ڪا جا ڳالهہ ڳجهي
سا، دايون ڀايون ڀانهيون سوجهي ڪنهن نہ سجهي
ويهون پيئيون وماس ۾ عاقل ويا اجهي
هڪ ٻيجل ٿي ٻجهي، بي خبر هئي ڪنگهار کي.

(30)

تيئي پرتا پاڻ ۾، تند، ڪنارو ۽ ڪنڌ
تنهن ملهہ ٿي ناهہ ڪي جو تو ڪيو پنڌ
"شڪر الحمد" جو متو گهريئي مڱڻا.

(31)

مٿو مٿان ئي گهوريان، مٿو تو مٿان
هيءُ هڏوئي هٽ ڪر، جاجڪ وهلو جا
اَنيراءِ اڳيان، مٿان واڄا ئي ولهو رهين.

(32)

تند برابر توريان، جان سسي سون پائي
تان اَتل اوڏانهين وهي، جيڏانهن بيجل ٻرائي
آيو جنهن لائي، تنهن سر ئي سڄڻ ناهه ڪين.

(33)

چڙهي سر چاڪرين، جان آئين منجهه محل
تان ڏهي ڏڙ ڏار ٿيو، ڏنو سر سائل
هٿي هٿي ڪيو هارين ڳوڙها مٿي ڳل
اوتي آب اڇل، جهونا ڳڙه جهري پيو.

(34)

چڙهي سر چاڪرين، آئين منجهه مڪان
تان ڏهي ڏڙ ڏار ٿيو، ڏنو سر سلطان
هٿي هٿي وهي حيران، جهوناڳڙه جهري پيو
(چڙهي سر چاڪرين، جان پري آئين پير

(35)

تان ڏهي ڏڙ ڏار پيو سسي ڏني شير
مارڻ اِي نه ويس مون ڪي منوءِ مڱڻا.

(36)

رڻ ٿيو راج ڳيو پٽڻ پيئي پِٽ
اڄهامي عالم جي سيت ويئي سِٽ
پيئي دهشت درواڻن تي، ڀڳا محبت مٽ
اهڙا چلايو چِٽ، ڪ وڃي جاجڪ جنبيو.

(37)

رڻ تيو راڄ ڳيو پتڻ تيون پتين
سهسين سورٺ سامهيون، ايو اوسارين
ناريون ناڏ ڪرين، چئي "راجا رات رم ڳيو".

(38)

رڻ تيو راڄ ڳيو سورٺ چنڊي سار
اڳيان رٿ ريلا ڪري، وڪر پايو وار
هيڪر پر پتار، وهلو والير آءُ وري.

(39)

رڻ تيو راڄ ڳيو راڙو منجهه رتول
دايون، پايون، پانهيون، پيئي ڪوڪ ڪڙول
ڏک همارو ڊول، تنهن ساڄن اڄ سِڌاريو.

(40)

رڻ تيو راڄ ڳيو پنيو سر پينار
نماڻا تي نگيا، موتيا مگڻهار
سهسين صورت سيڪڙو جي قربا قيربدار
هيس جنهن آڌار، سو راجا رات رَم ڳيو

(41)

رڻ تيو راڄ ڳيو ويئي سونهن سين
ايون هٽن هتڙا، گهوتيون منجهه گهرن
پيون ڏيو پن، وجي جاجڪ جنبيو.

(42)

سورٺ مئي، سڪ تيو خيما ڪنيا ڪنگهار
تنهان پوءِ مگڻهار، تي سر ڏنو ڏاتار ڪي

(43)

سو مالڪ، سو مڱڻو سو راڄا سو راءِ
سوئي ڪنجهي، سو ڪينرو سو واڄٽ، سو واءُ
سوئي ريجهي، سوئي ٻوجهي، سوئي ساڻ صلاح
اِنَ پر پاڻ الله، وڃيو تني وجود ۾.

(44)

ڪَڏي تندون تِڪ مان، پيجل پرايون
سودا چڙهي سور ڪي، تو وڻ ڪري وايون
روئن تيون راءِ ڏياچ ڪي ٻانهيون ۽ ٻايون
جي متي ڳڙهه ڳايون، تن سين جاجڪ پاڻ جلي ويو.

(45)

متي چڙهي مڱڻي، ڏني اڪين سين آڄ
پيو تنواريائين تان نه، ماري ويو مام سين.

(46)

ڪنين سٽيان ڪينرو، مت موڙهيم ماءِ
پسڻ ڪنان پري ٿيا، سٽڻ منجهه ساءِ
نڪي مڱي مڱڻو نه واڄٽ نه واءِ
ايين آهه الله، تندن تان هيڪڙو

(47)

ڏسندي ڏياچ ڪي، مري پيو مڱڻو
وڻندو سر "صديق" چئي، پني پنڻو
ڪندو ويو ڀَڻڻو چارڻ انهيءَ چنگ سان.

(48)

وڃي تند وصال جي، ڪا جا تند ڪناس
"مان مان" منجهه مٿاس، آواز اَنالحق "جو

(49)

"بين" وچي "ڪين"، تند تنواري جا
سالڪ سمجهہ تنهن کي، جا کهي توڪل کا
سسي گهر نہ سا، هو تان مڱي ڪو پيو.

(50)

ڇل تہ چارڻ تو ڏيان، پرهہ پٽولو ايڪ
آهين وڏو نيڪ، منت مڃ تون مڱڻا.

(51)

ڇل تہ چارڻ تو ڏيان، پرهہ پٽولو ڏيڊ
آهين وڏو ڊيڊ، جي منت نہ مڃئي مڱڻا.

(52)

ڇل تہ چارڻ تو ڏيان، پرهہ پٽولا ٽي
تازي طنبيلن مان، جي ڪپنئي سي ني
محب منهنجي کي، ملو گهرم مڱڻا.

(53)

ڇل تہ چارڻ تو ڏيان، پرهہ پٽولا چار
وٿ ماٿڪ ٻڍ موڙيون، تون پٽ اڳين جي پار
راٺيون ڪيم رڻار، منت مڃي اٿ مڱڻا.

(54)

چال تہ چارڻ تو ڏيان، پرهہ پٽولا پنج
تازي طويلن ۾، پيا سونا مٿن سنج
هيءُ جو منهنجي هنج، تنهن کي ملو گهرم مڱڻا.

(55)

سورٺ مڱڻهار کي، جال پري جانا
اسين پيجل آهيون، تنهنجا ٿي ڀانها
ڇڏ طمع جا طعنا، نہ تہ مريو پوان ٿي مڱڻا.

(56)

ڏنو سر ڏک تي، تنهن راجا روءِ راءِ
حال حسيني آئيو، تنهن مانجهيءَ مرد مٿاءِ
شير شهادت رسيو، پيڙهيين پاتشاهه
مهائيين ملاءِ، ڏنئين سر صدقو ڪري.

(57)

ڏنو سر ڏِک تي، تنهن صوفين جي سردار
ڳائي ڳالهائو ٿيو، ڏرياڻون سر ڌار
تنهن جي ڪير ڪري ڪوار جو ڪلمي سان ڪاٽيو.

(58)

پوئين رات پريات جو جا چارڻ ڪئي چانڪار
ڏاٽي دروازي ڪوٽ جي، چوري تند تنوار
مڱي نہ مڱڻهار، وٺي نہ سر "صديق" چئي.

(59)

پوئين رات پريات جو ڪڙڪو پيو منجهہ ڪوٽ
چارڻ تندون چوريون، چڙهي مٿي چوٽ
گهايا گهٽا گهوٽ، سٽندي سر "صديق" چئي.

(60)

ڪنجهيون نہ ڪينرا، اهي هاتفي هل
مٿا ڪن ٿا مل، صوفين جا "صديق" چئي.

(61)

ڪنجهيون نہ ڪينرا، هي هنگاما "هوءِ"
اچي ٿيو روبروءِ، صبوح جو "صديق" چئي.

صدا

هيجان تن هٽي، اي ووءِ ووءِ جو پهه چارڻ چوريو
1.ريڏو راءِ رتول ۾، ميان ڏوراٿن ڏٽي
2.مٿو مگٺهار کي، ميان ڏنو خاص ڪٽي
3.ڏِکي ڏاتارن کي، ميان مٿي جن مٽي

صدا

آهيان راءِ ڏياچ جي، اي مون الله، اي مون الله
ٻئي کي سر نہ نائيان

صدا

اي هو ڳڙهہ سين ڪريان نہ ڳالهہ، وهان ڪيئن ولهہ
آءُ جا ههڙي حال، اي چارڻ چانگاري چانگاري
1.مون تنهنجو اڳهين ڪيو هيءُ سر سينگاري سينگاري
2.جي تون ٻولي ٻي نہ ٻولين تہ ٻوي سر قبول. . .

صدا

اي هو عجب تکي تار تکي تار
1.ڪوڙين ڪٽي ڪيترا، سهسين سورهہ دار، سورهہ دار
2.ولي ۽ واصل گهٽو، جي عاقل عقلدار، عاقل عقلدار
3."اَنالحق"اتيئي ڪنهين، تون تون ڪٽي تنوار، ڪٽي تنوار
4.جيئن بازيگر بازيءَ ۾ پڌرا ڪري پار ڪري، پار ڪري
5.ڪهي جياري پنهنجو، جي هوئيس ٻالڪ ٻار، ٻالڪ ٻار
6.تيئن عاشق، اهوئي اڳيون، تو ڪسي وارو وار، وارو وار
7.سب تي "صادق"هيڪڙو، تو ڪنو ڪهٺهار ڪهٺهار

* * *

سرُ ڪيڏارو

صدا

مستان موتين ڪانڌ، ڪو پاهون پير ڏيئي

1.سڏا سدا سائوئين، واه واه جهولي جهمين پاند

2.جيئڻ تورا ڏينهڙا، واه واه ڪجن وڏا پاند.

بيت

(1)

چڙهيا شاه حسين سين، مرد متارا مير
واڳيا سي ويرئين، تڪيو هٽن تير
ڦريا تان نه فقير، امر منجهه اِيي ويا.

(2)

حسن مير حسين جي، جنگ ٻڌي جڳ جال
ڪيبر ڪانَ ڪتان، تيغ تراين تال
سانگين سانوڻ مينهن جيئن، مٿن ڪيا مثال
قتل ڪڙڪو ڪربلا ۾، لاٿي ايا لال
ڪوڏيا ساڻ ڪمال، شير شهادت رسا.

(3)

حسن مير حسين جي، جنگ سٿي سين
چوڏس رڪ چمڪيو، مٿي ملوڪن
ووئنڪا ويرين سامهان، هاڪاريو هٽن
مانجهي تان نه مڙن، جان جان رڻ نه رڳيو

(4)

حسن مير حسين جي، سئي جنگ جهانَ
آئا اوهيرا ڪري، ڪارين پڪين ڪانَ
بندوقون ـ بانَ، مانجهين جهليا منهن تي.

(5)

مانجهيءَ منهن نـ موڙيو پسي پڪڙيون
رڻ رتائين رڪ سين، موڙي مچڙيون
تنهن وير وڪڙيون، ڪانڌ وڏندي پاتيون.

(6)

ڪانڌ ڪلورين ڪپريين، ور وناهيو آءَ
جت سيلهن جي سڙهه وهي، تت پير وڏندو پاءِ
تان تان يَو مَ لاهه، جان جان ٿونڌين نـ چڙهين.

(7)

مچريا منهن مانهيين، پچريا پاونگ
فوجن فيل سنباهيا، تازين ڪنديين تنگ
هٿن پڙ پڙن ڪي، بڙچا ڪوڙيو پننگ
ڪلها، ڪنڌ، ڪرنگ، جهرن جهونجهارن جا.

(8)

جهونجهارڪي ذات جو، جان پير پروڙيو مون
تـ اچن عراقين تي، ڏڙ ييرينندا پونءَ
ور م ويسر تون، متان اٿيارن جيئن اڙ پوءِ.

(9)

ڪو ڪنهن جا نـ سٺي، سانگين وچان سڌ
رڻ ۾ رتولن جا، پيا هارجي هڌ
جتي مڙن مڌ، اتي بجنگن جيئڻ جوڪو نئي.

(10)

جيئڻ ٿورا ڏينهڙا، گهوڙن ۽ گهوٽن
ڪڏهن منجهه ڪوٽن، ڪڏهن واهي رڻ جا.

(11)

ڏاڙهي ڏاڙهونءَ گل جيئن، منجهان رت رتياس
سونهين چوڏهينءَ چنڊ جيئن، پڙ ۾ پاڳڙياس
پڙ ۾ پار ڪٽيو، مر مرڪي مائٽڙياس
نيزا ننڌ ٿياس، گهوڙن گهوٽ وَناهيو

(12)

تڪر مٿي نيريين، آيا اجارين
سانگيون سائون هٿ ۾، ڪلهئو نہ لاهين
اياڻي آهين، مانجهين مرڻ من ۾.

(13)

ڪتان هيٺ نہ ڪوڙيا، پاڪ جنين جا پير
سي تفنگ، ترارين تڄيا، چٽيو پون چڳير
ڍونڍ تني جا ڍيس ڳجهڙين ڳِري لاٿيا.

(14)

وٽي ڳجهن ڳاڙيا، ڏنجها ڏڪ گهٽا
تنگي لٿين توڻ جي، جو سورهہ ساماٽا
ڪندا راماٽا، ڪوئر ڪلي جا ڪوڏيا.

(15)

ڪونر ڪلي جا ڪوڏيا، تون جانڪين تو جيين
اڙين مٿي اسري، تون رڪ پيالو پيين
ڳاهہ ڳجهين جو ٿيين، وٽي جن ورهہ ٿيا.

(16)

تارا تاڻ مَ ڳجهڙي، جيون ڪڍي مَ ڪاءِ
رڻ ۾ رڪ رهائيا، ريگڙيارا راءِ
ملوڪن مٿاءِ، پاٽان ڪهہ نہ چنڊيين

(17)

تيئن ڳجهڙين رڻ چانئيون، جيئن چپر منجهہ پهون
ونڪا ويرين سامهان، بوڙيو ڏين ڍهون
جهونجهارن وهون، نير مهانگو ڪنديون.

(18)

جهوليون جهونجهارن جون، جهمديون اچن
پايو پڪ پهار جا، ان جون وهون واڪا ڪن
پتيو پار ڪدين، چئي رڻ متو راڙهو تيو

(19)

رڻ متو راڙهو تيو، رئي نہ ڏسجي سج
مرد مرندا اچ، جوين پاند جهرڪيو

(20)

پاڳ ڦڙڪو جو هٽي، ڪتاريءَ ٻجهوڙو
تنهن ور ڏيان پانهڙي، مر رجي ٻجوڙو
ساتو سو پورو، پڪن منجهان جو پري.

(21)

مر مرين، آءُ روئين، تون موتي ڪانڌ مَ آءُ
اڳي هٿي چانوَ تنهنجي، اُس قبولي مان
آءُ پڻ پين سان، پورهيو ڪري پَرنڌي.

(22)

پاڳ ڦڙڪو جو هٽي، پڌي پہ پاڳون
اڳين جون آڳون، ڪانڌ ڪرهي لاتيون.

(23)

مر مرين، آءُ روئين، تون موتي اچ مَ ڪانڌ
ڪجن وڏا پاند، جيئڻ تورا ڏينهڙا.

(24)

ماءُ هماري ڪنت جي، اڙين سر اوطاق
تنهن ڪي منهن ۾ مصرين جا، سدا چڪن چاڪ
جيئڻ جن فراق، مرڻ تن مشاهدو

(25)

سورهن چيو سچ ڪي، الهي ڪر مَ اوير
سجهنديئي سائڻن جا، پڙ ۾ ڏسون پير
چڙين جت چڱيس، ات ڪانئر ايو ڪڪ چري.

(26)

دلدل آيو سڪڻو، ڏوران ڏنائون
بيبيءَ کي بيبان ۾ اچي خبر ڏنائون
چئي: شير شهادت رسيا پڙ لهي لاٿون
مڃي رضائون، داخل ٿيا دين ۾.

(27)

رسيو رڪاٽين ۾، جهڙ ٻجهوڙو جهر جِهير
ڪڪيون ڪپارن ۾ چمڪيو پائن چير
ماءُ هماري مير، مانجهيءَ مشاهدا ڪيا.

(28)

رسيو رڪاٽين ۾، جهڙ جهوڙو جهر جهڪ
ڪڪيون ڪپارن ۾، چمڪيو پائين چڪ
ماءُ هماري حق، مانجهيءَ مشاهدا ڪيا.

(29)

رسيو رڪاٽين ۾، جهڙ جهوڙو جهر جهور
ڪڪيون ڪپارن ۾، ڪيرائين ڪنگور
ماءُ هماري مور، مانجهيءَ مشاهدا ڪيا.

(30)

رسيو رڪاٽين ۾، ڪرن جت ڪنگور
گهاءِ جهليندي گهٽ ۾، مرڪن مانجهي مور
اٿيارا اتور، هاڪيو هٽن هاٿئين.

(31)

ڪلي وير ڪنڪ ۾، پاڪر جو پائي
تنهن کي جيئڻ سندو آسرو آهي
مر سورهه سو چائي، جو رڳوئي رڻ ڳهڙي.

(32)

ڪلي وير ڪنڪ ۾، ملهي جي نه مرن
سي ڪند، ڪٽارا، ڪاتيون، ڪيرا ڪوهه ڪٽن
سونپيا تا سهن، سندا مانجهين مهٽا.

(33)

هڻ ڏائي، هڻ جيٽي، هڻ، هٽندن سوب
جني چڏيو لوب، رڻ تني جو ڪڏيو.

(34)

هڻ ڏائي، هڻ جيٽي، هڻ، هٽندن حال
مار مهنديان، پل پوئيان، وڙهج وڃ وصال
ڪنجهيين پوندي ڳالهه، صباح سورهه تنهنجي.

(35)

نائي جو نفس کي، سورهه آهي سو
ڪلي وير نه ڪاهڻو، چئي او نه چوءِ
مانجهي ماري توءِ، تحمل جي تيغ سان.

(36)

سائو مرين سوب کي، ته آڏي ڍال مَ ڍار
وڙهه پالين، پٺو پاڪرين، ترس مَ پسي تار
مٿي تيغ تراڙ، مار ته متارو ٿئين.

(37)

ساهُه مرين سوڀ ڪي، تہ جنگ جيءَ سين جوڙ
آرڻ تيغ عشق جي، تون مرڻ ڪاڻ مَ موڙ
خواب خيال خطرا، وڃاءِ سڀ واڍوڙ
ناجي نفس نهوڙ، تہ راز پروڙين رڻ جو

(38)

ساهُه مرين سوڀ ڪي، تہ جنگ جيءَ سين لاءِ
آرڻ تيغ عشق جي، واڳڻ تي وَهاءِ
ان پر تنهنجو آهہ، پڙ پنهنجاهين وچ ۾.

(39)

ساهُه مرين سوڀ ڪي، تہ پاهون رک مَ پير
من مدعي منجهيان، واڳڻ پايو وير
اڃي ابهہ آرڻ ۾، ٻري ٻالين ٻير
ان پر نفس نبير، جا تو ڪرهہ ڪپار ۾.

(40)

وڙهيا، وڳيا، واپريا، سي صوفي شير
واڳڻ وڏي آئيا، مانجهي مل مثير
مسافر ميدان ۾ چڙهيا گهٽا چڳير
پڙ ۾ ڪوڙي پير، سر ڏنائون صدقا.

(41)

ڪنڪ وير ڪلي ۾، هئي جي حسن هو
تہ پيڙو پيڙو ٻاءَ تان، هوند پتنگن جيئن پيو
ڪندو ڪير ٻيو، حملو مير حسين سين.

(42)

مون جهيڙيندي چڏيا، ڪاري ڪڪر هيٺ
ڪارا ڪند هئن ۾، ٻيا آنند وچيرا هيٺ
مون ڪا ٿيي ڏيٺ، ساهُن جي سردار سين.

(43)

محرم موٽي آئيو آئيا تان نه امام
مديني جا چام، ڏاتر مون ڏيکارئين.

(44)

محرم موٽي آئيو آيا تان نه امير
مديني جا مير، ڏاتر مون ڏيکارئين.

(45)

ماءُ چيو پٽ کي، آءٌ تنهنجي ماءُ
جت سيلهن سيڙهه وهي، اُت وک وڌندي پاءِ
آءٌ به پين گهاءَ پورهيو کنديس پاڻ لئي.

(46)

گهائي گهوڙو گهوٽ جو رت ۾ رتائون
آڻي آل رسول جا، رڻ ۾ ڪُنائون
مفت مُنائون، بيبي کي بيابان ۾.

(47)

خالي گهوڙو گهوٽ جو هليو ڏانهن حرمن
جهنڊا جهلي آئيا، مٿي سر مردن
شاهه ويرين ويڙهيو پالا ٿا پڙڪن
ڪتا ٿا ڪهن، حملو مير حسين جو.

(48)

اولاد عليءَ شير جو ڪوفين ڪوٺايو
دغا رکي دل ۾، تني رڻ ۾ رلايو
جهيڙو جهونجهارن تي اوچتو آيو
دين ڏيئي دنيا تي ولهن وڃايو
ڪتن ڪهايو حملو مير حسين جو.

(49)

ڪاهيائون ڪربلا ڏي، گهڙيا منجهہ گهسان
آيا اويرا ڪري، ڦهري ونا ڪانَ
گوڙيون گرزن ڪيون، نينهن ڪوڙيائون نيشان
ڏاڍو اَمر الله جو، ڪنهن جي چلي ڪان
اُتي سامهان ٿيا سلطان، سر ڏنائون صدقو

(50)

ڪاهيائون ڪربلا ڏي، گهڙيا منجهيئي گهوٽ
اچي ويرين ويڙهيا، ڪوفين ڀڏا ڪوٽ
ڀالن ڀڙڪارا ڪيا، چڙهيا نيزن چوٽ
هئا اُمت جي اوٽ، شير شهادت رسيا.

(51)

وڙهيا، وڙهيا، واڍيا، اتل آٽيارا
اچي انبارن تي ويرين ڪيا وارا
تيلهان ويا نڪري، جيلهان هئا ٻہ پارا
انهيءَ پر اُتارا، ڪيا پرڏيهين پڙ ۾.

(52)

وڙهيا، وڙهيا، واڍيا، جهيڙي جهوڪ ڏٺي
اَمر سائڻ الله جي، اونچي ڪيائون آٿي
رضا جا رحمان جي، سا واحد ڪي وٺي
ڪاهوڙي ڪٺي، ويا گذاري ڏينهڙا.

(53)

ٻيبي ٿي ٻيبان ۾، اُڀي ڀاڪاري
گهوٽ گهڙيا گهمسان ۾، سي ڏاتر ڏيکاري
لڳي جنگ، يتيم ڇٺي، هنيائون هاڪاري
سر ٻہ سينگاري، مانجهي گهڙيا مچ ۾.

(54)

مانجهي گهڙيا مچ ۾، سي ڪوڏيا موٽن ڪيئن
ڏسيو اڄ اولاد جي، هٿن راتو ڏينهن
سي ڪِلويجن ڪيئن، جي ڪاهي آيا ڪربلا ۾.

(55)

آٽي ڪربلا ۾، خيمان ڪوڙيائون
ڏسي رضا رب جي، منهن نہ موڙيائون
لال لهي لاٿون، ٿيا مسافر ميدان ۾.

(56)

مسافر ميدان ۾، واڪو وهي ووءِ
تہ تخت هت تاراج ٿيو ايي بيبي روءِ
مير مديني جا ڏٺي، لڏي هليا لوءِ
آهون عالم ٿي ڪيون، رت سڪو روءِ
تنهان ٿيو پوءِ، ماتم سڀ ملڪ ۾.

صدا

هلي ڏسي ڪو رنگ، ڏسي رنگ مردن جو ميدان ۾
1.جهڙ ۾ جهونجهارن جا، واه واه هيرن رتا هنگ
2.هٿي ڪند ٻٽچيون، واه واه لال رتائون لڱ
3.مانجهي مرن من ۾، واه واه ايا گهرن رنگ

صدا

ڪانڌڙي ڪي ڪوڏ منجهان ڪوڏ منجهان
هلي هار ٻڌائون هيج منجهان
1.متان پوئيم رات وڃان، هو اڄي اڄي ڪانڌ ڪڪوريو

صدا

مور نہ سڪڙيون، سدا آليون اڪيون
1.پڙ ۾ پسن پرين کي، او لوڪان لڪڙيون
2.اوسيڙي اوجاڳيون او سجڻ سڪڙيون
3.ڏين طهورا تڙ تان، او تڪيو تڪڙيون
4.تان پڇن نہ تن جون او هڏهين هڪڙيون
5." صادق" وهن سور ڪان او هي نينهن نڪڙيون

صدا

پنا جوين ڏينهن، چڏ آسانيا اڳيان
اي واه واه طعنا جهل مَ تيئن، چڏ آسانيا اڳيان
1. هردم ڪاه قلعي ڏي، واه واه هلي مرج هيئن
2. رونشو رک وهي رڻ ۾، واه واه جيري جيي ۽ جيئن
3. مانجهي مڙيا مچ تي، واه واه ڪانئر اڇن ڪيئن
4. مرڻان اڳي مر تون، واه واه اِيو آچ مَ ايئن
5. "صادق" سوري ۽ سامهان، واه واه چڙهيا نيزي نينهن

صدا

جو تون ڪنو ڪلهہ، آءُ اهوئي آهيان
1.مون کي ڪهيو ڪاتئين، واه واه منهنجي لاهئين ڪل
2.مون کي چاڙهيو سوري ۽ تي، واه واه سامهان ڪيئي سل
3.ڪڏهن ڪرت ڪپار ۾، واه واه ڪڏهن جيئري جَل
4.ڳجهو ڪانيئي منهن ۾، واه واه پڌري ڪيئي پل
5.سر ودايئي "صادقين"، واه واه هو جي مانجهي مل

***

سرُ سوڍڙو

بيت

(1)

ڪڙڪو ڪربلا جو، ڪي جو ڪن پيون
تيڻن مرڻ انهيءَ ماڳ تي پلڪان پلڪ ٿيون
جيئڻ جال ٿيون، جي شهودا شهيد ٿيا.

(2)

ڪڙڪو ڪربلا ۾، پوئين پهر پيو
سورهه سڄيءَ رات ۾ قتل ٿي ڪيو
ايري سڄ ويو، سائڻ تان شهود جو

(3)

ڪربلا ۾ ڪوڪ ٿي، هڻو ۽ هڻو
اڄي اڪبر جنگ ۾، مڄهئين منجهه مرو
"صادق" پڌو سندرو آمر منجهه اڙو
واڳيا ٿي وڻو سائڻ جي سردار کي.

(4)

ڪانڌ ڪڪورئين ڪپرهين، وڙ وناهيو روءِ
پرين ڪنان پوءِ، متان ڏِک نہ چڙهين گهوٽيا.

(5)

سورهہ جاون قرآون، هينهين نہ هونديءِ
سسي پٽ پونديءِ، نونڌ نچندي ڪلهين.

سرُ شينهن ڪيڏارو

صدا

ويـنـدي ونـدر سـيـنءَ ونـدر سـيـنءَ، او آهـيـم ووڙ ورن جـي
1.ڏنم ڳس مين جا، او ماءُ موٽان آءُ ڪيئن، موٽان ڪيئن
2.پنيءَ سات نہ چڏيان، او آءُ رڙهان راتو ڏينهن، راتو ڏينهن.

صدا

(1)

ڏري چوٽيءَ نري موٽيءَ ڪيهر موٽو پاڻ
گجي تہ گينور هٽي، ڀيا مرون سڀ آساڻ
پس پاپوهي پڙ ۾، ايو ڪنهن اهجاڻ
ڪيسر ڪره ڪپار ۾، پير نہ موڙي پاڻ
هاٿي همت ساڻ، تو پچاڙيو پرزا ڪري.

(2)

هٽي هٽ هاٿيءَ ڪي، اِي ڪيسر جو ڪم
سهسين واڳهوئين ويڙهيو، تہ بہ دهليو ڪنهن نہ دم
ڪلي وير قدم، ڪوڙي پر ڪٽي نهين.

(3)

هٽي هٽ هاٿيءَ ڪي، اي ڪيسر جي ڪار
سهسين واڳهوئين ويڙهيو، نانجهو تان مَ نهار
ڪلي وير قران ان ڪلي ڪانهرو.

(4)

ٻہ هاٿيءَ جو هڏ گهرين، تہ ڪيسر ڪوڙيءَ لڳ
پسي وڏو وڳ، جنبيو جم جهارئين.

(5)

سهسين مڙيو سيارڙا، جانکي جنبيو جاڳر کن
کيسر کن نه اُڏکي، ڏاءِ نه ڏجي تن.

(6)

پکيا واگهه، پيئو تيو تتا ڏني تاڙهه
کيسر گ‍‍ر اپاڙيو ته مروئن کا مهاڙ.

(7)

گرڙ مري غذا کي، ماريو هاٿي گهاءِ
سمرٽ ڇهنج سمنڊ پر، ٻي کٿهين نه جاءِ
جت پکال پاءِ، اتي مجال ناهه مرن جي.

(8)

وَڇوڙيو واگهه هٽي، پکيا نه پاري
وسن جي ويڙين پر، مرون سي ماري
ايو پر پاري کار پنهنجي کرجي.

(9)

وڇوڙيو واگهه هٽي، پکيا نه پيري
کيسر سي کيري، جي گهر گينور گرجيا.

(10)

پيتو باپان وترو، گ‍ر کيهر جو ٽِس
کلي وير نه کانهرو، ذات شيهان جي جس
جت نٿي دمامن دس، ات آرڻ مٿي آکرو.

(11)

کيسريا! تم کيا جانو بجھ کر هماري کار
آڌا توتا گر پئيين مانهين، آڌا گينور مار.

(12)

جي کيسر کاوڙيو ته هاٿي پجي هڏ
ايو کري سڏ، ته کو اچي آرڻ اُبهي.

(13)

آرڻ مــٿــي آڪــرو، تــو گــجــي گــوڙيــون ڏي
ڍائــو تــہ ڪِــريــا ڪــري، بــڪــيــو پــاپــوهــي
سائي جوءِ مـجي، جـت سيـلـن جـي سِـرهـہ وهـي.

(14)

اُتــئــي تــہ آڪــرو جــي ڪــمــي تــہ ڪــانــڌ
هــٺــي گــنــيــر هــٺ ســيــن، رهــي نــہ راڳــڻ رانــد
سـامـهـون سيـلـن پـانـد، پـاپـوهـيـو پـيـر ڪـٺـي.

(15)

گَنئـو مـاريـو گـر چـڙهـي، گـر چـڙهـيـو گَنئـو ڪـاءِ
ڪيهر پلاٽي جي سهي، تو لـونءِ لـونءِ لـڪ وڪـاءِ

(16)

ڪـيـهـر قصد ڪـبـاب سـيـن، پـر مـاريـو نـہ ڪـاءِ
هـيـٺـن تـان هـٺ نـہ هـٺـي، تـو گـهـنـڊيـارا گـهـاءِ
اُيـو تـڙ واجـهـاءِ، مـانَ ڪـو مـون گـهـر مـيـڙيـيـن.

(17)

لِـڪـي بـجـهـڪـي لـٺـي ڪـري، تـو لـڪـي ڪـارڻ لـوپ
مـيـنـهـان پـجـي سـوپ، جـيـئـن هـٺ نـہ هـٺـي هـوريـيـن.

صدا

تڪي ڪرمَ تُوپ، اي ڪرمَ تُوپ، اي اچا پرينءَ پير پري ٿـيـا.
1.وجـائـي مـت تـنـهـنـجـي او لاڳـاپـي ۽ لـوپ ۽ لـوپ
2.وجـائـج وجـود ڪـي او گـهـٽـي ڪـري ڪـوج ڪـري ڪـوج.

صدا

مون ڪي ٻاٽان تو سونهائي، رب سونهائي، سي وانون جي ونڊر جون
1.چڙي ويٺر چپرين، هائي ڏونگر ڏورڻ تو جڳائي تو جڳائي
2.چـڪـي ٻـران چـپـريـن، آءُ تـيـلان تـو لائـي تـو لائـي.

* * *

سرُ ڪاھوڙي

صدا

پاڻ ڪنان پيھي، عجب ۾ عجائب ٿيا
1.سڪ نہ ستا ساٿيھہ ۾، او ويٺا نہ ويھي
2.نڪي اوريين اورھان، نہ ڪي پسن پريٺي
3.ڪاتب ان ڪتاب ۾، او اڪر اھوئي
4.لڪڻ واري لڪيو، او پرڪ ڪنھن پيئي
5.لڪي لوڪ نہ سگھيا، او نسنگ ويا نيھي
6.”صادق“ سمجھن ڳالھڙي، اوھو جي ڏيل جا ڏيھي

بيت

(1)

چپر ۾ سڌ ٿيو ڪِر ڪي ڪاھوڙي؟
جنھين جي سئي، ٿي ھت اڳھين ڳالھڙي

(2)

ساجھر پڌا سندرا، ڪاھوڙين ڪٺي
لنگھيندي لڪن سين، ڪيائون پاڻ پٺي
ڏکن ڏيل ھٽي، وجي چھہ پڄتائون چپرين

(3)

جان مون ڪاھوڙي پڇيا، تان گھر نہ گھارين
واحد لئي ولن سين، رويو رت ھارين
گوندر گنارين، تن ڏوتين ڏک ٿي نہ لھي

(4)

جان مون ڪاهوڙي پڇيا، تان ويهي نہ وسامن
ڏينهن تتي ڏونگر ۾، ڪارڻ قوت ڪڙهن
جهنگن ۾ جهٽڪن، ڏوٿي ڏٺَ ڳنڍ ٿيا.

(5)

ڏينهاڻي منجهہ ڏونگرين، ڏوٿي ڪارڻ ڏٺَ
تن کي ڪهڙا سک، جن ٻاريو مچ مٿن تي

(6)

سڪا سنڌ ڳچن ۾، ڪرڪٽان پيرين
ٽمندي نيٽين، آن کي ويندا ڳڏيا؟

(7)

سڪا سَنڌ ڪچن ۾، ڳرن نہ ڪرڪاڻ
پنڌ پراهين هليا، ڀڄنيا نہ جاٻاڻ
ڪاهوڙين اهڃاڻ، انگ نہ سڃي اڳڙي.

(8)

انگ نہ سڃي اڳڙي، لانگوٽي نہ لينگ
پوري مٿي پينگ، پرو پيٺن پٻ جو

(9)

انگ نہ سڃي اڳڙي، لانگوٽي نہ لڪ
ڏک ڳنارڻ ڏينهڙا، ڏوٿين آهي ڏک
چپر ڪري وڪ، او پاٽائي پراهان ويا.

(10)

ڪاهوڙيڪي پنڌ ۾، راتو ڏينهان رَم
چِني سڪن سڱ، ڏور تہ پسين پرين کي

(11)

ڪاهوڙيڪي پنڌ ۾، راتو ڏينهان ڏک
سائين سمهي سک، ڪيو نہ ڪنر جيترو.

(12)

اگڻ ڪاهوڙين جي، تون ونءُ ويهي آءُ
جوش ڏناٿون جيءَ کي لڪائي لوڪاءُ
ڏوٿين ڪنهن ڏڪاءِ سمهي سک نہ ماڻيو

(13)

ڏونگر ڏورڻ ڏکڙو جيڪو ڏک ڪري
چپر ڳڻ نہ ڏئي، سڪڙين ستين کي.

(14)

مٿي ڏونگر چوٽيِن، ڪاهوڙي ڪنونِ
ڪمل آهي تن، سپيريان جي ڳالهڙي.

(15)

سپيريان جي ڳالهڙي، ڪمتر ڪي ٻجهن
عقل اوٻجون ٿيو منجهيو منهن وجن
تيائين قليلن، ٿي ڳالهہ پروڙي ڳجهہ جي.

(16)

سپيريان جي ڳالهڙي، لکين دليلين
لکي لوڪ نہ سگهي، پچي خليلين
تيان ٿي قليلين، ٿي ڳالهہ پروڙي ڳجهہ جي.

(17)

ڪاهوڙي ڪيڙين سا، جا آڳاهين جوءِ
تنهين منجهان اُبري ڪا ڳجهہ ڳجهان ٿي بوءِ
پينا تنهِين ڪوءِ، جت پهت پروجهڻ ناهہ ڪا.

(18)

جا جوءِ ٻـڌي نہ سٿي، ڏوٿي سا ڏورين
پاسا مٿي پاهڻين ڪِلن ۽ ڪوڙين
وجيو تتِ ووڙين، جت نهايت ناهہ ڪا.

(19)

آھي اوڪِي آڳري، ڪاھوڙي ڪِي مام
تن سائين ست سلام، جن پنڌ پراھون ڏيکيو

(20)

آن ڪا ڏٺي ڏوٽيا، ڪاھوڙي ڪِي ڪير
تن جا چپن چنا پيس، تہ بہ چاڙھيڪو چوٽين

(21)

جنين ڏونگر ڏوريا، سانَورَ تِہ ڏي پيٽ
تن ڪاھوڙين ڪِهَہ ھيٽ، وجي پاسا ڪوڙيا.

(22)

ڏھيلو وڃڻ ڏوٽيان، جت نہ پکين جاءِ
سپيريان جي ساءِ، چڙھيو وڃن چوٽين.

(23)

سوڌي خبر پکنشان، ڪاھوڙين ڪرا
وجي جن ڪيا، مٽي اگڻ آھرا.

(24)

تتِ تمڪي باھڙي، جت نہ پکين پير
اٿ پاريندو ڪير، پيو ڪاھوڙين ريءَ

(25)

جني ٻئي ڏوريا، ڏونگر ۽ ھاڙھو
ڏينھاڙي ڏارو ڪن پرانھين پنڌ جو

(26)

پريان سندي پار جي، اڪنڊ جن آھي
چڙھيا ڏونگر چوٽيين، ڪاھوڙي ڪاھي
سڪ نہ ستا ڪلھين، ڪرڪٽان لاھي
سڃيون ساڳاھي، جھريون جھاڳي آئيا.

(27)

مٿن ٻوءِ ٻسڪڙا، چڱڪهنندا اچن
تن جون ڪڙيون ڪِهہَ ڀڪليون، پڳهر سر ٻيرن
ايءَ پر ڏوٿيٽڙن، جيئن مون ڏلائيندي لنگهيا.

(28)

پير اگهاڙا پنڌ ۾، ٻي لڳن لڳيئن ڪيهہَ،
ڪنهن جنهن سندا ڏيهہ، تئن تا ٻولي ڪن ٻاجهارئين.

(29)

ڪني پاتو پيرهين، اِن اَپيريءَ ۾ پير
سَر مٿي سوٿو سهي، تيئن ڪو پائي پير
اَن ٻونءِ سندو ٻيس، ڪوڙين منجهان ڪو لهي.

(30)

جهنگل هليا نہ پليا، راهہ هليا ڦرجن
اوجهڙ سي نہ پون، جن ٻئي واٽون ڇڏيون.

(31)

پيرين پراڻا ڪيئرا، سڪا منهن سندن
سا جوءِ ڏوري آئيا، سونهان جت منجهن
تنهان ٻِري ڪاهوڙين، ورَ ڏيئي وڻ چوندا.

(32)

نہ ڪو پسڻ پرينءَ جو نہ ڪي اسين پاڻ
اونهون پنڌ الله جو مت منجهي ٿي هاڻ
ان پر اسان ساڻ، مقابل محبوب ٿيا.

(33)

جتي سڌ سبحان، ابتي راهہ آهي
وجي ڪو ڪاهي، ان معنيٰ ۾ منجهڻ گهڻو

(34)

ڦٽو ڪر فراق کي، وڃڻ ويو وصال
پسڻ ڪي پرينءَ جي، ڪونهي ڪو ڪمال
هَجي ويو حال، سپوئي سبحان ۾.

(35)

ڪاهوڙي ڪٺي ويا، ڏينئي ڏيل ڏکن
ڪڏهن ان نہ قبوليو سندو سانگ سکن
چپر چيهہ نہ کن، پيا "صادق" سڙن سور ۾.

(36)

"صادق" تنهن سڄ پئين، جنهن چپر ڪونهي چيهہ
ايسان ايڻ نہ ٿئي، وهان ٻچون مَ ويهہ
هيءَ تني جو ڏيهہ، جي عشق ڪٺي اڏ ڪيا.

(37)

ڳجهان ٿي ڳجهہ ٿيا، پڌر ڏينئي پير
هيءَ تني جو ڏيس جي ويا جلائي جان ڪي.

(38)

پسي پريان کي، اسهيون اميدون
عاشقن کي عيدون، انکن مٿي انڪڙا.

(39)

نالو نمونو جن ڪيو "الف" ات آٿي
تنهان پوءِ تاٿي، پهتو ڪونہ پنڌ ڪري.

(40)

"الف" ڪنان اڳي ٿيا، پرين اهي پاڻ
عاشق ان اهڃاڻ، سڄون سوجهي آئيا.

(41)

سک مَ تيجا ساٿيا، ڏوٿيا ڏٿ ڪري
اجان پنڌ پري، سپيريان جي سوجهہ جو.

(42)

نہ ڪي ڏورين ڏٿ ڪي، ڏٿ بہ ڏوٿين ساڻ
پر نہ سارين پاڻ، توءِ روئندي رج ويا.

(43)

گهڻو ڏورين ڏٺ کي، ڏٺ ٻـ ڏوٺيـن ساڻ
ڇپر وڏائون پاڻ، پسي پريان پيچرو.

(44)

ڇپر پير ڏکـها کري، کاهوڙي مَ کير
ان وڙ گـاڏئيـن وس اٿ ڏوٺيـن ڏک، پرائيو.

(45)

کاميو ٻاڦ نـه نکري، ايئان تو منجهان
ڏوٺي کنهن ڏکان، کِهَه ماٺي کِهَه تيا.

(46)

جتي سڌ نـه ٻڌ کا، ڏورين سوئي ڏيهه
کاٺي ڏنير کيهه، ويندي کاهوڙين جي.

(47)

جتي کاهوڙيءَ کنو، تتي ڏس نـه وس
تنهان پري گس، ڏوٺيـن گهڻو ڏوريو.

(48)

اڏري کونـه اتهيـن، جت نـه پکيـن ٽـڙ
تنهان مٿي وڙ، ڏوٺيـن ڏنو ڏٺ جو.

(49)

پير ڪٽنديين پيريين، ستو جاڳيو شينهن
هڪ تتن ڏينهن، پيو مونـڻ تين مهيڻو.

(50)

پير پريان جو جيڏيون، کاهوڙين کنيو
چتو تن چيو، تـه وجي مَ ورجا ساٿيا.

(51)

پير مٿاهون جو کيو کٽي کاهوڙين
اتهين باهوڙين، پهچي کو پنڌ کري.

(52)

ڏونـي ڏوراٽـي ڏيـهـ جِـي، اونـهـي کـيـڙيـن کـيـڙ
انـهـن سـنـدا پـيـر، پـکـيـن کـنـهـن نـہ پـروڙيـا.

(53)

صــــــــــورت..... ....
تـنـهـان پـري چـوءِ، کـو پـريـان سـنـدو پـيـچـرو.

(54)

چـپـر پر چـوتـا ٿـي، ڏونـگـر جـن ڏوريـو
اُنـي تـان گـهـوريـو مـاءُ مـنـهـنـجـو جـنـڊڙو.

(55)

ڏونـگـر جـنـي ڏوريـو چـپـر پـيـر پـيـچـي
وجـودان وجـي، سـونـائـون سـاٽـيـهـ کـي.

(56)

سا مـون ڏنـي جـيـڏيـون، جـا کـاهـوڙي کـي کـيـر
پـرهـان وجـي پَـيـس چـپـر کـيـائـون چـاڙکـي.

(57)

جـت نـہ نـالـو سـجـڻـيـن، اُت ويـنـدن ويـو وجـود
تنهـان پـوءِ سـجـود. پـيـر کـٽـي کـيـو پـيـرئـيـن.

(58)

سالـک سـجـو م وج تـون، پـيـلـي پـيـو مَ کـٽـيـج
تـنـهـان پـوءِ نـٽـيـج، سـنـدو پـريـان پـيـچـرو.

(59)

اوتـيـن ڏنـي ويـئـري، اوکـارئـون اُج
کـاهـوڙيـن سـج، پـيـتـي لـک پـٽـڻ جـي.

(60)

کـپـيـري اوري ٿـي، اهـڏي پـڌائـون
اُتـاهـيـن آئـون، اِجـان ٿـي آئـيـو.

(61)

گنجي ڏونگر گام جي، پيئي جن پرک،
واري سڀ ورق، لوچي لاھوتي ٿيا.

(62)

گنجي ڏونگر گام جي، جنھين پيئي پٽي
ڇڏي ننڊ گھٽي، لوچي لاھوتي ٿيا.

(63)

گنجي ڏونگر گام جي، پيئي جن ٿيٽ
ڇڏي ڪرا ڪيٽ، لوچي لاھوتي ٿيا.

صدا

ويل نہ وسريو ڏک، پريان جو ڏوٿيين
1.راتيان جاڳن ڄڙيون، اُن ڏينھان سور سريو
2.اڳي ويا اڳڻ چڙھي، جن جو سدا چت چريو
3.تن کي ھٿي ھٿي ھاءِ وھي، اُن ٻارڻ اِيءَ ٻريو
4.ھينئڙو انھي " ھُو" ٿيو اوڏاھين اُسريو
5.تن پاڻان پھ پري پيو، واھيري نہ وريو
6." صادق" سار سنگ جي، ان جو نينھن نسريو

صدا

سائيا پنڌ پري، ھاڙھي ڇپر ھلو
1.ووڙ جا وٺڪار ڪي، ڇپر پير ڏري
2.وڏو سفر سائين، ويندا ڏک ڏري
3.حل ڪيائون حليا، پٿي ٻن ڪري
4.پھڻ مٿاھان پيچرا، ڏورياڻون ڏس پري
5." صادق" سائيھ اھڙو وجي ڪونہ وري.

صدا

سائي الله ڪارڻ پير پري ڏج پارانيو هوتن کي
هو دوستن کي ادا، ادا الله ڪارڻ پير پري
1.تون کي چئيج چڱيون، وڃي انهن کي
2.ڪارڻ جن ولاڙي، سيڻ تہ گڏيس سي
3.نوان نياپا نينهن جا، ڏيو ڏوٿين کي
4.سا سا منڌ سا سا منڌ، نہ پوري پرين کي
5.چڙهيو ڏونگر چوٽيين، نايو نيڻ ڏري
6.ڪڏهن ايندا سپرين، مون مٿان ور ڪري
7.باهي باروچن جو ايمان پنڌ پري
8.سيڻ تنهنجا سسئي، پيان ٿيا پري
9.جاڳي منڌ سنجهي، ڪوه نہ وين پير پري

* * *

سرُ بلاول

صدا

تون در ٻيلي لام ڪس ٻيلا الله ري
آءُ پسان نور نبيءَ جو
1.خالق خاص خلقيو هھڙو ڪونه ٻيو
2.هن دران چٽنبدا مورهين ماڳ نه ٻيو
3.ٻريا ٽل ترائيون، اڇي ٻهي ٻيو

بيت

(1)

گهر گنگاجر جڪرو ٻجنگ ساماڻو جِت
تالي "تماچي" جئي، ونءَ طاماعو تت
گهوريو گهار مَ هت، اوسيئڙي اڻ هوند جي.

(2)

ٻيهي ٻن پاتار جت گهر گنگاجر
وڃي سمني سوري، پاسي تنهن جي ٻر
جو ايندن کي آمن چوي، هو ڪري نيڪ نظر
ڪري لهندي ڪر وياءِ ويندي مڱڻا.

(3)

ٻيهي ٻن پاتار جت گهر گنگاجر راءِ
ڇڏ حيلا هن هنڌ جا، تون جڪري پاسي جاءِ
ايندي سکن ساءِ ويلهه ويندي مڱڻا.

(4)

لکين واهن واهڙا، جيئن آدميو اوڙاهه
سمني سرو چنگائيو تو پيئي شاهه گداءِ
راهوءِ جي رهاڻ ۾، نه کو ڏپ نه ڀاءِ
هوتياڻي هٿاءِ، ورهه به اچن وائيا.

(5)

ڪوهه نه جهاريين جکرو، جو ڪامل ڪوٽ ڏٺي
اکيرج اُن پار ڏي، کري گهر گهٽي
خزانا کٽي، ميڙي آندا مگٽين

(6)

ڪوهه نه جهاريين جکرو، جو ڪامل ڏٺي ڪوٽ
لاکيٽي لهر سين، گهٽا رتائين گهوٽ
اتي ڪانهي موٽ، جي آيا سي اگهيا.

(7)

ڪوهه نه جهاريين جکرو، جنهن ڏيهه ڏيا ڏيئي
انگ اگهاڙا جي هٿا، سالن ۾ سيئي
ويلهه تني ويئي، جن گنگاجر گڏيو

(8)

ڪوهه نه جهاريين جکرو، جو نرمل نينهن ڪري
پوڄ پياري پهيڙا، منجهان سک سري
تن کي سڏ ڪري، جي پيا در پونڊي آئيا.

(9)

ڪوهه نه جهاريين جکرو، جنهن پياريا پهي
صورت سمي جام جي سکهي ڪونه سهي
تن ويٺي لک لهي، جن گنگاجر گڏيو

(10)

کوهہ نہ جهارين جکرو، جو سمون سر سين
دائم جنهن جي در تي، ٻيا آسائو اچن
ٻيتو طهورا تن، جن گنگاجر گڏيو

(11)

کوهہ نہ جهارين جکرو، جو سمنئون سلطان
آسائن "عيسو" جئي، ميرن لڌو مان
گيو تن گمان، جن گنگاجر گڏيو

(12)

جن گنگاجر گڏيو، تن اکين ٻيو نينهن
سندو موتين مينهن، ان تان جال وسايو جکري.

(13)

ڏنم ڏاتار ڍِسن جا، جي تا نيٽين کن نهال
تو تري هيکڙو، اتن اِيءَ احوال
اچي "ميران پور" ۾ مڱڻي حاصل کيو حال
کهڙي کريان ڳالهہ، شاهہ تنهنجي شان جي.

(14)

کامڻ چيو کنت کي، ٻيرو ٻيچ مَ ٻان
وچ "ميران پور" مڱڻا، جت کيرت ٻچي کانہ
کوٺيو کري کيترا، اڻ ڳڻيا احسان
ساماڻي سلطان، ٻکي ڍهرت ڏيهہ تان.

(15)

کامڻ کهي کنت کي، هاٺي حيلا چڏ
"ميران پور" ۾ موج ٿي، واڻہ سلطاني سڏ
جت ٿئي واصل سيکو، توڻي وِچا ڏڏ
ايءَ ٻر هٺي نہ هڏ، کامل ري ڪِٿهين.

(16)

پانڊپ سين نہ پاريان، سهسين پيا سردار
مثل آهي مينهن جيئن، سخي تنهنجي سار
حاتم هفت هزار، ٻُجهڙ تنهنجي جهپيا.

(17)

ٻُجهڙ تنهنجي جهپيا، هزارين حاتم
جي ڪوجهن جا ڪم، سي ڪامل ري ڪير ڪري.

(18)

جهڙس ڪونہ جهان ۾، سنڌ، سورت، هند هوءِ
وجي رهہ "رنگريز" چئي، لڏي تنهن ۾ لوءِ
جو ڳهٽڳهريو ڳهٽي پرين، چڱو سيڪهين چوءِ
منهن پنهنجو منگتا، ٻئي در ڪهين نہ ڏوءِ
شفيع چار سندوءِ، ماڻ پسي حال هٿ ڏري.

(19)

جهڙس ڪونہ جهان ۾، سنڌ، سورت، هند هاڻ
وجي رهہ "رنگريز" چئي تن پالوتن ساڻ
در دانا منگ مڱڻا، ٻئي جي سهہ مَ ڪاڻ
پاتوندر پاڻ، ماڻ پسي حال هٿ ڏري.

(20)

پاڻ ڏٺيءِ پيدا ڪيو جڪرو جوڙي
ڪيهر جيئن ڪر ڪنيو، تو مل مچون موڙي
جڏهن گهوٽ چڙهيو گهوڙي، تڏهن عالم آسودو ٿيو

(21)

جڪرو سڪرو، پيا سڀ آنيراءِ
جيئان جڙيو جڪرو، تيئان نہ پيا
مٿي اِنَ ماڳا، اصل هئي ايتري.

(22)

جيان گهڙيو جڪرو، تنهن منيءَ ڪونهي ملهه
بادشاهه پيدا ٿيو اصلي املهه
گهر مڙئي گل، ڏني جنهن ڏهرت لهي.

(23)

سمون سوالين سين، هڏهين نه هيٺون
وندي ٿو وڙن سين، خالق خزينون
جي ستيءَ جا سيڪڙو تن ڏيو ڏي ڏيٺون
تيلاه نيٺنٿون، گهر گنگا جر جڪرو.

(24)

سمون سخاوت جي، ايو پاري ٽي ڙ
ڪوٺيو ڪنگائن ڪي، ڏٺي دلاسا ڏڙ
مٿي ولهين وڙ ڏينهاٽي ڏاتار جا.

(25)

صِفون سوالين جون، راءِ وٽ راتو ڏينهن
اُتندو تيٺن اوت ڪري، جيٺن منداٿتو مينهن
قرض ڪديين تون ڪيٺن، داتا هوندي ديس ۾.

(26)

صفون سوالين جون، راءِ وٽ رات ڏينهان
ٻڏيو مالڪ موڙيون، ڏٺي تو گهوٽ گهران
مسڪينن تي موج ٿي، داتا جي دران
پيا تن پران، جي ڏيني ٿيا ڏاتار سين.

(27)

صفون سوالين جون، راءِ وٽ رهاٽي
پسين جي " پيرو" چئي، هلي هوٺياٽي
جو ڏيڪاري ڏاڻن ڪي، خزاني ڪاٺي
ڏارتون ڏينهاٽي، تو پڇي گهوٽ گهٽن جون.

(28)

آءُ طاماعو تو در، پنان گهريو ٻِ ٻِٽِ
توڙان طالبن کي، اَچين پهون ۽ پوتِ
ڏيئي مرتبو معنوي، جياريو جڳت
تون ڏاتارن ڇٿ، اَجهو اپوجهن جو.

(39)

گنگاجر جي گام ۾، جي وڃي رات رهيا
ماڻڪ ميڙي مڱڻن خزانا کنيا
جي ويلي سروهيا، تن کي ٻکي جان نا ٿيئي.

(30)

گنگاجر جي گام ۾، جي پهتا پري پير
تن کي سدا گونرن گيس، تي راهوءِ رات بخشيا.

(31)

گنگاجر جي گام ۾، وڃي ڇو نه وهين
حقيقت پنهنجي حال جي، سمي ڇئج صحيح
ٻاجهائي ٻڌي، ماڻ اکيون کڻي آس جون.

(32)

گنگاجر جي گام ۾، وڃي گڏ گذار
جي تو اوسيئڙو اڻ هوند جو، ته گهوريو هٿ مَ گهار
اَيو "آمن" چئي، ناکس کير نهار
جادم جام ٻجهاڻ ته ويلهه وڃيئي وسري.

(33)

جادم نه جکرو، نه گهر گنگاجر
تو سندي ترجيتري، کنهن نه پاري پر
آيا "ميران پور" مڱڻا، ساز کياٿون سر
تن کي تنهنجو در، اٿي پهر اکين ۾.

صدا

سِڪون سيئي پنيون، او اڱڻ تو آئي
1.جان ڏنائون پير جان ڏنائون پير
منڍي اڱڻ آئيا، سونهڻ لڳا سير
2. يا رب يا رب توکي مڱان
توکي مڱي جي مان نينهن سيکو تان
3. کوسو واءُ نہ واريين، آلا آلا کيچ وڻن تان
اي آءُ سڳر لڳڙي، اي سات جي سونهان.

* * *

سرُ پورب

صدا

سچڻ مَ ـِ نَ منجهان، مون کي آيل ويا نہ وسري
اوسيڻ ڪيئن وڃن وسري، آيل اکين جي ڏنا
1.جهڙا وڃن وسري تهڙا تان نہ هئا
2.ڳجهي ڳالهڙين سين، منهنجو موهي من ويا
3.سچڻ ڳالهڙين جا ڳجهاندر هئا
4.درماندي دل جا منهنجا دارون دوست هئا
5.هَرو هنياري پر ٿا آئين پلو مان پريا.

بيت

(1)

پورب پورب تب ڪران، جب هينڙي آون پور
سڪندي کي سڄڻان، نڪون وهايون نور
ماريس تنهن مذڪور، جيئن ساجن سچي نہ ملي.

(2)

پوريا پوري ويا، آسڻ آڏيءَ رات
سيون ساسين جون پچارون پريات
جوڳي ڪا جا ذات، مت نہ معذورين جا.

(3)

جوءِ جيڏانهين جوڳيين، منهنجا نت تيڏانهين نيڻ
آيل آديسين جا ورهہ نيڙم ويڻ
ڪري سياسي سيڻ، هينڙي حال پرائيو

(4)

جوءِ جيڏانهين جوڳين، منهنجا نيڻ تيڏانهن نت
آيل آديسين کي ڏي چاڙهيڪا چِتِ
سامين جو سنگت، ساريو ٿي سور چران.

(5)

تنين مڙه نه اڏيا، جت جوڳي جي هٽا
ويا هينئڻ ويا، راول رتين ڪپڙين.

(6)

جان مڙهيءَ ۾ منهن پائيان، تان جوڳي ويا جامير
پيا پوچيندس ڪيس، ڏانهن ڏوپ ڏري.

(7)

مڙهه پوريا، مات ٿي، تڪين ناهه تنوار
ويٺي ڳٽيان ان جا، مٿي اگڻ پار
سامي سڀ جمار، ڏيئي ڏک وات ٿيا.

(8)

الف جنهن جي آڳ ۾، سا ست سارياڻون
لڙيا ڪين لسان ڏي، قلبئون ڪيياڻون
"لامقصود في الدارين الاالله" ان پر اورياڻون
سگهر سورياڻون، ٿيا رسيلا رب سين.

(9)

"الف" سندي آڳ ۾، سجهي ڪونه شريڪ
چوڏس سجڻ سامهون، اندر روح رفيق
تن ۾ جو تحقيق، سو سجاتاڻون سپرين.

(10)

"وحدَه لاشريكَ لَہٗ" تا نانگا نهارين
"وَ فِي أنفسكُم أفَلا تُبصِرونَ" اها ست سارين
کنهن ويل نہ وسارين، تا پسيو پسن پرينءَ کي.

(11)

"وحدَهٗ لاشريڪَ لَہٗ" ٿا نانڪا نهارين نتِ
سڳي جا سور جي، سا چوري رکيائون چتِ
هلي ويا هتِ، جت نہ هڻڻ جو نجهرو.

(12)

نہ هڻڻ جو نجهرو، نانڪن نهاريو
آديسي لنگهي ويا اورئين اُمارو
سامين سوارو، سبق پڙهيو سور جو.

(13)

سائي هيت سائي بيت، سائي ڪمر ڪسو
جوڳي جنبي هليا، ڏيئي تن تَسو
راه ان جي رسو جن نات نمايو نانهہ سين.

(14)

سائي هيت، سائي بيت، سائي ڪن ڪلهن
پيون ڏنائون پين ڪي، اِيءَ وهہ ويراڳين
اُت ٿا بيڪاري بڪن، جت ناهہ نهايت نينهن جي.

(15)

سامين سور پرائيو، اجان رتيءَ ريهہ
پيشنديشي پر ٿيا، وٺي سندي ويهہ
مال نہ موهيا ڪاپڙي، خاڪ خزانو ڪيهہ
ڏوري ڏوري ڏيهہ، وجي نانگا گڏيا نات کي.

(16)

ڪامي ڪامي پرينءَ لئي، ڪسي ٿيا ڪباب
تون ڪيئن پڇين تن کي، سندو ذوق جواب
ڏيو دل کي داغ، وجن "ڪين" ڪلهي ڪيو.

(17)

سامي چائين سڪ طلبين، سڪين نہساميو
اجهان اورئين پنڌ ۾، تان ويئين وسامي
گوتن تون نہ گڏيو، ٿو چائين انعامي
سامي مدامي، پوتو رهيج پرين سان.

(18)

يج ڏہي، ڪر ٽڪريون، ڪِڏائون ڪانئي چڏ
جوڳي بجنب جابان ڏي، مڙهي مور مَ اَڏ
وانءُ تني جي سڏ، جي نگيا "نانهہ" ڪلهي ڪري.

(19)

يج ڏہي، ڪر ٽڪريون، ڪڏائون نيئي ڪانءُ
ڪر تنهن ۾ تڪيو جتِ نسوريائي نانهہ
پيهي منجهہ پريان، فنا ڪج فڪر ڪي.

(20)

چڪر چوتا، چيلهہ بند، پس آڏوتي آسڻ
ڪونرا، چلم، ٽوپيون، تن جا برهہ جا باسڻ
ستا ڪين سڪ تي، سامي سنگهاسڻ
"تخلقون باخلاق الله" اِي لاهوتين لڇڻ
جن چڏيا چتِ چڪڻ، سي نانگا نينهن نماز ۾.

(21)

چڪر چوتا، چيلهہ بند، پس بابو بيڪاري
سور ڪيائون سامهان، ڏيئي ڏيڪاري
"لقد خلقنا الانسان في ڪبَدِ" اِي
اُتن اوساري.
تن سامين ڪي سنسار ۾، واري وو واري
جن ڪڙه اندر ڪارِي، سي نانگا نينهن نماز ۾.

(22)

چڪر چوتا، چيلھہ بند، تن ھنيان لاھيا ھَٽ
آيا پرين پار ڏي، سامي ڏيئي سَٽ
سرڪيون سورن گاڏيون، ويئا وڻين وٽ
جي اندر گھايا گھٽ، سي نانگا نينھن نماز ۾.

(23)

چڪر چوتا، چيلھہ بند، پس ڪَھَ ڪَھَ ڪا بولين
اَئو پهر اندر ۾ وھہ وھہ ويراڳين
سچر سور سرير ۾، آھن سئہ سئہ سناسين
جي ٻي ڪانہ ٻجھن، سي نانگا نينھن نماز ۾.

(24)

پنن جو پٽ ڪٽي، سو جي سڃاڻن
تہ ٻَر منجھہ بيڪ لھن، ڍِھر نہ پنن ڪاپڙي.

(25)

پرين جي پرڏيھہ ويا، ڪانگا سيئي ڪوٽ
جنين ري جھان ۾ اکڙين آروٽ
ميان لڳ "محمود"، چئي ڪج ڪارا جون ڪوٽ
ڏمريا ڪنھن ڏوٽ، سي اڏامي آڻ پرين.

(26)

ڪانگا ڪر ڳالھڙي، ڪنھن پر گڏيو ٻيءِ
اڪنديو آھون ڪري، جانب ڪارڻ جيءِ
سلج سِڪھو ٿيءَ لڻون ڪين ايندا پرين؟

(27)

ڪانگل قريبن جا، اچي مون وٽ ويھہ
تون جو ڏسي آئين، سندو سيڻن ڏيھہ
سکن منجھہ ساٿيھہ، ڪين سکيا ڏنئي سپرين؟

(28)

ڪانگل قريبن جا، اُڏامڻ لڳ الله
آءُ جو ڏيانءِ سنيهڙو، سو سانڍ برابر ساهه
ڳجهه اندر جي ڳاله، ڪج مَ قريبن ري.

(29)

ڪانگل قريبن جا، اچي واءُ وڻ
تو ۾ پوءِ "بلاول" چئي، مشڪ ڪٿوري مڻ
اچين ٿو عجيبن جو اورانگهيو اگڻ
توکي ڏسي تڻ، سورنئون صاف ٿيو.

(30)

سور نئون صاف ٿيو، تن پسي توکي
بيٺين چو "بلاول" چئي، چانين پر چوٿي
چڙيو ڏيل ڏوکي، اچڻ سان عجيب جي.

(31)

ڪونيو ڪوڪيو ڪانگ کي، رويو رويو چوءِ
آءُ جو ڏيانءِ سنيهڙو، سڻ تون اُبي سو
ڳَهه، مون چيو جو ڪيئن چونديڻ پرينءَ کي.

(32)

پيو آهين پٽ ۾، ڪانگا ڪوهه ٿيوءِ؟
اڳ اُس نہ ڪونہ سهين، اڄ سارو ڏينهن سَڀ ٿوءِ
پسي حال سندوءِ، ڪانگن ڪانگيرو ڪيو.

(33)

ڪنهن در ڏيان دانهڙي، پورب ماريان
متيون ڏيندي لوڪ کي، چري پاڻ ٿيان
جنهين نہ جيهيان، لئون لڳي ان سين.

(34)

مـتـئـي راه روان ٿـيـا، پـورب پـوريـائـون
ڪـا جـا اور عـجـيـب لـئـي، انـدر اوريـائـون
پيا گهر گهوريـائـون، هـڪ رام رڪـيـائـون روح ۾.

(35)

جـوڳـيـن سـنـدي ذات ڪـي، ويـس نـہ وڏائـي
جَہ هـنـجـهـي ڏوڙ لڳـن ۾، چـتـن ۾ چـائـي
مـٽـائـي وائـي، سـامـي صـبـر سـڪـيـا.

(36)

جي پـائـيـن جـوڳـي ٿـيـان، تـہ طـمـع ڇـڏ تـمـام
گـولا جـي غـلامـن جـا، تـن جـو ٿـيءُ غـلام
تہ نانگا تنهنجـو نـام، لـکـجـي لاهـوتـيـن سـيـن.

(37)

نـانـگـا وڃـن نـڳـيـا، تـون ويـسـلـي مَ ويـهـہ
چـنـو سـڱ، سـنـاسـيـن، ڏيـهـہ ڇـڏيـوئـي ڏيـهـہ
"صادق" ويا ساٿيهہ، سي ڪرمين ملندئي ڪاپڙي.

(38)

اڄ نـہ اوطـاقـن تـي، جـاڳـر جـوڳـيـن جـو
سـاري سـنـاسـيـن ڪـي، جـي رونـدهـيـن تـہ رو
پـس پـاسـيـا تـو ڪـر لاهـو لـڏي ويـا.

(39)

اڄ نـہ اوطـاقـن ۾، سـنـدي جـوڳـيـن جـوڙ
آيـل آديـسـيـن لـئـي، ڪـامـي ٿـيـس ڪـوڙ
مـن جـنـي جـي مـوڙ سـي نـانـگـا ويـا نـڪـري.

(40)

اڄ نـہ اوطـاقـن ۾ طـالـب تـنـواريـن
ويـا ويـراڳـي نـڪـري، مـڙهـيـون مـون ماريـن
جي جيءُ کي جياريـن، سـي نـانـگـا ويـا نـڪـري.

(41)

اڄ نہ اوطاقن ۾ ونهيان ويراڳي
ساري سناسين کي، جيجان آءٌ نہ جاڳي
وِرهہ جن جي واڳي، سي ناڻگا ويا نڪري.

(42)

اڄ نہ اوطاقن ۾، تازا پسجن ڪک
ويا ويراڳي نڪري، پيئي اڏامي رک
تَن جن جي تک، سي نانگا ويا نڪري.

(43)

اوچل ڪوڻا نگيا، چڪي چنائون
سڱيا، سيلهيون، سڱيون، نال نہ نيائون
اتي ڇپيائون، تہ آهي بود نابود ۾.

(44)

کهنا ڏنر ڪاپڙي، ڪندا جن ڪپار
عمر سڀ ڇمار، اوريندي اٿي ويا.

صدا

ڪڏهن سي ايندا، آديسي آسڻ تي
1.ويني نت نهاريان، وو وو سامي مون نيندا
2.جاتا ڪنديس جوڳيئين، وو وو آءٌ آيل اميدا.

صدا

مون کي تو منگهت ماري، جيجان جوڳيئڙن جو
1.ڪا جا واٽي وات ويراڳين جي، سا نہ سلائين ساري
2.جتنائون جاتن تي، آيل وار وڏائون واري.

صدا

سـي مـاءُ سـامـي مـون، ويـرو تـار نـہ وسـرن
سـي مـاءُ جـوڳـي مـون، ويـرو تـار نـہ وسـرن
1.رَمـي گـڏيـا رام کـي، ڏوري ڏاڍڙي پـون
2.الـک اکـڙيـن ۾، اوءِ تـا پـولـيـن تـون هـي تـون
3.روح رتـائـون رام سـيـن، تـيـن پـاجـهـہ پـهـون.

صدا

پـلا پـاروچـا، مـوتـي مـنـهـنـجـي سـار لـهـنـدا
1.اِي پـر پـاروچـن جـي، جـٺـن هـيءَ کـمـيـٽـي نـيـنـدا
2.ڏکـيءَ کـي ڏکـن ۾ مـور نـہ چـڏيـنـدا.

صدا

هيءَ ويـٺـيـن منـجـهـہ وڙال، آن کـي گـڏيـا هـوت مـنـهـنـجـا
1.مـاءُ مـنـهـنـجـي جـوڳـيـن، کـنـيـن کـنـر لال
2.کـکـوريـائـون کـپـڙا، آيـل رتـائـون رومـال
3.کـڍي هـنـئـيـن مـان کـاپـڙي، اوءِ لـڏي هـلـيـا لال.

* * *

سرُ ڪاموڏ

صدا

يلا الله اي مولئ هيڪڙن، من رتو چام تماچيءَ سين
اڏيءَ اوڏي نا تنئي ڪچل را او وو نہ چٺائين
يلا الله سي مي مورائين، من رتو چام تماچيءَ سين
1. ايڏي اوڪر آتيئي مَچ نہ پيو مي، هي جي آيا واسنگي يورن يمن ڏي
جيءَ ڏنائين جيءَ سمي اريءَ تي، جيءَ ڏنائين جي سمي اريءَ تي
يلا الله اي مرڪي مهاڻي، هيءَ جا سمي چام سماڻي
يلا الله مي مورائين من رتو سمي چام سين

بيت

(1)

اڄ ساءِ سرودَ ۾، ڪيجي جو ڪاموڏ
مٿي ڪنورَ ڪڪوريا، هيٺ لهرين لوڏ
جيئن سمي گهر گندرا، تيئن لاکي گهر اوڏ
تماچي تنبور تي رات وڄايا ريل ۾.

(2)

تڙ تماچي آئيو وري تي وراڻ
ڪينجهر ٻنهين ڪنڌئين، تي راتو ڏينهن رهاڻ
جيلان ٻرچي ويلو ٻاڻ، تيون مرڪن مڇيءَ واريون.

(3)

تڙ تماچي آئيو تماچي تڙ راءِ
تماچيءَ جي تڪيي، تون تماچي گهاءِ
تہ تماچي ملا، تون تماچي تيين.

(4)

سرڪن ملاحن جا، مٿي پانڌين پار
سنڌين وڏين گندرين، پوئي پاتا هار
وڏي چار چمار، جنهن اڇي انعامي ڪيا.

(5)

مي مهاڻي مڇيءَ هاڻي، ميري ملاحڪي ڏيءَ
گاڏي چاڙهي گندري، نيئي نوازيئي جيئن
مون تان ڪج مَ تيئن، مڇڻ ڪوجهي چونم ڪي پيون.

(6)

مي مهاڻي مڇيءَ هاڻي، آءُ ميري گهٽو ملاح
مون تان ٻاجهه مَ لاهه، مڇڻ ڪوجهي چونم ڪي پيون.

(7)

مي مهاڻي، مڇيءَ هاڻي، ويني وجهان واجهه
مون تان لاهه مَ ٻاجهه، مڇڻ ڪوجهي چونم ڪي پيون.

(8)

مي مهاڻي، مڇيءَ هاڻي، سنڌي جنگ، جهپير
ري سهاڳ تنهنجي، مون ڪي چاڙي ڪير
مونهان منهن مَ ڦير مڇڻ ڪوجهي چونم ڪي پيون.

(9)

تون سمون، آءُ گندري، مون ۾ عيب اپار
پسي مٺڪا ٻار، متان مان گهر مٽيين.

(10)

تون سمون، آءُ گندري، مون ۾ عيب ويهه
پسي مٺڪي ڏيءَ، متان مان گهر مٽيين.

(11)

تون سمون، آءُ گندري، مون ۾ عيب لک
پسي مئڪا ڪک، متان مان گهر مَ ڏين.

(12)

متان ڪي من لوڏيين، سڀ پاريندو پول
نندين وڏين گندرين، هلڻ نه تيندا هول
ڪينجهر جنهن ڪان جهول، ٿيو معافي ملاحن کي.

(13)

سمون سينڌون اڳرو، سمي ڪونهين مل
جنهن وڏو واءُ رمز سين، ڪه لاهي ڪل
پکي پکي گجرين، ٿيو هاڳامون ۾ هل
جن اندر آهس اهل، سي اگڻ تماچي آئيا.

(14)

سمون سينڌون اڳرو، سمي ڪونه جهو
جنهن وڏو راءُ رمز سين، اَپر عشق اهو
جنهن لڌو نينهن نهو، سي اگڻ تماچي آئيا.

(15)

سمون سينڌون اڳرو، سمي ڪونهين ثاني
جنهن ڪيو جهنگ جلوس سين، آهس عرفاني
تڙ تڙ تماشو ٿيو نرمل نوراني
جي فڪر منجهه فاني، سي اگڻ تماچي آئيا.

(16)

سمون سينڌون اڳرو سمون ساڻ سين
جنهن ظاهر ڪيو ظهور ۾، سَچيو صورتن
اچي پيئي اڳري اِيءَ محبت ملاحن
جي وڃان پاڻ وجن، تن اگڻ تماچي آئيو

(17)

سَرَ ۾ سڀ سهاڳڻيون، سيني ڳچيءَ هار
پسڻ ڪارڻ پرين جي، سيني ڪيا سينگار
ڍول تني جي ڍار، هيناهيون هلن جي.

(18)

سَر ۾ سڀ سهاڳڻيون، سيني ڳچيءَ هَس
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، وڏائي ڪن وس
ڍول تني جي گس، هيناهيون هلن جي.

(19)

سر ۾ سڀ سهاڳڻيون، سيني ڳچيءَ ۾ طوق
پسڻ ڪارڻ پرين جي، ڪن وڏائي ٺوڪ
ڍول تني جي جهوڪ، هيناهيون هلن جي.

(20)

سَر ۾ سڀ سهاڳڻيون، سيني منهن جران
سيني اٿين پانئيو تہ ايندو مون گهران
پيئو تن دران، جي پسي پاڻ لڄائيون.

(21)

سر ۾ سڀ سهاڳڻيون، تنهن نوريءَ نينهن نَيون
جنهن کي ساهہ سنيون، ٿو تن ۾ تماچي تَري.

(22)

سر ۾ سڀ سهاڳڻيون، تنهن نوريءَ نينهن اَپار
جنهن کي ويروتار، ٿو تن ۾ تماچي تَري.

(23)

سر ۾ سڀ سهاڳڻيون، نوريءَ وڏو نام
وڃائي وجود کي، جان رکيائين جام
تماچيءَ تمام، تور تراري ناههِ ڪا.

(24)

نڙا، نتر، پيڙيون، جن جا ستائون سوئا
تن کي لوئي چام هتن سان چندن ۾ ڇٽا
سي ڪينجهر پنهين ڪنڌئين ڏسن ڪين ڏٺا
هو جي ڏيندا ڏن هٺا، سي اِن پر انعامي ٿيا.

(25)

نڙا، نتر، پيڙيون، جن جا تالڪ ترين ٻِرن
تن ڪري ڳالهيون ڳجهيون، چام ڪوئيو منجهہ ڪن
جن ڏنا ٿي ڏن، سي ان پر انعامي ٿيا.

(26)

وڏا طالع تن جا، نوري جن جائي
لکين پانين جاجڪين، منجهہ ڳجهن ڳائي
اڳيان اچي ان جي چڙي وڃن وڏائي
سب جڳ ساراهي، جي جيڏس ڪونہ جهان ۾.

(27)

وڏا طالع تن جا، نوري جائي جن
پلنگن پير ڏيو اچيو چام ويهن
متي ملاحن، ٿو تِر تماچي نہ سهي

(28)

تخت، بخت، تڙ، تماچي، نوريءَ کي نمن
پن پنيون، ڪم ڪريون، متي جر جهرڪن
سهسين راڄ، "سيد" چئي، پاسي تنهن ٻرن
سي ملاح ٿي مرڪن، جن جو صُلح سلطان سان.

(29)

ڪٿيو ڪٿوري، هيءَ مي مچي ماري
مرڪ جنهن جي ماٿين، ڪاري ۽ چاري
سا تخت مٿان توڙان ٿي آڻي آڌاري
ڪوڏان ڪرمشون ڪيان، هو جي هزاري
جيلان عشق آچاري، تي چارو چار هٿ ۾.

(30)

عشق آچاري، تي چار هٿ ۾ چار
سي ٿي تيا انعام، ڪامڻ جي قربائتا.

(31)

ڪوءِ سميون، ٻن سومريون، جي اچن اونچي گهاٽ
مرسي ڪينجهر چاٿيون، تماچيءَ جي تاٽ
راتي ملا رات، مالڪ مي پراٿيو.

(32)

نه ودي نه وکٽي، نه ماري، نه ڏاري
آهن سَ ڀهن ساهميون، ڏريان نه ڏاري
کارو وڏاٿين کهه ۾ نرتٿون نهاري
ساٿي ٻر پاري، جا سمي گهر سپجي.

(33)

نه ڪنهن چاٿو چار ڪي، نه ڪو چار وياءُ
ننديين وڏين گندرين، ٿيو سمون چار سياءُ
"لَمر يلِدولَم يولَد" اِي نزاڪت نياءُ
جو "ڪبر ڪبريا"، سو تخت تماچيءَ چار جو

(34)

آهي هن اکين ۾، ڪو جو ڪامڻ مي
تنهن نير پايو ٿي، تن تماچي چام جو

(35)

نوريءَ ڪٺي نوازيو تيو تماچي تي
ڳاڙهي ڳاڙهي گندري، ماڙهو ڪيو مي
ڪينجهر چوندا ڪي، تہ سچ سيائي ڳالهڙي

(36)

گند جن جي گوڏ ۾، ڪلهن سر ڪڙهيون
آڙا پرين جي اچيون، مٿن تن موڙهيون
سي اڄن سنيوڙيون، سمي جي سلام تي

(37)

ڪِڪيءَ هاٿيون ڪاريون، ڇڇيءَ هاٿان ڇڄ
پاند جن جي پاند سين، لڳو تئي لڄ
سمون چام سهڄ، ايو ڪري اُن سين

(38)

چام اڳيان جي چائيون، تن جي نرت نوريءَ کي نانهن
سي ڪين نہ ڪاڄ ڪنهن، وڃڻ ڪنهن نہ وهان
ڪينجهر ڪنڌيون ڪانهن، جن جو تماچي تڪيو

(39)

ڪوڏان ڪرمغ جِت ڪيا، گمجيو گندرين
راءِ ريجهايو ريل ۾ مرڪي مهاٿين
ات سچي رات سمين، ايي نيڻ نچوئيا.

(40)

هَريا پٽ هوند سقرا، ريءَ لتائي لال
ڪِهڙَ ۾ ڪڍن گندريون، طرح وڃايو تال
سمون ڪري سنڀال، اچي تخت ويٺو تن جي.

(41)

چار وڃهندي چام، ڏٺي ٻونديءَ منجهئي ڊيل
نياڻين تن تماچيءَ جو، روح وٺي منجهہ ريل
اکيون اکين لڳيون، ٿيون ڪن ڪنوٽين جا ڪيل
جڏهن من ڪيو ميل، تڏهن نوري ٿي ناز ڪري.

(42)

چام تماچي آئيو منٺي تڙ تناهہ
اچي پيس اوچتي تنهن نوريءَ تي نگاهہ
تنهن کي گندري چوڻ گناهہ، جنهن جي جهوليءَ
چنڊ جهلي پيو

(43)

اول نوريءَ ناز سان، ڪيو عرش اهاءِ
"صادق" چنڊ نہ سج جو هو اهو صورت جو شعاع
مهاڻيءَ مهانڊ، ٿي تماچيءَ تنواريو.

(44)

ڪڙهيون ڪنورن هٿ ۾، چام ڪلهي تي چار
راڻين جي راءِ پٺي، ڪيو شاهہ شڪار
جڏهن عشق ڏنو آڏاڻ تڏهن تور ٿراري اڳرو.

(45)

ماڻهو چونم مي، آءُ آهيوڙياڻي آهيان
ٿوري جي ٿرن جا، مونهان پليرا سي
چام تماچيءَ جي، نام نوازي آهيان.

صدا

الله ٻلا تي تورّان ٿي، مون مڱيو توهَ، تنهنجو
1.آءُ آڳلي آهيان، وو ميڻن سندي مي
2.سسيون سينٿان اڳريون، ٻانيان ٻليون سي
3.ٻاند لڳوئي ٻاند سان، تو لڳو لڄ ڪري
4.ٻاڻ لڄايس ٻاڻ ڪان، مر طعنا ڏينم تي
5.توڪان ٿي توڪي مڱان، ٻيو "صادق" ڏيڄ مَ ڏي.

* * *

سرُ ڪارايل

صدا

جي ڇاڻان جيئن ويندو سائي ادا اي سپريان جي سانگ
1.توسينءَ ويلو نہ ڪريان، هوند وڃ وِهايان رات.

بيت

(1)

هنجهڙا سا پريت ڪرو جاجر سر ڪول ڪرين
لڪين لهرين لوڏيا، تون رنگ نہ متائين
پرهہ پاپوهين، وڃئين ونڪ وترا.

(2)

جان ڪوجيئن ڏينهڙو تان هنجهہ مَ ميرو وت
گهنگهر وجهہ مَ گهٽ، سِر تان سِرِ ڪيترا.

(3)

جي گهڻو ڪري نهارئين، هنجهن سين هيڪار
تہ ٻگهن سين ٻيهار هوند ٻيلهہ نہ ٻڌين ڪلهين.

(4)

هاج تنهنجي هنجهڙا، ڪنڌيءَ ڀر ڪيهي
پئون لاءِ پاتار ڀر، وجين نہ پيهي؟
مان گڏجن ٿي ڏيهي، جي سوڏيون ڏينئي خبرون.

(5)

چارو هِنيون ڪارو ڪري، تون لڙ ڪان لاشڪ ٿيءُ
اڏام اچي سامهون، تون پاڪ نهاري پيءُ
چلڙ ۾ چهنج هڻي، جوڪي وجهه مَ جيءُ
اونهون جت اچو وهي، پاڪ نهاري پيءُ
هنجهه حضوري ٿيءُ ته ماڻين ڪنول ڪولاب جو

(6)

جتي ڪنرا لوڙيون، جو پني ڏاري
سوئي سَرِ ساري، رنو رات هنجهئين

(7)

جتي ڪنرا لوڙيون، پيئن من متيون
اُڪيرون ڪيون، ٿي سر متي هنجهڙي

(8)

مورن ماندائا ڪيا، سَرِ تي سانجهيءَ وار
سٿون ڏين سين ڪي، ڪارايل ڪنڌار
ماري نانگ آهار وهه پيتائون وٿئين

(9)

موران مونڻ ميهڻو نانگ نه ٿيون ڪن
ڪارايل ڪارن ڪي ڳاراٿيو ڳِهن
پيون ڏيئي پن، وَهه پيتائون وتئين

(10)

وڻ چڙهيو وايون ڪري، ڪارايل مياس
ڪي تو چورياس، ڪي مون سجڻ ساريا

(11)

سج لهي سانجهي ٿي، وڻن هنئي ونڪ
ساجن تنهنجي سِڪ، مونيو ماڳ نهاريان

(12)

سچ لهي سانجهي ٿي، پکي پون وٺين
ساجن پنڌ گهٽي، ڪٽيو نيڻ نهاريان

(13)

ڪٽيو نيڻ نهاريان، اچڻ ويل ٿيانِ
سون ورنا سپرين، لاڪيٽي لوڏانِ
اچي جا سيٽان، ساڪيهہ ڪنوري پانشيان.

(14)

پکي پکين جهڙو پکي پکيان جي ذات
ڪا جا لنئي لات، تنهن لهن ڪت قلوب تان.

(15)

پکي پکين جهڙو، پکي پکيان جي ذات
سيئي سوجها سِرَ جا، سيني وحدت وات
باهوتائي بات، لَسلي ري ڪير ڪري.

(16)

سپون سوجهي آئيو سائو سمنڊ منجهہ
ڏوري وڏي ڏک سين، گنوهر لتائين گنج
پکيئڙو پيهي ٿيو سندو مائر مننج
جان هڏ جا نکي هنج، تان لعلون لکيون نہ وهين.

(17)

سر سکي سال ٿيا، هنجهہ هريوئي پير
ڪنگ ويچارو ڪيس جو رسي انهيءَ رمز کي.

(18)

هيءَ سر اهوئي اڳيون، تا پکي پون پيا
جن لميو لاتيون ڏنيون، سي هلي حق ٿيا
پاتوندر پيا، وجي ڪوثر ڪنڌيين.

(19)

هينئڙي سڄڻ ساريا، ڪئي هوندم هير
"وَفِي أَنفُسِكُمْ أَفَلَا تُبْصِرُونَ" پڪين اهي پير
واهيري جيءَ ويس پسان چوڪس چتِ ۾.

(20)

هينئڙي سڄڻ ساريا، ڪئي هوندم هير
واهيري جيءَ ويس اڄيو چٽڪن چت ۾.

(21)

پينا انت عميق ۾، هنجهه نهاري هوءِ
ماڳ جنين مالڪين، ريهه تنهن ۾ روءِ
چورياڻون چاءِ پئي، خاطر منجهان خوءِ
اَمل آڻي اوءِ، هارياڻون هن حد ۾.

(22)

آهي انت عميق ۾، سندو هنجهن هنڌ
جوهرين جي جوءِ تي، آهن راتو ڏينهان رند
چورياڻون چاءِ پئي، امل جو اَرند
جو پڻ ڪڻن ڪنڌ، تہ پڻ موتي آهين منهن ۾.

(23)

پيلا انت عميق ۾، نڪونج ساڻ نرت
ماڳ جي ٿي مالڪين، تڪيا ڪياڻون تت
چورياڻون چاءِ پئي، موتي مالڪ مِت
هينئڙو آهي هت، ڪٽي هارياڻون هن هنڌ ۾.

(24)

وينو جيئن وماسيين، حيرت پئي مَ هنج
اونهون جت عميق وهي، تيان ڏوئي لاهج ڏج
ساجهر صبوح سنجهه، اورج تون عميق سين.

(25)

وينو جيئن وماسيين، حيرت پئي مَ هڏ
لاتيون جي لباس جون سي ڇپائي ڇڏ
تن طالبن گڏ، تہ ويجهو ٿئين وصال کي.

(26)

وينو جيئن وماسيين، حيرت پئي مَ هاڻ
اونهون جت اڇو وهي، ماڻڪ تيان ساڻ
تن طالبن ناڻ، تہ ويجهو ٿيين وصال کي.

(27)

وينو جيئن وماسيين، حيرت پئي مَ هور
اونهون جت اڇو وهي، گهڙي تيان ٿي گهور
ڏنيون هڏ مَ ڏور، ڪا سوجها ڪج سمونڊ جي.

(28)

لئي لئي لاهوت ڏي، ٿو نڪونج نهاري
سوجهو ٿيو سر جو، پينو پاتاري
آٿيو آڇاري، موتي جي مهراڻ جا.

(29)

سر ۾ پکي هيڪڙو پاريڙين پنجاهہ
سندي آس الله، ٿو لڏي لهرين وچ ۾.

(30)

هنج سدائين ڏيرا، پکي پيا مچن
ماريءَ سندو مامرو، ورهہ ويچارن
ڪنبن ۽ ڇڄٽن، پٽون جي پاتار جا.

(31)

وٺين هٺي وڃائيو لڙ جو هيٺ لئي
ٿان پيتائين پيئيون جائون منجهہ جيءَ
بوڙون منجهہ ٻهي، ٿو ڪنگ ڪجاڙيان پائيين.

(32)

تہ سپن ۾ کي سپجي، ھڪھا ڪوھہ ٻجھن
ڪنگ ڪانيرا ڪانئرا، اوڏھان ڪين اچن
سندي ذات ھنجھن، منھن ڪوڙيو موتي چڻي.

(33)

پکي پيھي نگيا، منجھان لتن لک
ڪنھين ماڻڪ ميڙيا، ڪنھين رتا پک
پلٰيءَ لائي لک، وجي گڏيو ھنج حبيب کي.

(34)

جو سر بگهہ وَتاريو، ڪلوريو ڪنگن
ايندا لج مرن، تنھن سر متي ھنجھڙا.

(35)

آءَ اڏامي ھنجھڙا، سر ۾ ساريندئي
مڇڻ مارينديئي، پاريڙين پھہ ڪيو

(36)

سو پکي، سو پيرو، سو سر، سوئي ھنج
پيھي جان پروڙيو مون پنھنجو منجھہ
تان ڏيل جنھن جو ڏنجھہ، سو ماري ٿو منجھہ ڦري.

(37)

ھنجڙو ھيڪڙو چڻي ۽ چينگاري
ڪينجھر ٻنهي ڪنڌئين، ٿو سانبيڙا ساري
جيڪا رضا رب جي سو پکيڙو پاري
وتئون ويچاري، وڳر سب وھي ويا.

(38)

ھلڻ ھارا ھنج ٿيا، پک ٿا سنوارين
تان تان تنوارين، صبح سنبھي ھليا.

(39)

صبح سنبهي هليو سيڪو پاڻو واڻي پاڻ
روئي ڪن رهاڻ، هنج هليائي ڏينهڙي.

(40)

سر پئي سڪائون، تين سانجهيءَ ويـر
گهر گهاريندي ڪيس هيڪلي ري سجڻين.

صدا

سائيئڙا ادا هو نينهن مَ ڇنيجاهه
رهي رات پنيور ۾ آئين صبح هليجاهه
1. ڳجهي آهيم ڳالهڙي، اوءِ ادا آن سين نه ڪا جي
2. آن ويلي واٽ تئي هي ماٺ منهنجو ساه جي
3. هنجهه جن جو هيرئون سي وڳر ويا وهي.

صدا

هنج اَهنجڙي هيج هيج، ڪير اوريندي پکهه سين
1. ماڻڪ چوڻو جن جو موتي سندن ڏيج
2. سر ۾ پئي سڪاريا، رهي ڪيائون ريج

صدا

هادي الو سائين الو مون مَ ڇڏيجا
ور وراڪا ويڙئين، مون ڪرم ڪريجا
1. هن نينهن نمائيءَ ڪي اوهين ڪنهن گت گڏيجا.

* * *

سرُ بروو

بيت

(1)

دانهن دردمند جي، ٻڌي ڪونہ ٻيو
اهڙو حال ٿيو اڄ عاشقن جو

(2)

آڏو ٿيئين سڄڻا، وڃي نہ واءُ
تن منهنجي تاءُ هوند نہ ڪيو ايترو

(3)

ثابت ٿيا سپرين، ڪو مون اڄي چوءِ
اندر رت نہ روءِ، ٻڌر وڃهان پريتڻو

(4)

هنيون سڪو ڪاٺ جيئن، وڃي ٿو واڍو
ڏکن ڪيو ڏاڍو، وهي واريءَ مٺ جيئن

(5)

نالو ڳنهين نينهن جو، لڄائي آئون
مونهان مٿاهون، قدم قريبن جو

(6)

ماءُ ڦوڙائو مون ٿئي، ڪڏهين ٿئي سيڻان
ڪڏهين منجهہ وٺان، ڪڏهين ڏکين ٻڌرو

(7)

سينڌا مون جي سپرين، ڦوڙائي ويا
اندر آهي ڪا، سندي سيڻن ڳالهڙي

(8)

پاڻهين ميڙائو ڪن، ڪڏهين ڦوڙائو
ڪڏهين چاڙائو، ڪڏهن سڪي سير جيئن.

(9)

"صادق" سينڌا نہ سپرين، من گهنڊي منهن گهور
پاڻان ڏيهون پور، سڄو ڏينهن سوريءَ تي.

(10)

"صادق" سينڌا نہ سپرين، ڪڏهن ڏکن ڏنجهہ
ڪڏهن هينئين منجهہ، ڪڏهن چڪي پاڻ ڏي.

(11)

اڃي پيئي پاڻسين، مت موڙهي مان
سا سَہِ جيئي سور تي، هوءَ جا چئي ان
ڪڏهين سيڻن سان، ڪڏهين نيهون پاڻ ڏي.

(12)

نالو ڳنڍو سڄڻين، جو وساريان وِهو
تان چٽڪي چت پيو مونهان لڪن پاڻ پر.

(13)

وڃ تون وسري، مون ڪي چيائون
اي پهہ ڪيائون، پوءِ سامهان ٿيا سپرين.

(14)

ڏيو ڏيل ڏکن پر، وساريان ويني
مون سين ڪري ڏيني، آئي ڏنائون اڳهين.

(15)

اتي گڏيا سپرين، جت وسري آئون
دل چڏيون دانهون، ويٺي ويچاري نڪري.

(16)

مون منجهان پڌرا ٿيا، مون کي وڃائي
سرتيون ان ساهي، رات منجهان ٿي ڏينهن ٿيو

(17)

"الانسان سري و أناسره" جتي چيائون
اندر ٿي آئون، پڌر ٿيا سپرين

(18)

وساريان وسار سين، سهي ڪيو سيڻ
ٿيا نهارا نيڻ، مون ڏانهن معشوقن جا.

* * *

صحت نامو

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
6	8	بَدام	پدام
6	8	بدامائن	بدامن
6	8	جي ڪٽي جيئن چيڙي	جي چيڙي
7	2	واهڙ	واهڻ
15	15	لنگهن بہ لوڏي	لنگهڻ لوڏي
17	25	ڄاڙين جي جمات	ڄاڙين جي جمات
20	5	اونر.. خرينا	انڙ.... خزينا
20	9	آهي ڪاڪر ڪاري	جي ڪوڪر ڪاري
21	5	تڏهين تنين ڪيا ٿي، لوڙ لڏوٿي ڪنڏئين	تڏهن تني ٿي، ڪيا لوڙ لڏوٿي ڪنڏيين
22	7	آئيا	آيا
22	27	دائم	دام
23	5	ڏنو	ڏنوءِ
23	28	ري	آن ري (= اوهان کان سواءِ)
24	2	ڪڙهي ڪاڪ	ڪاڪ ڪڙهي
24	9	اڄ پرين	وڄ مَر پري
24	24	رائي	راٿي
24	27	پهرياٿون پدمٺيءَ	پهريا پدمٺيين
25	9	وهين	وَهيين
25	8	مينڌري ڪي	مينڌري
26	6	وانگر	وانگي
26	16	پيا پسين	پيا نہ پسين
27	12	روچي	روحي (؟)
30	5	موٽي اڄن جي هوت منهنجا	موٽي اڄن جي، هوت منهنجا هتهين
30	11	هن..... راڄ	هِن .... راڄ ۾
32	3	وڙهيا	ويڙهيا

صفحو	ست	غلط	صحيح
32	8/4	ڪاري	ڪاري
32	11	سوڍو	سودو
32	20	سور	سون
22	24	ڪارنپار	ڪارونپار
33	21	پاڻ ٽيا	ٽيا
34	9	ڏيہ	ڏي
34	22	ننگرئون	ننگرئو
35	8.5.2	سنگهارن	ساموندين
38	9.8	ڪري	ڳري
39	8	ڪره	ڪڙه
39	16	جماجن	جماجان
39	17	لڪن	لَڪان
39	18	سونهن	سونهان
39	24	سڪجي	سگجي (؟)
39	26	جوتي	جوٽي
41	8	آءٍ ٿو	آءٍ ٿي
42	12	ڏٽي	ڌٽي
42	21	جڪر	جڳر
42	24	لڪيون	لڳيون
43	12	چانت	چات
45	5	مئي... گورا	ميي...... گوڙها
45	16	ويسلين هٽ.	ويسلين. هٽ
46	10	ويهي منجهه	ويهي نہ منجهه
47	13	مون سائي	مون پڙ سائي
48	14.12	آڙيون	آئڙيون (؟)
48	23	مٽڙن	مٿان
50	4	هي جو اندر داغ ڏاري	وٿين جو اندر داغ ڌري
50	18	مون ڪانڌ نہ ڪوٺي	جي مون ڪانڌ نہ ڪوٺين
51	26	اڳوٺي	رڳوٺي
51	2	جي تون	جٿن تون

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
51	16	نور ناهي	نور نائي
52	21	دوستان	دستئان
53	9	لايوئي... لايو	لائي.... لائي
54	8	گريءَ	گهريءَ (؟)
56	27	تان	تان نہ
56	5	جن جا	جن
56	9	مَري	مڙي (؟)
56	12	وچڙي... سا گهاري	وجري..... جٺن سا كاري
56	15	ڪانئيءَ	ڪانئي
56	24	پرنيتٺو	پريتٺو
56	25	تان سور أنهي سيج. جو لاهيندڙ ڪولهي	تان سين سور سهيج. جان لاهيندڙ ڪولهين
57	24	باروچا	باروچن
59	10	پڄاڻان	پڄاڻان پوءِ
60	12	لله	الله
62	12	پٺهيار تہ.	پٺهيار. نہ
64	عنوان	اضافو ڪريو: سرڪاپائتي ۽ 64، 65، 66، 67، 68 ۽ 69 صفحن جي بيتن جا نمبر (1) کان شمار ڪريو.	
64	2	پڇي پڇيائون	پڇي پڇيائون
64	26	ڪرڪا پِرڪند ٻيءَ	ڪرڪاپوڪند ٻئي
65	سرو	سر آسا	سرڪاپائتي
65	5	جي هيڪلي پيرين جي. تون اهرين تن ڪا تار	جم هيڪلي پيريين. توٺي تون ڪا تار
66	26،20	آتڻ پر	آتڻ
67	سرو	سر آسا	سرڪاپائتي
67	21	ڪاپوي	ڪا پوي
69	سرو	سر آسا	سرڪاپائتي

صحيح	غلط	سٽ	صفحو
لوڙيان	ٿوريان	3	70
انهن (؟)	مارونڙن	19	70
تن اوهان تاري	تن اوهان جي تاري	13	71
ٻانهين، ٻاڪين، ٻنڙين (؟)	ٻاهين ٻڪين ٻترين	20	75
بندياڻين مٿي، ٻه ٽي ٿوڪ	بندياڻيون، مٿي ٿوڪ	10	77
موهر (؟)	موهه	20	77
ٻاريءَ ٻانهن (؟)	ٻاري ٻانهن	4	80
ٿر	ٿار	24	82
ساڻ	سان	8	83
آسانگا	حيلا	20	83
جلي	جليءَ	5	84
منجهئي (؟)	مَي جو	22	84
دور ٿيون	دور ٿيو	6	85
"الله"	"لله"	6	90
لکي	لکي	8	90
تير نه راس (؟)	قير فراس	18	91
سکهي ڪين سهي	سکهي ڪين سکهي	12	92
سپرين	سيري	25	92
نه سي	سي	26	92
سپرين	سيري	2	93
جو صديق	جو، صديق	21	93
اگها	آگا	28	93
سجو سڦرو	سجو ۽ سڦرو	11	95
ڪاسائن نه	ڪاسائن ٻه نه	19	95
ويا صديق	ويا، صديق	23	95
أن تموتوا	الأنتَ موتوا	24	100
صدا پهرين جون 4 ۽ 5 ٻه مصراعون، صدا 3 جي آخر ۾ رکو.		12	101

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
101	12	ڪيئن ويسليون	ڪيئن وهن ويسليون
101	صدا تي جي آخر ۾ صدا پهرين پڇاڙي واريون ٻه مصراعون اضافو ڪريو.		
102	صدا پهرين	دراصل صفحي 101 جي صدا چوٿين جون پويون ٻه مصراعون آهن. جيڪا هن ترتيب موجب بيهندي.	

صدا

آءٌ پهتيس سيئڻ سينءَ، پوري چائيم ائين

لالچ تنهنجي لوڪ ۾ ڪامل چائي ڪيئن

1. ڪڏهن شادي، غم ڪڏهن، ميان او هونءِ هونءِ هيئن
2. لوهار ڪري لوهه سين، ميان او چيرو ڪري جيئن
3. تون پڻ وجع ڪا ساعت، ميان او سپڪنهن سيئن
4. توڪي مرادون من ۾ ، ميان او آهن خاميون ڪيئن
5. نالو وٺن نينهن جو، ميان او سي چڙهن چيئن.

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
105	15	لکي	لڳي (؟)
112	4	چاتيون	چتيون
120	28	جو.. پيدا نہ ڪئي	جا.... پيدا ڪئي
125	5	سِٽ سَٽ	سَٽ سَٽ
126	3	ڪش	ڪش
127	19	نِسري	نہ سري
127	27	وير جا	ويڙ جا (؟)
128	2، 6، 10	وير جا	ويڙ جا
129	14	جي	جٺن (؟)
135	9	پريتڻي ڪي	پريتڻي
135	22	ماجوتي	ماجوني
137	16	پڙان	پران
137	20	جهل مَ مهار	جهل مهار
143	13	چجيئن	چڏيين
143	28	تان سري	تان نہ سري

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
148	28	ڏسڻ گهر ڏور	ڏسڻ ۾ ڪر ڏور (؟)
149	16	صنعت	صفت (؟)
150	8	رَت ۽	رت
151	19	مري	مرين (؟)
151	22	تان پري	تان نہ پري
153	23	ڪرڪي	ڪٽڪي
158	26	تان ترار	تان نہ ترار
159	9	ڪريا	ڪرماءِ
159	14	وتان هاڻ ويو	وتان ور هاڻ ويو (؟)
159	17	ڪرنگهہ	ڪرنگهر
160	6	ٻهو	ڀهو
160	15	اي ڏس ڏيندا	اي ڏونگر ڏس ڏيندا
163	9	ڪرڪو	ڪڙڪو
163	10	ڦڙڪو	جو ڦڙڪو
113	19	توراڪ	توڙاڪ
165	5	جي	جٺن
165	22	ٿئي	ٿئين
167	23	نيش	نيس
173	25	وسان	وسا
175	4	سن	سڻ
177	7	ڳيري	ڳنڀيري (؟)
180	7	ڪر	ڪر ڪا (؟)
183	8	لله	الله
188	7	رتائين	رتائين
188	10	ڪبريين	ڪبڙيين
195	13 ۽ 18	وڳيا	واڳيا
198	عنوان	سر سوڍڙو	سر سوزڙو
199	20	ان ڪلي	اڻ ڪلي
200	8	گهاءِ	ڪاءِ
201	4	سجي.... سِرءِ	سَجي.... سڙهہ

صحيح	غلط	سٽ	صفحو
ڪي	ڪِي	12	202
ڪٽن	ڪَرن	12	203
پوٽي (پٽي)	پوري	17	203
ڏور	نور	24	203
ڏاڪٽر	ڏڪٽر	6	204
ڪامل	ڪمل	10	204
مَنهن	منهن	13	204
انگهن	اگڻ	15	205
انگهن	انگن	14	207
ڪيڙ (؟)	ڪير	5	208
ويڙ (؟)	وير	6	208
ڪنيو (؟)	ڪنو	14	208
گهنٿيج (؟)	نٿيج	21	209
انگهن	اگڻ	13	210
ووڙ جا	ووڙَ جا	20	210
چٿيج	چٿيج	4	211
اي (؟)	ري	3	212
پاتار ۾	پاتار	14	212
سَمي	سمي	15	212
ڪَر	ڪر	17	212
سَمي	سمني	3	213
ڏوڏانهان	ڏڏانهن	10	220
پَڃ	پڃ	7 ۽ 13	222
پريانه	پريان	14	222
اوجل ڪوتان	اوجل ڪونا	10	226
ڪي چلرڙا نہ ڇتائين	ڪچل را او وو نہ ڇتائين	4	228
آٿونڪر	اوڪر	6	228
تنبوڙ (= تنبور)	تنبور	16	228
جهنگ جهبير	جنگ جهبير	23	229
رَمزَ	رَمَز	16	230

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
231	18	جران	جراءِ، جڙاءِ
231	19	گهران	گهراءِ
231	20	دران	دراءِ
237	3	سانگ	ساٽ (؟)

243 صدا ڀھرين جي ٿل جون ٻہ مصراعون هيٺ صدا تي ۾ شامل ڪريو. ان بعد
هن صدا جي ترتيب هن طرح بيھندي!
ڳجهي آهيم ڳالهڙي، او ادا آن سين نہ ڪا جي
1. آن وينَي واٽ ٿئي هي مانَ منهنجو ساهہ جي
2. هنجهہ جن جو هيرئون سي وڳر ويا وهي.

243 صدا تي ۾ ڀهرين صدا جو ٿل شامل ڪرڻ بعد ترتيب هن ريت بيھندي:
سائيڻڙا ادا هو نينهن مَ ڇنيجاهہ
هادي الو سائين الو مون ۾ ڇڏيجاهہ
1. هن نينهن نماڻي کي اوهين ڪنهن گت گڏيجاهہ
2. ور وراڪا ويڙهين، مون ڪرم ڪريجاهہ
3. رهي رات ڀنڀور ۾ آئين صبح هليجاهہ

فقير صاحب صوفي محمد صادق سومرو



راڳ نامو

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

CULTURE DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي ڄڱَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمَ- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)